

# رابندر ناٿ ٽئگور

## شخصيت، ڪهاڻيون ۽ ڪردار

منصور قادر جوڻيجو

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

# رابندر ناٿ ٽئگور

## شخصيت، ڪهاڻيون ۽ ڪردار

منصور قادر جوڻيجو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڪتاب نمبر 205
حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: رابندر ناٿ ٽئگور
موضوع:شخصيت ۽ ڪهاڻيون
ليکڪ: منصور قادر جوڻيجو
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2019ع
ٽائيٽل:مهراڻ سهتو
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966
مُلهه: 300/=
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN: 978-969-737-006-1

# Rabindranath Tagore

(Personality, Storie's & Character)

**By: Mansoor Qadir Junejo**
**Sambara Publication Hyderabad**
sambra.publication@gmail.com
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


- رابندر ناٿ ٽئگور — منصور قادر جوڻيجو — 05
- ليڪ طرفان: ٽئگور جي سنڌ ياترا
  ۽ شاهہ لطيف...!! — منصور قادر جوڻيجو — 06
- ڀهرئين ڇاپي جو مهاڳ — گرڌاري ورومل ڪرپلاڻي — 07
- مهاڳ: قلم جن قوم سان ڳنڍيا.... — تنوير جوڻيجو — 09

○ ٽيگور تي هڪ نظر: 1861ع کان 1941ع
  [وقار خليل] — 13
○ رابندر ناٿ ٽيگور — [رامانند چيٽرجي] — 22
○ ٽيگور جي شخصيت — [مولانا ابوالڪلام آزاد] — 24
○ گيتان جلي — [ڊاڪٽر عبدالرحمان بجنوري] — 26
○ گيتان جلي — [ڊبليو. بي. ايٽس] — 29
○ آئون هڪ شاعر آهيان — [ٽيگور] — 35
○ ٽيگور ۽ سندس دؤر — [سگاتا بوس] — 36
○ ٽيگور، گيتان جلي ۽ نوبل انعام — [نلنجن بينرجي] — 40
○ رابندر ناٿ ٽيگور جو لافاني شاهڪار
  ”گيتانجلي“ — [راحيل اقبال] — 45
○ ٽيگور جو شانتي نڪيتن — [وسعت الله خان] — 48
○ جيون ڪٿا — 50
○ ٽئگور قومپرست شاعر — 54
○ ڏارين خلاف ڏڪار (لطيف کان ٽئگور تائين) — 57
○ ادب جو عالمي نوبل انعام ۽ ٽئگور — 65
○ ٽئگور ۽ مهاتما گانڌي — 68
○ ٽئگور وٽ محبت جو تصور — 70

○ ساهت ۽ ساهتيڪار 73
○ ٽئگور سنڌ جي دوري تي 76
○ ٽئگور دنيا جي دوري تي 80
○ غلام سچ جو آزاد روشن ڪردار 87
○ اندرا ديوي چوڌرياڻي جي نالي لکيل خط! 96
○ شانتي نڪيتن جي هڪ پروفيسر جي نالي لکيل خط! 98
○ رابندر ناٿ ٽيگور جي چند نظمن جو ترجمو 99


## ڪهاڻيون


• فقيراڻي 105
• دان بدلي دان 112
• گپت ڌن 120
• گهر جي چڪ 136
• ڪِڪو ديوان 143
• ماستر صاحب 151
• گيت ڪهاڻيون 178
• وطن پرست اڳتي وڌ 178
• او نوجوان! او نوجوان 178
• نئين سال جي آجيان 179
• آجيان 180
• ناهي ويل ويهڻ جي 180
• بيعزتي 181
• انصاف 182
• ٻوڙي اچو 183

# رابندر ناٿ ٽئگور

عالمي ادب ۾ رابندر ناٿ ٽئگور جو نالو ادب جي آسمان تي روشن سج جيان آهي. نوبل انعام ماڻيندڙ ننڍي کنڊ جو هو نهايت ئي وڏو ۽ عظيم اديب ۽ شاعر هو. مون کي ڪراچيءَ جي پراڻن ڪتابن جي بازار مان هڪ سؤ سال کن پراڻو ڪتاب هٿ آيو جنهن ۾ رابندر ناٿ ٽئگور جون ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ هندي ٻُليءَ جا ٻه ڪيترائي لفظ موجود هئا ڇو ته اهو ڪتاب ٽئگور جي هڪ سنڌي شاگرد محترم گرڌاري وروومل ڪرپالاڻيءَ جون ترجمو ڪيل هيون. اسان کي رڳو اهو پڌايو ويو هو ته سنڌ مان رڳو هڪڙو سنڌي سوپو گيان چنداڻي شانتي نڪيتن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو هو پر، جڏهن مون اهو ڪتاب ڏٺو ته مون کي ڏاڍي خوشي به ٿي ۽ فخر به ٿيو ته ڪيترائي پيا به سنڌي رابندر ناٿ ٽئگور جي جوڙيل يونيورسٽي شانتي نڪيتن ۾ پڙهيا هئا.

شري رابندر ناٿ ٽئگور جي هن ڪتاب ۾ ڪيتريون ئي چونڊ ڪهاڻيون ۽ گيت ڪهاڻيون ڏنل آهن، جيڪي ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ترجمو ٿي ڇپيون. محترم ڪرپالاڻي صاحب اهي ڪهاڻيون پنهنجي استاد ۽ هن صديءَ جي مهان ڪوي کي پيتا طور ترجمو ڪري ڇاپيون، جنهن ۾ ڪيترائي هندي ٻوليءَ جا لفظ شامل هئا. هن ترجمي ۾ انهن لفظن جي جاءِ تي موجوده نج سنڌيءَ جا مُروج لفظ ڪتب آندا ويا آهن، ڇو ته ڪرپالاڻي صاحب جا ڪتب آندل لفظ موجوده دؤر ۾ استعمال ڪونه ٿا ٿين. هن ترجمي ۾ ڪٿي ڪٿي شهرن، جان جڳهن ۽ ڪردارن جا نالا پڻ ڦيرائي ڏنا ويا آهن. باقي ڪهاڻين جي روح ۽ رس چس سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙڇاڙ ن ڪئي وئي آهي. ان جو پيغام اهوئي برقرار رکيو ويو آهي.

منصور قادر جوڻيجو

## ليکڪ طرفان

# ٽئگور جي سنڌ ياترا ۽ شاھ لطيف...!!

بنگال جي ڌرتي ۽ بنگالي ٻوليءَ جو مهان فلسفي شاعر رابندر ناٿ ٽئگور جڏهن سنڌ ۾ آيو تہ ڇا... هن سنڌ جي عظيم فلسفي شاعر شاھ لطيف جي مزار تي حاضري ڀري هئي يا نہ...؟!!

”ڪن جو چوڻ آهي تہ جڏهن ٽيگور سنڌ ۾ آيو تڏهن ”ڀٽ شاھ“ يا ”شاھ لطيف“ سنڌي ساهت جو مرڪز نہ هئا. ڇو تہ لطيف کي سنڌ اندر ڀڄائيندڙ پير جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو ويندو هو.“

پر هڪ خط آيو ان ۾ هي لفظ لکيل هئا تہ ”جڏهن ٽيگور سنڌي اديبن سان گڏجي لطيف تي ڳلن جي چادر چاڙهڻ ويو تڏهن سندس مزار آڏو بيهي بي اختيار هي لفظ چيائين تہ مون کي خبر ٿي نٿي پوي تہ لطيف سنڌ آهي يا سنڌ لطيف آهي.“

جيستائين منهنجو تعلق آهي، مان ائين چوندس تہ ”جيڪو ماڻهو سنڌڌرتيءَ کان واقف هجي، جيڪو ماڻهو (ٽيگور) سنڌين لاءِ هيئن چوي تہ سنڌي سمجهو سياوَجا آهن. اهو ماڻهو لطيف کان اڻواقف هجي سا هڪ اڻ ٽيٽي حقيقت ۽ نہ مڃڻ جوڳو سچ آهي.“

وڌيڪ منهنجون اکيون دوستن جي راين لاءِ واجهائينديون.

**منصور قادر جوڻيجو**

تاريخ: 2 سيپٽمبر 1983ع

# پهرئين ڇاپي جو مهاڳ

سن 1903ع ۾ مان ڏهين ورهين جو هوس. مائٽن سري رويندر ناٿ ٺاڪور جي سڪول شانتيڪيتن ۾ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ موڪليو. اهڙي ننڍي اوستا ۾ شاعر جي شان وڏائي جو تہ خيال بہ ڪونہ پيو. دنيا ليکي زماني جو اوليا ۽ ڪوي، پر اسان وديارٿين واسطي مربي ماستر. ڪڏهن ڪڏهن ڪلاسن ۾ پڙهائڻ بہ ايندو هو. ساڳئي وقت مونسان گڏ سڪول ۾ هڪ مرهٽي وديارٿي پڻ پڙهندو هو. عمر ۾ مون کان ڪي ڪجهہ وڏو هو. بنگال ۾ اسين ٻئي بہ ڄڻا پرديسي، سو پاڻ ۾ لڙهہ وچر گهڻي هوندي هئي. هي يار وِت آهر شاعر جا ڪتاب مرهٽي ۾ ترجمو ڪندو هو. هن کي ڏسي مون کي بہ ريس ٿيندي هئي. پر طاقت ڪٿي. خيال ڪيم تہ وڏي هوندي ڪي ڪتاب شاعر جا ترجمو ڪري پنهنجي سنڌي ڀاين اڳيان پيش رکندس. پر جلدي شاعر جو نالو هند سنڌ ۾ وڄي ويو. اهڙي مها پرش جي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ لاءِ بہ چريت گهرجي. ترجمو اهڙو تہ هجي جنهن مان شاعر جي بنگالي خوش نويسي جي ڪجهہ خوش بوءِ تہ اچي. اهڙي طاقت پاڻ ۾ ڪانہ ڏٺيم. پر جواني بي پرواهہ ٿئي ٿي. ڪجهہ آڪاٽيون جدا جدا ڪتابن مان ترجمو ڪري وڌيم. پر ڇاپي ڪير؟ سنڌ ۾ ڪتاب ڇپائڻ آهہ گهر جو گهاٽو. اهرا ڪم ڪن وڏن وڏن پگهارن وارا پروفيسر يا ڏنڪ ماٺهو. غريبن جي جاءِ ناهہ. ويچار ڪري لنگهي ويس مسٽر ڄيٺمل پرسرام وٽ. هن ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو ڪم پاڻ تي ڪنيو. انهي جو نتيجو پڙهندڙ اڳيان رکجي ٿو.

جي هي ننڍو ڪتاب پسند پيو تہ ٻيا ڪي ڪتاب شاعر جا ترجمي ڪرڻ جي همٿ ٿيندي. ڪوي جا ڪتاب دنيا جي گهڻن

ٻولين ۾ ترجمو ٿي ڇپجي ويا آهن. افسوس آهي ته سنڌ ۾ انهي پاسي لکندڙن خيال اجا ڪونه ڏوڙايو آهي. اميد ته سنڌ ٻين هندستان جي زبانن کان پوئتي نه پوندي.

ڪوشش ڪري شاعر جا خيال شاعر جي اکرن ۾ ڏنا ويا آهن. ڪن آڪاڻين ۾ نالا جاين توري ماڻهن جا ڦيرائي سنڌي رکيا ويا آهن. انهي واسطي معافي طلب آهيان.

**گرڌاري ورو مل ڪرپالاڻي**

19 فيبروري 1927ع

## مهاڳ

# قلم جن قوم سان ڳنڍيا....

سچل سائينءَ جي عاشقن جو جيڪڏهن ذڪر ڪبو تہ سڀ کان اڳيرو نالو نظر ايندو سائين علي اڪبر درازيءَ جو. ۽ انهيءَ حوالي اسان جيڪڏهن ذڪر ڪبو تہ نئين ٿهيءَ ۾ لطيف سائينءَ جي عاشقن ۾ سڀ کان مٿانهون نالو ايندو قادر جوڻيجو جو.

"فلسطين جي قومي جنگ"، "لطيف سنڌ آهي" ۽ بنگال جو "لطيف رابندر ناٿ ٽيگور" تائين.

هر ڪتاب سنڌ ۽ لطيف جي حوالي سان، ٻين سان هڪ ٻيٽاٽو اپياس آهي، سنڌ لطيف آهي ۽ لطيف سنڌ آهي. ٻنهي کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. قادر هميشہ لطيف ذريعي ئي سنڌ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سنڌ جو هر مسئلو سندس مسئلو آهي، سنڌ جو پورهيت، هاري هو پاڻ آهي، سنڌ جو شاگرد هو پاڻ آهي. پنهنجن ڪتابن ذريعي هڪ طرف نہ فقط هو سنڌ سان لاڳو مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو پر ٻئي طرف امن دوستي ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو درس بہ ڏئي ٿو.

ممڪن آهي تہ سندس هي ڪوششون نعري بازيءَ واري ادب ۾ شمار ٿين. پر هر دور ۽ هر عمر جي ڪا مخصوص تقاضا بہ ٿيندي آهي. ۽ قادر عمر جي نهايت پرجوش ۽ جذباتي مرحلن مان لنگهي رهيو آهي ۽ ڪابہ لکڻي پنهنجي پنهنجي شخصيت جي آئينہ دار هوندي آهي. سو جيڪو حال حبيبان سو پيش پرين مصداق، پنهنجي سوچ، پنهنجا جذبا، پنهنجا جوش، پنهنجا ولولہ عوام تائين رسائي رهيو آهي. جيئن ٽئگور چيو آهي، "اديب جو فرض هجڻ کپي تہ هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي بيداري ۽ جوش جا گيت ڳائي، انسانن کي خوشي ۽ اميد جا نغما ٻڌائي ڪنهن کي بہ نااميد ۽ نڪار ٿيڻ نہ ڏي ملڪ ۽ قوم جي خيرخواهيءَ کي شخصي

غرضن کان مٿانهون ڪري ڏسي. قومي مفادن وارو جذبو جاڳائڻ هر ننڍي توڙي وڏي اديب جو فرض آهي.“

اهوئي فرض قادر پڻ نڀائي رهيو آهي. وقت بوقت ننڍڙا ڪتاب يا ڊگها مضمون عوام آڏو آڻيندو رهي ٿو. ۽ جيڪا به شيءِ ڏسي ٿو سنڌ جي حوالي سان پوءِ اها فلسطينين جي قومي جنگ هجي يا بنگال جو ٽئگور.

قادر جوڻيجو جي هڪ ڪتاب فلسطين جي قومي جنگ جي مهورت تي تقرير ڪندي ڪجهه لفظ چيا هئم جي اڄ ٻيهر پئي دهرايان.

”عقلمند ۽ ڏاهيون قومون تواريخ جي ورقن ۽ ٻين جي تجربن مان گهڻو ڪجهه پرائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ڇاڪاڻ ته وقت محدود هوندو آهي ۽ تجربا لامحدود ماضيءَ جا تجربا هميشه مستقبل لاءِ مشعل راهه بڻبا آهن.“ سو هن ڀيري قادر- ٽئگور جي حياتي جي خاص خاص واقعن کي، آڏو رکيو آهي، جن مان ٽئگور جي سرگرمين، حالتن ۽ ذهني لاڙن جي پروڙ پوي ٿي.

هونئن ته گهڻائي واقعا قابل ذڪر آهن. پر آءُ هت جنهن واقعي جي نشاندهي ڪنديس سو هن ريت آهي.

هڪ ڀيري ٽئگور جو آگري وڃڻ ٿيو. ڪيس وئيشيه بورڊنگ ۾ گهرايو ويو اتي هندستاني شاگرد ٽئگور سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو ٽئگور ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ ڳاڙهو باهه جهڙو ٿي ويو ۽ شاگرد کي ڏمال ڪڍندي چيائين ته جيڪڏهن ڪو انگريز مون کي اهڙي ولائتي انداز ۾ ڪيڪاري ها ته جيڪر مان ان جي ڳالهه سمجهي سگهان ها. پر جيڪڏهن ڪو هندستاني مون کي اهڙي جهنگلي انداز ۾ ڪيڪاري سو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. مان ٻيهر تنهنجي يا ڪنهن هندستانيءَ جي واتان اهڙي عجيب ٻولي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان.“

يعني ته زور ان ڳالهه تي ته ”جيڪڏهن ڪو .انگريز اها ٻولي ڳالهائي ها ته سمجهي سگهان ها.“

ادب جي عالمي نوبل انعامن جي سلسلي ۾ هڪ جاءِ تي لکيل آهي.

”ٽئگور ٻيو ڀيرو 1912ع ۾ انگلستان جي سفر لاءِ اسهيو ان زماني ۾ هن پنهنجن تخليقن کي لنڊن جي ادبي حلقن ۾ واقف ڪرايو جن کي هن پاڻ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جڏهن يورپ ۾ سندس تخليقن

جي مقبوليت ۽ شهرت تمام وڏي ويئي تہ ڪيس ادب جو بين الاقوامي نوبل انعام مليو۽ ٽئگور هينئر تائين هندستان ۾ ننڍي ڪنڊ جو پهريون شاعر آهي، جنهن کي ادب جو نوبل پرائيز مليو آهي.“

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اسان وٽ ماڻهن جي کوٽ آهي يا ادب جي؟ يا ماڻهن ۾ ذهني صلاحيتن جي فقدان جي.

دراصل ائين بہ نہ آهي. اسان وٽ مسئلو آهي Communication جو. بين تائين ابلاغ جو.

ابلاغ ۽ Communication لاءِ ضرورت آهي وڌ کان وڌ ٻولين سکڻ جي وڌ کان وڌ اظهار قوت جي ڪاڻ ٻولي بذات خود علم آهي ڏانءُ آهي اضافي قابليت آهي. ٻولي ڪنهن جي بہ هجي ڪهڙي بہ هجي ان تي مهارت سٺي ڳالھ آهي، ان کي سمجهڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ مان فائدو ئي فائدو آهي ڪو نقصان ناهي. البت پنهنجي شي کي گهٽ سمجهڻ نقصانده ڳالھ ضرور آهي ۽ احساس ڪمتريءَ جو اهڃاڻ پڻ آهي.

سو زور ان ڳالھ تي نہ ڏجي تہ ڪا شي ڪا ٻولي ڪو علم سکجي ئي نہ.

وقت حالتون ۽ Trends هر دور ۾ بدلجندا رهندا آهن. انهن سان وک وک ۾ ملائي هلڻ ئي دانشمندي آهي، عقلمندي آهي. خصوصاً علم ۽ سکيا جي ميدان ۾ هونئن بہ هن دور ۾ دنيا. فرد لاءِ محدود ٿي رهي آهي، جاگرافيائي حدون ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيون آهن. اهو ڏينهن بہ ڏور ڪونهي جو ”انسان خدا جي نائب عالمي قانون پٽاندر زندگي گذاري“ ۽ اهڙي وقت ۾ ڪم ايندڙ آهي مقابلي ۽ چٽاپيٽيءَ جي قوت. پنهنجو زور بارو. پنهنجي ذهني راءِ ۽ ذهني قابليت. هونئن بہ هر فرد کي پنهنجي راءِ رکڻ جو فطري حق آهي ۽ ضروري ناهي تہ ٻيو فرد ان سان اتفاق بہ رکي. اختلاف راءِ بہ ٿي سگهي ٿي، پر راين جي اختلاف کي ذاتي دشمني ۾ بدلائڻ سخت بي وقوفي ۽ ناداني آهي.مهاتما گانڌي ۽ ٽئگور ۾ اگرچہ ڪن ڳالهين تي اختلاف بہ رهيا. پر سندن دوستيءَ ۾ اهي حائل نہ ٿيا.

جيئن هڪ هنڌ ڪتاب ۾ لکيل آهي. ”۽ ساڳئي سال ولائتي ڪپڙي ساڙڻ تي پڻ ٽئگور ۽ مهاتما گانڌيءَ وچ ۾ سخت اختلاف ٿي پيا. پر اهي اختلاف ڪڏهن به ذاتي معاملن يا ذاتي بنيادن تي نه ٿيا. پر هر مسئلي جو بنياد قومي وجود جي بقا ۽ آزاديءَ تي هئو ۽ هر تنقيد براءِ اصلاح هوندي هئي. فرق اهو هوندو هو ته ٽئگور ساهتيڪار جي حيثيت سان ايندڙ نسل بابت سوچيندو هو.“

ٽئگور جي ادبي رجحانن ۽لاڙن جي باري ۾ ذڪر ڪندي، قادر اتليءَ جي هڪ ڪلاڪار رومن رولانڊ جي لفظن جو ذڪر ڪري ٿو. شايد سنڌ جي اديبن جي جديد رجحانن ۽ لاڙن کي ڏسندي ”اسان کي صرف پنهنجي جذبن جي اپٽار نه ڪرڻ کپي، پر ٻين جي اڻ پوري اميد کي به ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ گهرجي.“

ٻئي هنڌ تي قادر لکي ٿو ته. ”ٽئگور جي نظر ۾ اهڙو مهان ساهتڪار پيدا ٿيو ئي ناهي جنهن جي ساهت ۽ رچنائن جي ڳچ حصي ۾ سماجڪ ڀلائيءَ جي ڀاونا لڪل نه هجي ۽ جيڪو فقط رس ۽ روپ جي زور تي مهان بڻيو هجي.“

هڪ ڳالهه واقعي تعجب خيز لڳي ٿي ته ٽئگور سنڌ ۾ اچي ۽ لطيف جو ذڪر نه ڪري؟

مسئلو شايد وري به ابلاغ جو اچي ٿو.

بهرحال قادر پنهنجا ڪتاب لکندي سنڌ جي هر شي ادب، سياست، سماج کي آڏو رکي ٿو ۽ مشعل راهه ڏيکاري ٿو خدا شل کيس پنهنجي مشن ۾، پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪندو پر هي دور محنت جو دور آهي، چٽاڀيٽيءَ جو آهي، علم جو آهي، سکيا ۽ درست Realization جو آهي.

مهاڳ جي پڇاڙي ڪنديس قادر جي هنن اکرن سان.

”جيڪي اديب چون ٿا ته ادب ۾ جڏهن ٻيٺ بکين ۽ انگ اگهاڙن انساني جٿن کي شامل ڪرڻ سياست بنجي ٿي وڃي ته انهن کي ٽئگور جي ساهت، سياست ۽ زندگيءَ جو مطالعو ڪرڻ کپي.“

**تنوير جوڻيجو**

# ٽيگور تي هڪ نظر: 1861ع کان 1941ع

[وقار خليل]

1861ع: 6 مئي، دويندرناٿ ۽ سارا ديوي جو ڏهون اولاد رابندر ناٿ ٽيگور پيدا ٿيو.

70_1869ع: اوريئنٽل سميناري ۽ نارمل اسڪول ڪلڪتي ۾ شرڪت ۽ نظم لکڻ جي شروعات.

72_1871ع: بنگال اڪيڊمي ۽ پوءِ اينگلو انڊين اسڪول ۾ تعليم پرايائين ته ڪورس ڏانهن بي ڌياني رهيس.

1873ع: ڊرامو "پرٿوي راج جي شڪست" لکيائين، امڙ سان گڏ اتر هندستان جو تفريحي سفر ڪيائين ۽ سفر دوران سنسڪرت ۽ انگريزي پڙهيو.

1874ع: ڪلڪتي واپسي ۽ سينٽ زويئر اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ "يارتي" ۾ ميڪبٿ جو بنگالي ترجمو ڇپيو.

1875ع: عام ميڙ ۾ پهريون نظم پڙهيائين ۽ امڙ جي وفات.

1876ع: ڊگهي نظم "گُلِ صحرا" جي تصنيف.

1877ع: لارڊ لٽن جي دهلي دربار تي هڪ ٽوڪ واري نظم لکيائين ۽ طويل افسانو 'فقيرياڻي" اڌور ناول "ڪارونا" ڊگهو نظم "سرگذشت شاعر" انگريزي ۾ تنقيدي مضمون "طور طريقا" ۽ ٻيون ڪي تخليقون ڏنائين.

79_1878: انگلينڊ ڏانهن پهريون سفر.

يونيورسٽي ڪاليج ۾ شرڪت. اولهه جي موسيقي جي تعليم جي حاصلات. دارالعوام جي اجلاس ۾ شرڪت ۽ برٽش ميوزيم ۾ اچ وڃ. منظوم ڊرامو "هاريل دل" لکڻ جي شروعات. ڀارتي ۾ يورپ کان لکيل خطن جو ڇپجڻ.

1880: بغير ڊگري ونڻ جي لنڊن کان هندستان واپسي.

1881ع: غنائي ڊرامي "والميڪي جي ذهانت" جو ڇپجي پڌرو ٿيڻ. "موسيقي ۽ جذبا" جي عنوان هيٺ ڪلڪتہ ميڊيڪل ڪاليج ۾ سڀ کان پهرين تقرير. نظمن جي مجموعي "شام جو گيت" جو ڇپجڻ. مدراس ڏانهن سفر. "دي ينگ ڪوٿينس مارڪيٽ" جي 'پارٽي' ۾ لاڳيتي اشاعت. بنا قافيہ منظوم ڊرامي 'ردرا چند' جو ڇپجڻ.

1882ع: غنائي ڊرامي "موتمار شڪار" جي پيش ڪش ۽ ڇپائي.

1883ع: 9 ڊسمبر تي مرناليني ديوي سان شادي. منظوم ڊرامي "فطرت جو انتقام" لکيائين، جنهن جو انگريزي ترجمو بہ ٿيو. سياسي مضمونن جي شروعات.

1884ع: مشهور ناول نگار بڪم چند چترجي سان مباحثو ڊرامي "ناليني" ۽ نظمن جي مجموعي "ننڊپڻ جا گيت" جو ڇپجڻ.

1885ع: باندرا ۽ شولاپور ۾ رهائش. ڊرامن، افسانن ۽ وشنو شاعرن جي نظمن جي گلدستي جي تصنيف ڇپائي ۽ ترتيب.

1886ع: پهرين نياڻي ـڌوري لتا جو جنم. انڊين نيشنل ڪانگريس جي ڪلڪتي واري اجلاس ۾ افتتاحي نظم جو پڙهڻ.

1887_88ع: رٿيندرناٿ جو جنم. غازي پور ۾ رهائش. تنقيدي مضمون ۽ خطن جي مجموعي جو ڇپجڻ ۽ ڊرامي "راند" جو ڇپجڻ.

1889ع: ڊرامي "راجا ۽ راڻي" جو ڇپجڻ.

1890ع: يورپ جو ٻيون سفر. ڊرامي "قرباني" جي تصنيف ۽ پيشڪش. ڪالي داس جي ڪتاب ميگهہ دوت تي نظم لکيائين ۽ ستيندرناٿ سان گڏ فرانس ۽ اٽلي رستي انگلينڊ وڃڻ ۽ واپسي تي شيلڊا ۾ رهائش جتي ٻيءَ نياڻي رينوڪا ديوي جو جنم.

1891ع: شانتي نڪيتن جو افتتاح. ماهوار "ساڌنا" جو پڌرو ٿيڻ ۽ "يورپ ياترا جي ڊائري" ۽ افساني " پوسٽ ماسٽر" جي "ٻتيا بدلي" ۾ هفتيوار ڇپجڻ.

1892ع: نظمن جو مجموعو "سنهري ٻيڙي" ۽ بنا قافئي واري ڊرامي "چتر" جو ڇپجڻ ۽ ميرا ديوي جو جنم.

1893ع: ڪاروبار جي حوالي سان اڙيسا ۾ رهائش.

1894ع: نندي پٽ سمندر ناٿ جو جنم ”ساڌنا“ ۾ هندو مسلم ايڪتا ۽ ”پارتي“ ۾ زندگي، فنون لطيفه بابت مضمونن جو ڇپجڻ.

1895ع: مختصر افسانن جي شروعات ”بکيا پتر“ نالي افساني سان ڪيائين.

1896ع: اوڙيسا ڏانهن سفر ۽ غنائي ڊرامي ”ماليني“ جي تصنيف. نظمن جي مجموعي ”ندي“ ۽ ”آخري فصل“ جي ڇپائي. نظمن جي ڪُليات (ڪبيا گرناٿ ولي) تي نظرثاني ۽ ڇپائي.

1897ع: طربيه ڊرامو ”صحيفهء جنت“ ۽ تي منظوم ڊراما ”گنڌاري جي اپيل“ ”ستي“ ۽ ”دوزخ جو سير“ شايع ٿيا.

1898ع: اعصابي بيماري ۾ ونجڻ ۽ شملي ڏانهن سفر. سرڪار جي رجعت پسند پاليسي خلاف احتجاجي مضمون لکيائين ۽ بال گنگا ڌر تلڪ جي گرفتاري جي ننڌا ڪيائين ۽ تلڪ جي بچاءُ فنڊ ۾ عملي حصو ورتائين.

1899ع: پليگ جي رليف جي ڪم ۾ سهائتا.

1900ع: شانتي نڪيتن ۾ پهريون خطبو. ظريفانه نظ ن ج و مجموعو ”ڪنيڪا“ ۽ منظوم افسانو ”ڪٿا“ جي اشاعت ۽ عشقيه نظمن جو مجموعو ”ڪشنيڪا“ مزاحيه ناول ”چڙن جو ڪلب“ لکيائين.

1901ع: شانتي نڪيتن ۾ مستقل رهائش. ”برهمچاري آشرم“ جي پيڙهه جو پٿر رکيائين. رسالي ”بنگلا درشن“ جي ايڊيٽري سنڀاليائين. ناول ”اک سه “ ۽ نظمن جي مجموعي ”نيبي ديا“ ۽ ”نذرين“ جو ڇپجڻ ۽ رينوڪا ديوي جي شادي.

1902ع: مالي مشڪلن جو شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ زال جا ڳهه ۽ ”پوري“ واري گهر جو وڪرو ۽ زال مرناليني جي وفات. ڪلڪتي يونيورسٽي ۾ لارڊ ڪرزن پاران خطاب دوران اوپر جي تهذيب تي ڪيل حملن جو جواب ٽيگور رسالي بنگلا درشن ۾ منهن ٽوڙ انداز ۾ ڇپرايو.

1903ع: المياتي نظمن جو مجموعو ”سمرن“ ۽ ”پار“ جو ڇپجڻ. رينوڪا ديوي جي وفات.

1904ع: بنگالي ۾ پنهنجي لکيل آتم ڪٿا جو ڇپجڻ. سياسي مضمونن ۽ نصابي ڪتابن جي تصنيف. ٻهراڙي جي صنعت جي واڌاري لاءِ جديد تنظيم جي خاڪي جي تياري. شانتي نڪيتن ۾ ستيش راءِ جي وفات ۽ مدرسي جي شيلدا ۾ عارضي طور تي منتقلي.

1905ع: ديوندرناٿ ٽيگور جي وفات. ماهوار "ڀانڊار" جاري ڪيائين. ادبي ڪانفرنس ترپپورا جي صدارت. بنگال جي ورهاڱي جي تڪراري موضوع تي ڪلڪتي جي ٽائون هال ۾ خطبو.

1906ع: بنگالي لٽريري ڪانفرنس جي صدارت ۽ نظمن جي مجموعي "چوراها" جو ڇپجڻ "علمِ فلاحت" پرائڻ لاءِ رتيندر ناٿ کي آمريڪا موڪليائين.

1907ع: سماجي مضمونن ۽ ناول "گورا" لکيائين ۽ ڇپرايائين. سمندر ناٿ جي وفات.

1908ع: بنگالي صوبائي ڪانفرنس ۾ "رستو ۽ رستي جو ساز سامان" جي موضوع تي صدارتي خطبو ڏنائين. شانتي نڪيتن ۾ ڊرامي "جشنِ خزان" جي پيش ڪش.

1909ع: رتندرناٿ جي آمريڪا مان واپسي. ڊرامو "پُنگ" لکيائين.

1910ع: "گيتانجلي" جي نظمن جي اشاعت ۽ شانتي نڪيتن ۾ ڊرامي نگ" جي پيش ڪش. رتندرناٿ جي شادي.

1911ع: شانتي نڪيتن ۾ شاعر جي پنجاهين سالگرهه جو جشن. نظمن جي پهرين انگريزي ترجمي جو "ماڊرن ريويو" ۾ ڇپجڻ ڊرامي "بادشاهه" جي پيش ڪش ۽ انگريزي ۾ افسانن جي ترجمي جو ڇپجڻ.

1912ع: رتندر ناٿ ۽ پريتما سان گڏجي انگلينڊ جي ٽئين سفر تي روانو ٿيو. لنڊن ۾ ناميارن اديبن ۽ شاعرن سان ملاقاتون ۽ مرحيائي پروگرامن ۾ شرڪت. آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ رهائش. "هندستاني آڳاٽي تهذيب جو تصور" جي عنوان هيٺ شڪاگو يونيورسٽي ۾ دانشورن کي خطاب ۽ راچسٽر جي ريسيس ڪانگريس ۾ شرڪت ۽ مقالو. انڊين سوسائٽي لنڊن پاران گيتانجلي جي انگريزي ترجمي جو ڇپجڻ. بنگالي لٽريري اڪيڊمي پاران جوبلي هال ۾ منعقد ٿيل جوبلي جشن ۾ شاعر کي اعزاز ڏنو ويو. قومي تراني جي تصنيف. ڊرامي "ٽپال گهر"

۽ ”قصر قدامت پسندي“ ڪانسواءِ تحقيقي مقالي ”هند جي تاريخ تي منهنجي تشريح“ جي اشاعت.

1913ع: هارورڊ يونيورسٽي ۾ ليڪچر. هندستان واپسي. گيتانجلي جو مشهور ايڊيشن ميڪملن ڪمپني پاران شايع ٿيو. نوبل پرائز جو اطلاع. ڪلڪتي يونيورسٽي جي پاران ڊي لٽ جي اعزازي ڊگري جو پيش ٿيڻ. ”باغبان“ ”هلال“ ۽ ”چتار“ جي ميڪميلن ڪمپني طرفان اشاعت.

1914ع: 1 جنوري تي ڪلڪتي جي گورنمينٽ هائوس ۾ بنگال جي گورنر لارڊ ڪار ميڪائيڪل شاعر کي ”نوبل پرائز“ پيش ڪيو. پيرسن اينڊريوز ۽ نندلال بوس جي شانتي نڪيتن آمد. رام ڳڙهه، آگري ۽ دارجلنگ ۽ الهه آباد ڏانهن سفر. نظم ”شاهجهان“ ۽ ڪتاب ”اونداهي ڪمري جو بادشاهه“ جي تصنيف. ميڪملن ڪمپني پاران ڪتاب ”تپال گهر“ ۽ ”ساڌنا“ جو ڇپجڻ.

1915ع: نائٽ هڊ جي خطاب جو ملڻ. ڪيترن ئي مضمونن ۽ نظمن جا انگريزي ترجما ڇپيا.

1916ع: چوٿون سفر ”جاپان“ رنگون، ٽوڪيو ۽ آمريڪا ۾ رهائش ۽ سياسي تعليم ۽ ادبي، موضوعن تي تقريرون ۽ ميڪميلن ڪمپني پاران افسانن جي انگريزي مجموعي جي اشاعت. ”ڪبيا گرنات ولي“ انڊين پبلشنگ هائوس پاران ڏهه جلدن ۾ ڇپائي وئي.

1917ع: هونو لولو (هوائي) رستي واپسي ميڪملن پاران شاعر جي آتم ڪٿا، قرباني ۽ ٻين ڊرامن جي مجموعي جي ڇپائي. ڪانگريس جي جلسي ۾ نظم پڙهڻ.

1918ع: وِشوا ڀارتي جي عمارت جو پيڙهه جو پٿر رکيو ويو. هند جي وزير اي ايس مانٽگو سان ملاقات ڪيائين. مادري ٻولي کي تعليم جو ذريعو بنائڻ جي تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ تجويزون پيش ڪيائين، حڪومت جي تعليمي پاليسي خلاف چٽر وارا نظم لکيائين. مڌوري لتا وفات ڪري وئي.

1919ع: بنگلور، ميسور، مدراس ۽ شيلانگ سلهٽ جو سفر. 13 اپريل واري جليان والا باغ جي سانحي کان متاثر ٿي 30 مئي تي ”نائٽ هڊ“ جو

خطاب واپس ڪيائين. امپائر ٿيٽر ڪلڪتہ ۾ تعليم تي پهريون پيرو انگريزي ۾ ليڪچر ڏنائين. ”شانتي نڪيتن پتري“ جاري ڪيائين. ڊرامو ”سارا دوت ساب“ پيش ڪيائين.

1920ع: يورپ جو پنجون سفر ڪيائين. فرانس ۾ برگسان، سلوين ليوي سان ملاقات. هالينڊ ۾ هيگ ۽ ليڊن يونيورسٽي ۾ تقريرون ڪيائين، برسلز ۾ بيلجيم جي شاهہ سان ملاقات، بروڪلين اڪيڊمي آمريڪا ۾ ”اوپر اولهہ جو ميلاپ“ ۽ نيويارڪ ۾ ”شاعر جو مذهب“ جي عنوان تي تقريرون ڪيائين. ان ڪانسواءِ احمد نگر، پاوَ نگر، بروڊا، سورت ۽ احمد آباد جي ياترا بہ ڪيائين.

1921ع: انگلينڊ رستي پيرس پهتو. رومين اولان سان مليو. اسٽرا برگ يونيورسٽي، جنيوا، زيورچ، هيمبورگ، ڪوپن هيگن جي يونيورسٽين ۾ تقريرون، سويڊن جي دوري وقت سويڊن جي بادشاهہ سان ملاقات ڪيائين، برلن ۽ ميونخ ۾ تقريرون ڪيائين، ويانا ۽ پراگ آمد. بمبئي روانگي، موسيقي جي برگشال جو انعقاد وشوا ڀارتي جو افتتاح ۽ شاعر پاران پنهنجي سموري ملڪيت، زمين جايون جڳهيون، ڪتب خانو وِشو ڀارتي کي عطئي ۾ ڏنائين. گانڌي، پيرسن ۽ امهرسٽ ۽ ليوي سان شانتي نڪيتن ۾ ملاقاتون ڪيائين. ڊرامي ”آبشار“ جي تصنيف ۽ ميڪملن ڪمپني طرفان ”معزور“ ۽ ”بنگال جون جهلڪيون“ ڇپرايا ويا.

1922ع: سري نڪيتن ۾ ڳوٺ سڌار درسگاهہ جو افتتاح، ڏکڻ هندستان جو دؤرو. ميڪملن ڪمپني پاران ”تعميري اتحاد“ جي اشاعت.

1923ع: وشوا ڀارتي لاءِ چندي واسطي حيدرآباد، ڪاٺياواڙ ۽ سنڌ جو دورو. ٽہ ماهي ”وشوا ڀارتي“ جي ايڊيٽري سنڀاليائين.

1924ع: چين ۽ آمريڪا جو سفر ڪيائين.

1925ع: آمريڪا، جنيوا، وينس ۽ ميلان ۾ موسيقي تي ليڪچر ڏنائين ۽ بيماري جي حالت ۾ هندستان واپسي. جيتيندرناٿ ۽ سي. آر داس جي وفات. لارڊ لٽن ۽ اٽلي جي پروفيسر ڪارلو فارميسچي سان ملاقات ۽ پهرين فلاسافيڪل ڪانگريس جي جلسي جي صدارت.

1926ع: فنونِ لطيفہ جي فلسفي تي ڍاڪا يونيورسٽي ۾ تقرير اوپر بنگال جي سياحت. ڪل هند موسيقي ڪانفرنس لکنؤ ۾ شرڪت. شانتي نڪيتن، ڪلڪتي يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ کي خطاب. شانتي نڪيتن ۾ ايپاس آشرم جي ميلي سؤ سالن واري جشن جي صدارت. اٽلي جو سفر. مسوليني سان ملاقات. روم جي گونر ۽ برطانيہ جي سفير پاران ترتيب ڏنل مرحبائي پروگرامن ۾ شرڪت. اٽيلين زبان ۾ ”چترا“ جي پيش ڪش. فلارنس ۾ رومين رولان سان ملاقات. ويانا رستي ناروي ۾ آمد ۽ شاهہ سان ملاقات. صوفيہ، بخارسٽ، بلغرادِ، پراگ، ايٿنز ۽ قاهره کان شانتي نڪيتن ڏانهن واپسي.

1927ع: نائون سفر. شيلانگ، سنگاپور، سيام ۾ بينڪاڪ ڏانهن. نِرت ڊرامي ”تتاراجہ“ جي تصنيف ۽ ميڪملن ڪمپني پاران ”فائر فلاز“ ۽ ”دوست جي نالي خط“ جو ڇپجڻ.

1928ع: پانڊيچري ۾ آربندو گهوش سان ملاقات.

1929ع: ڏهون سفر توڪيو. هارورڊ ۽ ڪولمبيا جي يونيورسٽين ۾ تقريرون، لاس اينجلس ۽ جاپان، انڊو چائنا کان ٿيندي ڪلڪتو پهچڻ.

1930ع: يارهون سفر. مسوري ڏانهن رجحان گهٽو رهيو. بڙودا، ڪولمبو ۽ مارلسز کان چيڪوسلواڪيہ ۾ آمد ۽ صدر مارسيارڪ سان ملاقات. لنڊن ۽ برمنگهم ۾ ”تهذيب ۽ ان جو ارتقا“ تي تقريرون. برلن ۾ منعقد سندس تصويرن جي نمائش ۾ شرڪت. ڊريسڊن ۽ ميونخ کان ڊنمارڪ ۾ آمد ۽ تصويرن جي نمائش جو انعقاد. روسي سرڪار جي دعوت تي 11 سيپٽمبر تي ماسڪو ۾ ترسڻ. مشهور اديبن سان ملاقاتون ۽ مان ۾ ڏنل دعوتن ۾ تقريرون. 25 ڊسمبر تي ماسڪو کان برلن ۽ اتان آمريڪا ۾ آمد ۽ صدر هوور سان ملاقات. بوسٽن ۽ نيويارڪ ۾ تصويري نمائش ۾ شرڪت ۽ 22 ڊسمبر تي واپس انگلينڊ پهچڻ.

1931ع: ڊانس ڊرامي ”ناين“ جي تصنيف. شانتي نڪيتن ۾ شاعر جي 70 هين سالگرهہ. نواب ڀوپال جي دعوت تي ڀوپال وڃڻ“ سن سڪرت ڪاليج پاران ”ڪوملي سردا يوما“ جي ايوارڊ جو عطا ٿيڻ.

1932ع: ٻارهون سفر. ايراني بادشاهہ جي دعوت تي ايران ۾ ترسڻ، رضا شاهہ پهلوي جي ساراهہ ۾ نظم جي تصنيف. شيراز اصفهان ۽

تهران ۾ ترسڻ. عراق جي شاهه فيصل سان ملاقات. جهاز ذريعي ڪلڪتي پهچڻ ۽ يڙودا جيل ۾ گانڌي سان ملاقات. پي. سي رائي جي 70 هين سالگرهه جي صدارت ۽ شانتي نڪيتن ۾ مدن موهن مالويه سان ملاقات.

1933ع: بمبئي ۽ آنڌرا يونيورسٽي ۾ ليڪچر. وجي نگر رستي جامعه عثمانيه جي دعوت تي حيدرآباد پهچڻ. خير مقدمي تقريبن ۾ شرڪت. ستي ڪاليج جي جلسي ۾ سروجني نائڊو سان گڏجي شرڪت. تقرير، نظم پڙهڻ ۽ ڪلڪتي واپسي.

1931ع: ڪولمبو ۾ وڃڻ ۽ ڪلڪتي واپسي. مدراس ۾ مصوري جي نمائش ۾ شرڪت. ناول "چار فصل" جي تصنيف.

1935ع بنارس هندو يونيورسٽي پاران 8 فيبروري تي شاعر جي خدمت ۾ ڊي. لٽ جي اعزازي ڊگري جو پيش ٿيڻ. 12 فيبروري تي الهه آباد يونيورسٽي ۾ شاگردن کي خطاب. 13 فيبروري تي پنجاب اسٽوڊنٽ ڪانفرنس لاهور کي خطاب. 28 فيبروري تي لکنؤ يونيورسٽي ۾ ليڪچر. نومبر ۾ عظيم شاعر يان يون نگوچي جي ساٿس ملاقات "بِپ- ٽيڪا" نظم جي تصنيف ۽ ڇپائي.

1936ع: سينٽ هال ڪلڪتي ۾ تعليم جي موضوع تي تقرير. ڊانس ڊرامه "چتر نگار" جي تصنيف. الهه آباد رستي، لاهور، دهلي ۾ آمد. گمنام ماڻهو پاران سٺ هزار رپين جو عطئي طور ملڻ. حيدرآباد هائوس دهلي ۾ شهزادي نيلوفر پاران لنچ جي دعوت ۾ شرڪت ۽ ميرٺ ڏانهن روانگي نظم "پرسوڌ" کي غنائي ڊرامي جو روپ ڏنو ويو.

1937ع: ڪلڪتي يونيورسٽي جي ڊگرين ورهائڻ واري جلسي کي خطاب. چندر نگر ادبي ڪانفرنس جي صدارت. آنڌرا جي "پارتي ترتا" جي پاران "ڪوي سمرات" جو خطاب ڏنو ويو. 10 ڊسمبر تي اوچتو طبيعت جو خراب ٿيڻ. صحت مند ٿيڻ دوران "پرانتڪ" جي نظمن جي تخليق ۽ اشاعت.

1939ع: ٽيگور پاران وِشوا ڀارتي سميلن جو افتتاح. پوري (اڙيسا) ۾ آمد. 78 هين سالگرهه ملهائي وئي. مدناپور ۾ وديا ساگر ميموريل جو افتتاح.

1940ع: بنڪاپور ۾ صنعتيءَ نمائش جو افتتاح. آڪسفورڊ يونيورسٽي پاران شانتي نڪيتن ۾ منعقد هڪ جلسي ۾ شاعر کي ڊي. لٽ جي اعزازي پيش ڪئي وئي. هِز ايڪسيلنسي تي شي تائو (چين) جو شانتي نڪيتن ۾ خير مقدم. نوجواني دور جي آتم ڪٿا "روگ سجائي" ۽ "اردگيا" نظمن جي مجموعي "ڇيلي بالا" ۽ ڏگهن افسانن جي مجموعي "تين سنگهي" جي ڇپائي. صحت جو گهڻو خراب ٿيڻ.

1941ع: 14 اپريل تي 80 هين سالگرهه جو اهتمام ۽ شاعر جو خطبو. 8 مئي تي سموري هندستان ۾ سالگرهه جو جشن. مهاراجا تريپورا پاران "يارت ڀاسڪر" جو لقب. سالگرهه جي موقعي تي "جمنا دان" (نظم) ۽ "گاليا ساليا" (افساني) کان سواءِ "ڇيلي بالا" جو انگريزي ترجمو ڇپيو. بيماري وڌي وئي ۽ 7 آگسٽ تي ٽيگور جي وفات ٿي وئي.

# رابندر ناٿ ٽيگور

## [رامانند چيٽرجي]

1930ع کان پوءِ وارن ڏهن سالن ۾ به پيرا سخت بيمار رهڻ باوجود هن ٽي درجن ڪتاب پيش ڪيا، جن ۾ شروعاتي معلومات جا ڪتاب، ٻارن لاءِ اصلاحي نظم، ٻارڙن لاءِ تصويرن وارو ڪتاب ۽ ڪيترائي ڊانس ڊراما شامل آهن. سندس حياتي جي آخري ڏهاڙن ۾ ”ٻار پڻ جي سرگذشت“ ڇپي. اهو سڀ ڪجهه سندس غير معمولي ذهانت جي پيداوار نه، پر هن جي وسيع مطالعي جو نتيجو آهي. هو هڪ وڏو عالم هو. هن بنگالي، سنسڪرت، پالي ۽ انگريزي ادب جو سڌو سنئون مطالعو ڪرڻ کان سواءِ ٻين ملڪن جي ادب جي انگريزي ترجمي جو به ڳچ مطالعو ڪيو هو. هن جي لائبريري ۾ هر موضوع تي ڪتاب موجود هئا. مثال طور: ٻوڪي، لسانيات، تاريخ، طب، فلڪيات، ارضيات، ڪيميا، ڪيڙن مڪوڙن بابت علم، هڪبئي جي مدد، بينڪ جا اصول، ريشم جي ڪيڙن جي پالنا، انٽيرئر ڊيڪوريشن، نقاشي، چمڙي جو ڪم، ياڻ، ڪمند جي پوک، تيل ۽ ٽانوَ ناهڻ، ڪپڙو اٽڻ جي مشينن ۽ پينسل وغيره تي سنهري رنگ لڳائڻ، رستن تي هلندڙ انجڻ، ڳوناٽي معيشت، رڌ پچاءَ، موريون ناهڻ، خطاطي، رستا ناهڻ، انڪيوبيٽر مطلب هٽرادو گرمي ذريعي پکين جا ٻچا ڦوڙائڻ وارا جيوڙا پيدا ڪرڻ ۽ انسانن جي وقت کان اڳ جمندڙ ٻارن جي پالنا جي مشين وغيره سميت فن جي باري ۾ عاليشان ادب هن وٽ موجود هو.

انهن ڪتابن جو مطالعو هو واندڪائي جي وندر طور نه پر ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪندو هو. هو جذبن جي وهڪري ۾ وهڻ وارو ڪونه هو پر هن وٽ هڪ سائنسي دل هئي. سر جگديش بوس سان سندس سنگت رسمي ڪونه هئي پر روحاني هئي. ملٽن جي دور ۾ جڏهن علم جي وسعت ۽ همه گيري موجود نه هئي، ان دؤر ۾ هن چيو هو ته ”شاعر کي

سيني علمن ۾ مهارت هجڻ گهرجي“ ٽيگور ۽ ملٽن جو مقصد هن حوالي سان هڪجهڙو آهي. جيڪڏهن ٽيگور وڏي رتبي وارو شاعر نہ بہ هجي ها تہ هو پنهنجي وسيع مطالعي لاءِ سموري جڳ ۾ مشهور هجي ها.

ٻاهرين دنيا ۾ عام طور تي ائين سمجهيو ويندو آهي تہ ”گيتان جلي“ جي ترجمي کان پهرين ٽيگور پنهنجي ڪنهن بہ نظم جو ترجمو ڪونہ ڪيو هو. اها ڳالهہ سراسر غلط آهي. هن پاران ترجمو ڪيل نظم ”ماڊرن ريويو“ جي 1912ع جي فيبروري، اپريل ۽ سيپٽمبر وارن شمارن ۾ ڇپجي چڪا آهن. انگريزي ۾ سندس لکڻ جي شروعات تڏهن ٿي جڏهن 1911ع ۾ ”ماڊرن ريويو“ جي ايڊيٽر ڪيس بنگالي نظمن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ جو مشورو ڏنو. جنهن تي ٽيگور پنهنجا ٻہ نظم جن جو انگريزي ترجمو لوڪيندر ناٿ پال آءِ. سي. ايس ڪيو هو ۽ جيڪي ”ماڊرن ريويو“ ۾ مئي ۽ ڊسمبر جي ٻن شمارن ۾ ڇپيا. موڪلي جان ڇڏائي ۽ جڏهن ٻيهر نظمن جو انگريزي ترجمو ڪرڻ جي گهر ڪي وئي تہ هن جواب ۾ لکيو ”آئون ڪهڙي بهاني سان ان طرف واپس وڃان جنهن کي مون رئندي ڇڏيو هو.“ اهو اسڪول جي تعليم ۽ ان جي لازمي مشقن ڏانهن مزاحيہ اشارو هو. پر انگريزي شاعري جي ديوي ۽ ذهانت کيس آساني سان ڇڏڻ وارا نہ هئا. ڪجهہ ئي عرصي ۾ ٽيگور پنهنجي نظمن جو انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو.

هو انگريزي لکڻ ۾ سدائين هٻڪندو هو. جيتوڻيڪ نندي ڄمار ۾ ئي کيسّ پروفيسر هينري مارلي جهڙا انگريزي جا نقاد مليا جيڪو انگريز ساٿين سامهون ٽيگور جي لکڻ جي اُسلوب جي ساراهہ جا ڍُڪ پريندو هو. ٽيگور ”انگريز ۽ هندستان“ جي عنوان تي هڪ مقالو لکيو جنهن ۾ هن سخت نڪتہ چيني ڪئي هئي. هنري مارلي سمورن شاگردن کي ان مان نوٽ وٺڻ جي هدايت ڪئي.

ٽيگور محنت جو سخت عادي هو جو رات ڍلڻ تائين ڪم ڪندو هو ۽ صبح صادق اٿي عبادت ڪرڻ کان پوءِ روزاني جي ڪمن ۾ لڳي ويندو هو. ڏينهن رات ۾ رڳو ڪجهہ ڪلاڪ هن جي آرام ۽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ رکيل هئا ۽ باقي وقت ڪم ڪار لاءِ ٻنپهرن جو بہ ماني کائڻ کانپوءِ ٿورو آرام ڪونہ ڪندو هو. جڏهن تہ شانتي نڪيتن جي گرمي سهپ کان مٿي آهي.

# ٽيگور جي شخصيت

[مولانا ابوالڪلام آزاد]

ڊسمبر 1936ع ۾ پهريون ڀيرو ٽيگور کي ڏٺم. سنڌس ڏٻري ڪمزور جسم ۾ ٻاروتڻ واري شوخي معصوميت لڪل ڏسڻ ۾ آئي. هن جا ڊگها ڊگها نوراني زلف چانديءَ جي تارن وانگر ڪلهن تي جهومي رهيا هئا. باوقار منهن مهاندو ۽ نج شراب سان پُرجام جهڙا ڳل، ان جلال ۽ جمال ۾ هڪ اهڙو پُرسڪون ڪيف بہ شامل هو جنهن سنڌس شخصيت ۾ غضب جي دلڪشي پيدا ڪري ڇڏي هئي. آواز صفا سنهڙو ۽ سُريلو هو. ڄڻ ڪنهن ستار جي تارن تي سُر ڇيڙي ڇڏيا هجن. عينڪ جو فريم سونهري هو جنهن ۾ ڪمانيون ڪونہ هيون ۽ ان جي پاسن کان ريشمي ڪاريون ڏوريون لٽڪي رهيون هيون، جيڪي چنڊ جهڙي مک تي نهايت موهيندڙ محسوس ٿي رهيون هيون. گوڏن تائين ايندڙ سون رنگو جبو بدن تي پهريل ۽ پوري رنگ جو سليپر پيرن ۾ پاتل هئس. ڪاري رنگ جي ڪارمان لٺ تہ هڪ پاسي کان شري انيل چندا ۽ ٻئي پاسي کان شري نندلال بوس کيس ٽيڪون ڏئي ڪلا ڀون ميوزيم جي ڏاڪڻ تي چڙهي رهيا هئا. ان وقت ائين پئي لڳو تہ ڪو بحري باز پنهنجي ٻن ٻچن کي پرن ۾ ويڙهي ناز واري انداز سان اڏامڻ تي هجي. ميوزيم جي ورانڊي ۾ ڦيٿن واري ڪرسي موجود هئي. کيس ان تي ويهاريو ويو ۽ شري انيل چندا آهستي آهستي ان کي ڏکڻ شروع ڪيو. ڪاٻي پاسي نندو بابو هو جيڪو ڪرسي سان گڏوگڏ گروديو سان ڀتين تي ٽنگيل تصويرن جو تعارف ڪرائيندو پئي ويو. گرو ديو هر تصوير کي ڌيان سان نهاريو پئي ۽ ڪجهہ چيو پئي، جنهن ڀت تي تصويرون لڳل هيون، ان جي سامهون واري ڀت جي پاسي ۾ ڪلا ڀون جا ڪجهہ شاگرد بيٺا هئا. هڪ

تصوير ڏسي هو اوچتو جهومي پيو هوءِ سندس روح جي ستار جي تارن کي جڙ ڪنهن ڇهي ورتو هو. هو چوڻ لڳو:

”افسوس هاڻي وقت ناهي رهيو مون کي گهڻو ڪجهه ڪرڻو ۽ سگهڻو هو. نظر جواب ڏئي وئي آهي، هٿ ڪم نٿا ڪن. آڱرين ۾ اها پهرين نفاست ڪٿان آڻيان جسم ۾ اها لچڪ ناهي رهي، سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو آهيان، ڪاش مون کي ڪجهه ٻيو وقت ملي وڃي ها ته ڪجهه وڏيڪ ڪم ڪري وڃان ها.“

جنهن کي قوم گرو ديو چوي ٿي ان جو علم حاصل ڪرڻ سان چاهه ۽ شوق ته ڏِسو ڪيترو نه درد ڀريل، حڪمت ۽ خلوص وارا هئا. سندس خيال، جن ۾ هن پاڻ ڪمزور هوندي به حوصلي جا ٻول ٻوليا.

# گيتان جلي

[ڊاڪٽر عبدالرحمان بجنوري]

جڏهن رابندر ناٿ ٽيگور جو ڪتاب گيتان جلي (بهار جو نغمو) ڇپيو تن ڏينهن ۾ آئون انگلينڊ ۾ موجود هئس. جهڙي طرح بغاوتن ۽ انقلاب کان پوءِ سياست جي دنيا هيٺ مٿي ٿيو وڃي، اهڙي طرح ٽيگور جي فتح ادبي دنيا کي لوڏي ڇڏيو. ڊبليو بي ايٽس شاعر آئرلينڊ، ويلز جي مهان اديب، ارنسٽ رهيز به ٽيگور کي شاعري جي مٿي جو موڙ قرار ڏنو.

آئون جتي به ڪتاب خريد ڪندو هوس ته دڪاندار پنهنجي ٻين خريدارن کي فخر واري انداز ۾ ٻڌائيندو هو "هي ٽيگور جو وطن ياتي آهي". هر پاسي کان اهي آواز ٻڌڻ لاءِ ملندا هئا "اوهان کي ۽ هندستان کي مبارڪ هجي".

هڪ ڏينهن انگريزن جي شاعرن جي بزم ۾ وڃڻ ٿيو اتي هڪ نوجوان شاعر جنهن مان انگريزن کي وڏيون اميدون هيون چوڻ لڳو "جنهن ڏينهن کان ٽيگور جو ڪلام ڇپيو آهي، مون قلم رکي ڇڏيو آهي ۽ انهي سوچ ۾ آهيان ته آخر ڇا چوان". انگلينڊ کان پوءِ جڏهن آئون البانيا پهتس ته اجا ٽيگور کي نوبل انعام ملئي کي ڏهه ٻارهن ڏينهن مس ٿيا هئا. هر هنڌ ٽيگور جو نالو هو علمي ۽ شاعراڻي دنيا ۾ سندس واهه واهه هئي، هفتي اندر گيتان جلي ترجمو ٿي ڇپجي وئي هئي ۽ رسالن جي شمارن ۾ "باغبان" ۽ "هلال" جي ترجمن ڇپجڻ جا اشتهار ڏنل هئا. اتي ئي مون ٻڌو ته مشهور ڳائڻي هنگري جي شهنشاهه سڪسني جي دربار ۾ گيتانجلي مان چونڊ ڪلام پيش ڪري داد حاصل ڪيو آهي. اتي هڪ مهيني اندر ئي "باغبان" ۽ "هلال" سان گڏ رابندر ناٿ ٽيگور جي آتم ڪٿا ڇپجي وئي. اها ٻن ملڪن جي اڪين ڏٺي حالت هئي. ٻين يرپاسي جي ملڪن ۾ به اهائي واهه واهه هئي.

فرانس وارن کي بہ پڪ هئي تہ نوبل انعام اناطول فرانس کي ملندو پر مايوس ٿيڻ باوجود بہ انهن جي قدر داني ۾ ڪا گهٽتائي نہ آئي، يورپ جي ڪا اهڙي ٻولي ڪانهي، جنهن ۾ ٽيگور جي نظمن جو مجموعو ترجمو نہ ٿيو هجي. روماني، سربي، هنگرين ۾ بہ ترجمو ٿي چڪو آهي. جڏهن آئون هندستان واپس پهتس، منهنجو خيال هو تہ هتي جي علمي دنيا ۾ بہ اهائي حالت هوندي ۽ ٽيگور جي قلم جي ڪرامت سيني کي اچرج ۾ وڌو هوندو پر هتي عام طور تي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ٽيگور جي نالي کان ناواقف هئا ۽ وڏن ماڻهن کي هن جي خوبين جو انڪاري ڏٺم. هتي علمي طبقن جي اها حالت هئي جو قلم ڌڻين کي داد ڏيڻ ۾ بہ ڪنجوسي پئي ڪيئون. خود بنگال ۾ بہ مخالف جا آواز هئا.

ٽيگور جو علم الاخلاق اپنشت جي تعليم تي ٻڌل آهي. اپنشدن جي تعليم روحانيت جي تائيد ۽ ماديت جي رد ۾ آهي، پر سوال اهو آهي تہ روحانيت ڇا آهي ۽ ماديت ڇا آهي، اپنشدن جي روحاني فلسفي متعلق هندو مفسرن وٽ ڪافي مونجهارا آهن تہ هو دنيا کي محض مايا تصور ڪن ٿا ۽ رڳو دنيا تياڳڻ کي ”نرواڻ“ حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. انهي مونجهاري جي ڪري رهبانيت جو خيال هندوئن جي عقيدي ۾ پڪو پختو ٿي ويو آهي. ملڪي ڪار وهنوارَ بدران جهنگ منهن ڪري يوگ ڪرڻ کي نجات جو رستو سمجهيو ويجي ٿو.

جڏهن تہ ٽيگور پنهنجي ڪتاب علم الاخلاق ”ساڌنا“ ۾ فرمائي ٿو ”زندگي جي خوشي غم ۾ آهي، غم ۾ هڪ عجيب مزو آهي، اهو مزو زندگي جي تڪميل ۾ مددگار آهي. ڪو ساهوارو ايتري محنت نٿو ڪري جيتري انسان ڪري ٿو اها ئي سندس اشرف المخلوقات هجڻ جي ثابتي آهي.“

جيڪڏهن گيتان جلي جي مطالعي مان ڪو اهو نتيجو ٿو ڪڍي تہ ٽيگور جي تعليم چلن ڪنڻ تي زور ٿي ڏئي تہ ان کان وڏي ٻي ڪا غلطي ناهي. اهڙي طرح گيتان جلي ۾ پاڻ چوَن ٿا ”پوڄا، راڳ رنگ ۽ مالها جپڻ ڇڏ! خانقاهہ جي اونداهي ڪنڊ ۾ تون ڪنهن جي ٿو پوڄا

ڪرين؟ اڪيون ڪول ڏس تنهن جو مالڪ تنهنجي سامهون ڪونهي. هُو تہ اتي آهي جتي هاري زمين ۾ هر پيو هلائي، جتي مزدور رستن تي پٿر پيو ٽوڙي، هو تہ اُس توڙي مينهن ۾ انهن سان گڏ بيٺو آهي، هن جو لباس مٽي سان پريل آهي. تون دغا جو چولو لاهي اُڇل ۽ هن وانگر زمين تي لهي اچ.“

زاهدائي ۽ فلسفيائي گوشہ نشيني هڪ ابدي قبر آهي، آزاد اهو آهي جيڪو انسان کي ظلم جي قيد مان آزاد ڪرائي ٿو اهو ئي سچائي جو علمبردار آهي، ٽيگور جو اهوئي پيغام آهي.

# گيتان جلي

[ڊبليو. بي. ايٽس]

ڪجهه ڏهاڙا پهرين مون هڪ مشهور بنگالي ڊاڪٽر کي چيو "مون کي جرمن ٻولي نٿي اچي پر جيڪڏهن ڪنهن جرمن شاعر جو ترجمو مون کي متاثر ڪندو ته آئون برٽش ميوزيم ويندس ۽ اهڙا ڪتاب ڳوليندس جيڪي مون کي شاعر جي زندگي ۽ سندس فڪري تاريخ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائي سگهن. رابندرناٿ ٽيگور جي انهن نظمن جي نثري ترجمن منهنجي فڪر ۽ احساس کي اهڙو متحرڪ ڪري ڇڏيو جو ڪجهه سالن اندر بي ڪا شيءِ مون تي اثر نٿي ڪري، پر ان هوندي به جيڪڏهن ٽيگور جي باري ۾ ڪو هندستاني مسافر مون کي معلومات نه ڏيندو ته پوءِ آئون ٽيگور جي زندگي جي باري ۾ اڻڄاڻ رهندس."

ڊاڪٽر جو خيال هو ته منهنجو ٽيگور کان متاثر ٿيڻ فطري ڳالهه هئي. هن چيو "آئون رابندر ناٿ کي هر ڏينهن پڙهان ٿو سندس هڪ سٽ پڙهڻ سان سڀ پريشانيون وسري وڃن" مون کيس چيو ته جيڪڏهن رچرڊ (پئين) جي دور ۾ لنڊن ۾ رهندڙ ڪنهن انگريز کي پلو ٽارڪ ۽ دانتي جا ترجما ڏيکاريا وڃن ها ته ان کي پنهنجي سوالن جي جوابن لاءِ ڪو ڪتاب ڪونه ملي ها، بلڪ هو فلورنس جي ـ بهن امير ماڻهو يا لامبارڊ جي ڪنهن واپاري کان اهي سوال پڇي ها. ٽيگور جي ايتري ڀرپور ۽ سادي شاعري مان مون کي معلوم ٿو ٿئي ته توهان جي ملڪ ۾ نئين سجاڳي جي شروعات ٿي چڪي آهي ۽ مون تائين اها ڳالهه رڳو افواهن ذريعي پهچي سگهي ٿي. ڊاڪٽر وراڻيو "اسان وٽ ٻيا به گهڻا شاعر آهن، پر ڪوبه ٽيگور جي پائي جو ناهي. ٽيگور اسان وٽ جيترو مشهور آهي، ايترو

ڪڏهن ڪڏهن سڄو سڄو ڏينهن ڌيان گيان ۾ محو رهندو هو. هڪ ڏينهن ٻيڙي ۾ ويندي فطرت جي منظرن جي سونهن کان متاثر ٿيو ۽ اهڙي ڪيفيت ۾ اچي ويو جو ٻيڙي وارن کي سفر شروع ڪرڻ لاءِ اٺ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو." هن وڌيڪ چيو ته "ٽيگور جي خاندان پيڙهين کان عظيم انسان پيدا ڪيا آهن. اڄ گگينندر ناٿ ۽ ابندرناٿ ٽيگور جيڪي آرٽسٽ آهن. ديو ٻيندرناٿ جيڪو ٽيگور جو پاءُ آهي، فلسفي آهي، انهن جي محويت جو اهو عالم آهي، جو جڏهن هو فڪر ۾ هوندا آهن. نوريئڙا وٽن سان لهي سندن گوڏن تي ويهيو رهن ۽ پکي به سندن ڪلهن تي ويهيو رهن."

مون کي انهن ماڻهن جا خيال ٽيگور جي باري ۾ اهڙا محسوس ٿيا جڻ اهي ماڻهو انهي سوچ جا قائل هجن ته اهڙي ڪنهن به اخلاقي يا فڪري حسن تي يقين نه رکڻ گهرجي، جيڪو دير يا سوير مادي شين تي اثر انداز نه ٿي سگهي. مون ان هندستاني کي چيو "اوير ۾ توهان ماڻهو پنهنجي خاندان کي معزز ۽ محترم رکڻ جو گُر ڄاڻو ٿا" هن وراڻيو "ٽيگور کي ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي گهر ۾ هر پاسي ادب ۽ موسيقي جو ماحول مليو."

جڏهن ٽيگور جي نظم جا ترجما منهنجي هٿن ۾ آيا ته آئون ڪيترائي ڏهاڙا انهن کي گڏ کنيو پئي هليس ۽ ريلوي ٽرينن ۾، بسن ۾ هوٽلن ۾ اهي نظم پڙهندو رهيس. اڪثر جاين تي مون کي انهي ڀ ڪان ڪتاب بند ڪرڻو پوندو هو ته ڪٿي ٻيا ماڻهو ڏسي نه وٺن ته هن کي نظمن ڪهڙو نه قابو ڪيو آهي وتن ٿا مون کي ڊوڙائيندا." اهي غنائي (موسيقيت) وارا نظم آهن جن جي جاري ۾ منهنجي هندستاني دوست ٻڌايو ته پنهنجي اصلي ٻولي ۾ اهي نظم ناقابلِ ترجمو لطافت ۽ رنگيني سان ڀرپور، بحر وزن ۽ آوازن جي گوناگونيت ۽ تاثر جا حامل آهن. انهن گيتن اندر هڪ اهڙي دنيا آهي جنهن جا خواب اسان سموري ڄمار ڏٺا. هڪ اعليٰ ثقافت جو اظهار هئڻ جي باوجود به ائين ٿو لڳي ته اهي نظم پاڻ مرادو ڌرتي تي ڦُٽي آيل ساوڪ وانگر محسوس ٿا ٿين. هڪ اهڙي روايت جنهن ۾ مذهب ۽ شاعري هڪ ٿي ويا آهن. اهي صدين کان منتقل ٿيندڙ

جاتل اٽڃاتل احساسن ۽ علامتن کان مواد حاصل ڪندي، عالمن ۽ مفڪرن جو پيغام بڻجي پيهر عوام سامهون آيا آهن، جيڪڏهن بنگالي تهذيب سلامت رهي ۽ عام ذهن جيڪو سيني ۾ هڪجهڙو آهي، اسان وانگر درجنين الڳ الڳ هڪبئي کان ناواقف ذهنن ۾ نٿو رهائجي وڃي تہ پوءِ انهي نظن جي گهري کان گهري ڪيفيت ڪجهہ نسل. تائين رستي تي هلندڙ ڦرندڙ فقيرن تائين پهچي ويندي، جنهن زماني ۾ چاسر پنهنجو ڪتاب "ٽرائيلس اينڊ ريسيڊا" لکيو هو ان وقت انگلينڊ جو ذهن هڪ هو جڏهن تہ چاسر اهو ڪتاب پڙهڻ يا پڙهي ٻڌائڻ لاءِ لکيو هو پر هڪ عرصي تائين ڳاٽا هن جا نظم ڳائيندا رهيا. چاسر جي پوئلڳن وانگر ٽيگور بہ لفظن جي جاءِ تي موسيقي رکي ڇڏي آهي، هي اهي نظم آهن جيڪي گڏريل نسلن سان گڏوگڏ رستو طئي ڪندڙ مسافرن، پيڙين هلائيندڙ ملاحن جي چپن تي گيت بڻجي ايرندا. محبت ڪندڙ دل هڪبئي جي اوسيئڙي ۾ اهي جهونگاريندا ۽ غم کي وساري تازگي محسوس ڪندا. انهن نظمن جي شاعر جو دل هر ان معمولي ۽ ننڍي ماڻهو ڏانهن ڇڪيل رهي ٿو، هو انهن ماڻهن کي گهٽ نظر سان نٿو ڏسي ڇاڪاڻ تہ سندس دل ڄاڻي ٿو تہ اهي ماڻهو ڪيس سڃاڻندا جو ٽيگور جي شاعري ۾ سندن زندگي وسي ٿي.

نئين سڃاڳي ڪانپوءِ يورپي سنتن جي تحريرن ۾ اسان لاءِ ڪابہ ڇڪ ناهي رهي، پلي سندن استعارا ۽ فڪر وارو ڏانچو اسان لاءِ ڪيترو بہ پنهنجائپ وارو ڇو نہ هجي، اسان کي خبر آهي تہ اسان کي هي دنيا ڇڏڻي پوندي ۽ اسان جو ندگي ۾ ڪيترائي پيرا اهڙيون گهڙيون اچن ٿيون، جن ۾ اسان دنيا کي تياڳڻ جي باري ۾ سوچڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. پر ايتري شاعري، ايترين تصويرون ۽ ايتري موسيقي پڙهڻ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کانپوءِ اسان جسم ۽ روح جي فرياد کي ڏسي چڪا آهيون ۽ ڪيئن ان کان سختي سان منهن موڙي سگهون ٿا؟

اسان ماڻهو ڍگها ڪتاب لکون ٿا، جن ۾ شايد هڪ صفحو بہ اهڙو ناهي هوندو جنهن لکڻ کي خوشي ۾ بدلايو هجي، اسان هڪ

عام رستي تي ايمان رکندي اهڙي طرح لکندا رهون ٿا. جهڙي طرح صبح شام ڏوڪڙن ڪمائڻ واري جدوجهد ڪندا آهيون ۽ دماغن کي سياست سان پرکيون ٿا ۽ اهڙي ئي دؤر ۾ ٽيگور هندستاني تهذيب وانگر، پنهنجي روح کي دريافت ڪرڻ ۽ سنهنجي پاڻ کي عاشقانه پڻ سان ان جي حوالي ڪرڻ ۾ قناعت ڪري ورتي، اڪثر ائين ٿو معلوم ٿئي ته ٽيگور پنهنجي زندگي سان انهن ماڻهن جي زندگي جو تضاد ڏيکاري رهيو آهي، جيڪي اسان جي طرز زندگي جا پيروي ڪندڙ آهن، جنهن ۾ دنيوي لحاظ کان وڏيڪ ڪم جو ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو، اهو تضاد ٽيگور وڏي عاجزي سان هيئن پيش ڪري ٿو:

”منهنجي حياتي گذارڻ جو طريقو ته صرف منهنجي لاءِ سٺو آهي.“

هڪ موقعي تي جڏهن ٽيگور کي خيال ٿو اچي ته ڪنهن زماني ۾ سندس زندگي ڪيتري قدر مختلف هئي ته هو چوي ٿو:

”مون ڪيترائي ڪلاڪ خير ۽ شر جي ڇڪتاڻ ۾ گذاري ڇڏيا. انهن ڏهاڙن ۾ مون سان گڏ راند روند ڪندڙ ساٿي جي خوشي مون کي هاڻ پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي ۽ مون کي معلوم ناهي ته اها اوچتي گهُر ڇو ٿي رهي آهي ۽ اها مون کي ڪيڏانهن نيندي“.

هڪ اهڙي سادگي ۽ معصوميت جيڪا ادب ۾ ڪٿي ٻي هنڌ نظر نٿي اچي، ڳائيندڙ پکين، جهولندڙ پنن ۽ موسم جي تبديلين کي ٽيگور جي ايترو ويجهو ٿي آڻي ڇڏي جيترو اهي شيون ڪنهن ٻار لاءِ هونديون آهن. ڪڏهن سوچان ٿو ته اها شيءِ ٽيگور بنگالي ادب کان ورتي آهي يا مذهب کان ۽ ڪڏهن وري مون کي ٽيگور جي ٻار جي کلهن ۽ گوڏن تي ويٺل پکين جو خيال ٿو اچي ته مون کي اهو سوچي خوشي ٿي محسوس ٿئي ته ٽيگور کي ته اها شي ورثي ۾ ملي آهي. هڪ ڳجهي ڳالهه. هڪ ڪيفيت جيڪا صدين کان وڏي ويجهي رهي هئي. درحقيقت جڏهن ٽيگور ٻارن جون ڳالهيون ڪري ٿو ته اهي ڳالهيون سندس طبيعت ۽ فطرت جو هڪ اهڙو جزو لڳن ٿيون جو اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو ته هو سنتن جي ڳالهه ڪونه پيو ڪري سندس تحرير جي معصوميت هنن سٽن مان ظاهر ٿئي ٿي:

”هي ٻارڙا پنهنجا واري جا گهرڙا ناهن تا ۽ سپين سان ڪيڏن ٿها سُڪل پنن سان پنهنجون بيڙيون ناهن تا ۽ ڪلندي انهن کي طوفاني لهرن جي حوالي ڪن ٿا.ا نهن کي ترڻ نٿو اچي، جار اچلڻ نٿو اچي، سپي ۾ پيل موتي جي ڳولا لاءِ ٽُٻي هڻن تا جڻ واپاري جهازن تي سفر لاءِ روانا ٿيا آهن. ٻار نڪراني جا ذرڙا وري ميڙي اچلين ٿا. انهن کي ڳجهن خزانن جي ڳولا ناهي ۽ ـ ئي انهن کي جار اچلڻ اچي ٿو.“

# آئون هڪ شاعر آهيان

[تيگور]

پنهنجي اصلي ڳڻ کي سڃاڻڻ اصل ۾ ڪو سؤلو ڪم ناهي، جيڪڏهن خدا پنهنجي رحمت سان مون کي 70 سالن جي ڊگهي ڄمار عطا نہ ڪري ها تہ شايد هن علم کان وانجهيل رهان ها. پنهنجي هن ڊگهي ڄمار ۾ مختلف قسمن جي سرگرمين ڏانهن رغبت ڏيڻ پر انهن مان ڪنهن ۾ بہ منهنجي داخلي مزاج جو اظهار ڪونہ ٿيو هاڻي جڏهن منهنجي زندگي جو سفر پڄاڻي جي ويجهو آهي تہ آئون پنهنجي طبيعت جي رجحان کي واضح طور تي ڏسي سگهان ٿو. پنهنجي ماضي تي نظر ڊوڙائيندي مون کي پڪ سان رڳو هڪ ڳالهہ محسوس ٿئي ٿي تہ آئون هڪ شاعر آهيان.

مون کي نہ مذهبي پيشوا هجڻ جي دعوي آهي نہ قوم جي هادي هجڻ جي. آئون نہ اخلاق جو استاد آهيان نہ ڌرم جو پرچارڪ. مون هڪ پيرو لکيو هو تہ آئون نئين بنگال جو اڳواڻ هجڻ جو خواهشمند ناهيان. مون اها ڳالهہ پوري خلوص سان چئي هئي جيڪي ماڻهو سچائي جي نور جا پيغامبر آهن جيڪي ڌرتي، پاڻي ۽ هوا کي پاڪ ڪن ٿا ۽ قومن کي امن جي راهہ ڏيکارين ٿا آئون انهن جو مداح تہ آهيان پر آئون ڄاڻان ٿو تہ انهن سان برابري ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي، پر جڏهن سچائي جو اهو نور خوشي جو نور بڻجي بيشمار طرفن ۾ پکڙجي ٿو ۽ ان جو جلوو گڏيل تحريڪ ۾ ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو سچائي جو نور بطور شاعر منهنجي مؤقف سان هم آهنگ ٿي وڃي ٿو. آئون مختلف طريقن سان ظاهر ٿيندڙ آواز آهيان. آئون ان لامحدود جو آواز آهيان، جنهن جا اڻ ڳڻيا پهلو آهن ۽ اهي پهلو وري مختلف قسمن جا آهن. آئون ان اڻ ڇيهہ بي نالي خوشي ۽ آنند جو آواز آهيان، جيڪا سمورين شين تي ڇانيل ۽ سمايل آهي.

# ٽيگور ۽ سندس دؤر

[سگاتا بوس]

ايشيا جو تصور ۽ ايشيائي آفاقيت جو جوهر پنهنجو پاڻ ۾ هندي سمنڊ جي هن پار گذرگاهن ذريعي تخليق ڪيل عالمگيريت جي سوچ جي پيداوار هو. جاپان، برما ۽ چين جي فنونِ لطيفہ جي سگهہ ۽ ماڻن ماڻپن سان رابندر ناٿ ٽيگور جي سڌي سنئين واقفيت ڪيس اهو گس ڏيکاريو تہ هو هندستاني فنڪارن تي زور ڏئي تہ اهي هڪ نئين سفر جي شروعات لاءِ اوپر سان ناتو جوڙين.

ويهين صدي جي اڳيارڙي ۾ جڏهن ايشيا ارڙهين صدي جي پڇاڙي ۾ وڃايل عالمي رتبي کي هڪ ڀيرو ٻيهر حاصل ڪري رهيو هو هڪ تاريخي تبديلي سامهون اچي رهي هئي جيتوڻيڪ ايشيا جو تصور ۽ ايشيائي آفاقيت جو ٻوهر يورپي سامراجي طاقت جي قبضي واري دؤر ۾ بہ موجود هو ۽ پنهنجي تاجي پيٽي جي اٽت ڪري رهيو هو ايشيائي جذبي جي سگهارين ۽ اثرائتين تخليقي علامتن مان هڪ رابندر ناٿ ٽيگور (1941 _ 1861) هو جنهن 1913ع ۾ ادب جو نوبل انعام حاصل ڪيو. ٽيگور ويهين صدي جي اڳيارڙي ۾ جاپان، چين، ڏکڻ اوڀر ايشيا، ايران ۽ عراق جو سفر ڪيو ۽ سموري ايشيا ۾ سگهارن رابطن کي اڳتي وڌايو.

منهنجي ڪتاب ”اي هنڊريڊ هورائزن: انڊين اوشين ان دي ايج آف گلوبل ايمپائر‘ ۾ مون دعوي ڪئي هئي تہ ٽيگور انسانذات جي ڀلائي جي خواهش جو واضح انداز ۾ اظهار ڪرڻ وارن مان هو توڙي جو سندس اها آفاقيت ڪجهہ مختلف هئي. اها مخصوص دعوي هڪ تڪراري بحث جو حصو هئي، جنهن ۾ موضوع اهو هو تہ ”جديد تاريخ جي ترجماني مجموعي يا مڪمل طور تي نہ پر انتهائي معقول حد

تائين گهڻ رنگي ۽ گهڻ رخي مقابلي بازي واري آفاقيت جي هڪ ٻئي تي ٻونڊاڙ اثرن جي طور تي ڪئي ويندي آهي.“ نون آبادڪارن ثقافتي اختلافن واري پنهنجي نقطء نظر جي چوڏاري دفاعي پٽيون ڪونہ جوڙيون هيون. هو عالمگيريٽ جي فڪر جي وشال ميدان ۾ پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ جا خواهشمند هئا ۽ عالمي آئيندي کي طئي ڪرڻ ۾ پنهنجون خدمتون مهيا ڪرڻ پئي چاهيائون. سندن عالمگيريت جي تصور ڪنهن وڏي دائري ۾ ڪونہ پئي گردش ڪئي، پر مقامي ڄاڻ ۽ ملڪي تجربن جي زرخيز ميدانن مان ڦٽي نڪتو هو.

ويهين صدي جي اڳياڙي ۾ هندستان سوديشي ثقافتي ماحول (”سوديشي“ خود مختار حڪومت جي حاصلات جي هڪ سياسي تحريڪ هئي) ديسي روايتن جي نواڻ ۾ دلچسپي جي باوجود مڪمل طور تي پنهنجي اندروني حالتن ڏانهن ڏسڻ کان وانجهيل هئي. ان جا حليف دنيا جي مختلف حصن ۾ ايجادن جا گهُرجائو هئا ۽ انهن بنگالي وطن دوستي، هندستاني قوميت ۽ ايشيائي آفاقيت جي مستقل ۽ وڌندڙ هم مرڪز دائرن اندر اطمينان محسوس ڪيو هو. قوميت جي جذبي کي عام انسانيت سان هم آواز ڪرڻ جا خواهشمند اهي ماڻهو ان ڳالھ لاءِ تيار نہ هئا تہ بينڪيتي سرحدن جي پڪيڙ واري پنهنجي تصور کي سوڙهو ڪن. ايشيائي آفاقيت جو جذبو نئين صدي جي آمد تي ٻن ڏاهن اوڪا ڪوراڪاڪوزا (1913_1862ع) سسٽر نويديتا (1911_1867ع) جي ذريعي هندستان پهتو.

اوڪا ڪورا پنهنجي شروعاتي ڏهاڙن ۾ جاپاني فنون لطيفہ جي هارورڊ مان پڙهيل اسڪالر، فرانسيسڪو فينولوسا (1908_1853ع) کان متاثر ٿيو هو. فينولوسا ٽوڪيو امپيريل يونيورسٽي ۾ فلسفي ۽ سياسي معاشيات جو آمريڪي پروفيسر هو ۽ جاپاني ۽ چيني تصويرن جي مجموعي کي پوءِ اوڪا ڪورا بوسٽن ميوزيم آف فائن آرٽس جي حوالي ڪيو. جاپاني قوميت ۽ ايشيائي آفاقيت جي وچ ۾ اوڪاڪارا جو پيش ڪيل ميلاپ هندستاني دانشورن ۽ فنڪارن لاءِ هڪ مثالي نموني جي طور تي ڪشش جو سبب هو. اوڪاڪارا پنهنجي لکڻي ”دي آئيڊيلز آف دي ايسٽ“ جي ڇپجڻ واري موقعي تي

پهريون ڀيرو 1906ع ۾ هندستان آيو. هڪ ڪتاب جو تعارف هندستاني دانشور سوامي وويڪانند (1906_1863ع) جي آئرلينڊ جائي مريد نويديتا لکيو هو. جڏهن مسٽر نويديتا اوڪا ڪارا کي ٽيگور ڪٽنب سان جاڻو سڃاڻو ڪرايو ته اوير ۽ ڏکڻ ايشيا جي وچ ۾ هڪ گهرو ثقافتي رشتو قائم ٿيو ۽ جاپاني فنڪار تائيڪن يوڪويونا (1958_1871ع) جاپان جي آبي ٽيڪنيڪ سکي جنهن جو شاندار مثال سندس مشهور پينٽنگ "ڀارت ماتا" (مدرانديا 1905ع) آهي. سندس هڪ ٻيءَ پينٽنگ ٻه آهي، جنهن ۾ هن ئي ٽيڪنڪ ۾ هڪ رشي کي اڇي گهوڙي تي سوار پهاڙن تي چڙهندي ڏيکاريو ويو آهي.

1916ع ۾ جاپان جي دؤري هلندي اتان جي فنون لطيفه جي سگهه ۽ ماپن ماڻن سان رابندر ناٿ ٽيگور جي سڌي سنئين ويجهڙائپ ڪيس اهو گس ڏيکاريو ته هو هندستاني فنڪارن تي زور ڏئي ته هو سوديشي تصورن جي جزن کان پاڻ بچائيندي هڪ نئين سفر جي شروعات لاءِ اوير ڏانهن رجوع ڪن. هو بحرڪاهل پار ڪري آمريڪا ويو ۽ قوميت جي موضوع تي ليڪچر ڏنائين. عام طور تي شاعر جي دؤرن وقت ساڻس دانشورن ۽ فنڪارن جو هڪ ننڍڙو پر قابل وفد گڏ هوندو هو. مگل ڊي (1989_1895ع) اهو فنڪار هو جيڪو 1916ع ۾ جاپان جي سفر دوران ٽيگور سان گڏ هو.

1927ع ۾ ڏکڻ اوير ايشيا جي سفر وقت ٻولي جي ماهر سنيتي ڪمار چٽوپا ڌيائي (1977_1890ع) ۽ چترڪار سريندر ناٿ ڪار (1970_1896ع) ساڻس گڏ هئا.

برما، چين ۽ جاپان جي 1924ع جي سفر وقت شانتي نڪيتن جا ٻه ساٿي هڪ چترڪار نند لال بوس ۽ ٻيو سنسڪرت ۽ مذهبي تعليم جو ماهر دانشور شتي موهن سين (1960_1880ع) ٽيگور سان گڏ هئا. هن سفر دوران ٽيگور ايشيائي ثقافت جي وچ ۾ ويجها لاڳاپا قائم ڪرڻ تي زور ڏنو. آمريڪا ۾ 1924ع جي اميگريشن قانون (جنهن کي اوير وارن کي پري رکڻ وارو قانون ٻه چيو ويندو هو) جي عملدا خلاف ٽيگور جي ڪِن چاهيندڙن سمورن ايشيائين ۾ ٻڌي پيدا ڪرڻ لاءِ شنگهائي ۾ هڪ ايشيائي تنظيم قائم ڪئي. جاپان ۾ نندلال بوس کي

ٽيگور جي دوست تائيڪن اهو فنڪار جيڪو هندستان جو دورو ڪري چڪو هو جي مهمانوازي جو مزو وٺڻ جو موقعو مليو ۽ هن جاپان جي فن جا شاهڪار ڏنا.

1930ع جي ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ اوڀر ايشيا ۾ پيش ايندڙ واقعن سبب ان وقت تائين نظرين جي چالبازين کان ڇوٽڪاري لاءِ راهه هموار ٿي وئي. 1937ع ۾ چين تي جاپان جي ڪاهه پڌرو ڪري ڇڏيو ته ايشيا به يورپ وانگر قوميت تي ٻڌل جنگين جو نشانو بنجڻ وارو آهي. ’ماڊرن رويو‘ جي آڪٽوبر 1937ع واري رسالي ۾ سڀاش چندر بوس جو هڪ ڊگهو مضمون ’ڏور اوڀر ۾ جاپان جو رول‘ ڇپيو. ڪن معنائن ۾ هن مضمون ۾ اوڀر ايشيا جي اقتدار بابت لاڳاپن جو هڪ ذڪر جوڳو ۽ حقيقت پسندي وارو تجزيو ڪيل هو. جيتوڻيڪ مضمون جي آخر ۾ بوس ان ڳالهه جي انڪشاف ۾ ڪا به هٻڪ محسوس ناهي ڪئي ته سندس همدرديون ڪنهن سان آهن. هن جاپان کي جائز قرار ڏيندي چيو آهي ته هن ”پنهنجي لاءِ ۽ ايشيا لاءِ پلوڙ ڪم ڪيا آهن.“ هن ياد ڏياريو ته ويهين صدي جي شروعات ۾ سموري ايشيا لاءِ ڪهڙي طرح اڳواٽي جا فرض نڀائيندو رهيو آهي. هن اولهه جي سامراجي طاقتن جي خلاف جاپان جي مؤقف کي پليڪار ڪيو. هن اهو به سوال ڪيو ته ڇا جاپان جي مقصدن کي ’سامراجيت جي چيني جمهوريه جا ٽڪرا ڪرڻ بنا حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ سندس جواب هو ته ’نه‘ هن جو چوڻ هو ته جاپان جيڪو ڇڱو ڪم ڪندو ته اسان هن سان گڏ هونداسين. پر ساڳي جاءِ تي چين سان به هر ڏکئي وقت ۾ گڏ هونداسين.

چوڻ جو مقصد ته جاپاني آرٽ ايشيائي آفاقيت جي جوهر کي ان لائق بنايو جو هو جاپاني قومپرستاڻي سامراجيت واري دور کي جيئرو رکي سگهيو. 1947ع ۾ هندستان جي آزادي کانپوءِ نندلال بوس ماٺ ميٺ ۽ اعتماد سان پنهنجي فن ۾ هندستاني ڳوٺ جي تصوير چٽڻ شروع ڪئي ۽ اهو فن تخليقي لحاظ کان جاپان جي ’سومي‘ طريقي وارو هو. هن وقت ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته علائقيت جو پرچار ڪرڻ بدران عالمگيريت جي نظرئي کي اپنايو وڃي.

# ٽيگور، گيتان جلي ۽ نوبل انعام

[نلنجن بينرجي]

رابندر ناٿ ٽيگور اي. جي. ٿامپسن جي نالي 1916ع ۾ لکيل هڪ خط ۾ هيئن اظهار ڪيو "مون کي هن وشال دنيا ۾ گهر کان ڏور هجڻ جو احساس ٿئي ٿو" پنهنجي وفات کان ڪجهه ورهيه اڳ هن پنهنجي شاعري تي تنقيد ڪئي ته اها پنهنجي اظهار ۾ آفاقي ناهي، هن دليل ڏنو ته سندس ٺاهيل تصويرون زبان جي حدن کان مٿاهيون ٿيڻ ۾ ڪامياب آهن. ٿي سگهي ٿو ته ٽيگور پاڻ کي پنهنجي جنم ڀومي بنگال تائين محدود نه رکڻ چاهيندو هجي. هي ئي اهو هنڌ آهي جتي هو جاڳو ۽ اوڻيهين صدي جي پڇاڙڪي اڌ ۾ کيس مڃتا ملي. تيرهن ورهين جي ڄمار ۾ شيڪسپئر جي ميڪبٿ جو ترجمو ڪندڙ پنهنجي دور جي ٻن ٻولين ۾ گهڻو لکندڙ اديب بڻجي ويو جنهن کي اڪثر پنهنجي لکڻين جو انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ جو مزو حاصل ٿيو.

جون 1912ع ۾ ٽيگور لنڊن ۾ پنهنجي نظمن جو انگريزي ترجمو پنهنجي برطانوي دوست چترڪار وليم روٿنسٽائن (1945_1872ع) کي ڏيکارڻ جو ارادو ڪيو. (روٿنسٽائن پوءِ رائل ڪاليج آف آرٽ جو پرنسپل بڻيو)

جڏهن خبر پئي ته چمڙي جي دٻي ۾ ترجمو ٿيل مسودو جيڪو ٽيگور جي پٽ رٿيندرناٿ (1961_1888ع) جي تحويل ۾ هو گم ٿي ويو آهي ته انتظاميه ٽرتلي ۾ اچي وئي ۽ ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ انگلينڊ جي زير زمين ريلوي جي عملي اهو مسودو هٿيڪو ڪري رٿيندرناٿ جي حوالي ڪيو. رٿيندر اهو مسودو ريل مان لهڻ وقت اتي وساري آيو هو. رٿيندر پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو ته "آئون اڪثر اهو سوچي

ڪمبي ٿو وڃان تہ منهنجي لاپرواهي جي ڪري ”گيتان جلي“ جو مسودو گم ٿي وڃي ها تہ مَجاڻ ڪهڙي حالت ٿئي ها.“ برآمد ٿيل ترجمو ”گيان جلي“ (گيتن جي انجمن) نالي سان هڪ ڪتاب جي صورت ۾ پهرين نومبر 1912ع ڌاري ڇپيو. جنهن کي انڊيا سوسائٽي آف لنڊن انگريزي شاعر ڊبليو. بي. ٽس (1930_1865ع) جي لکيل تعارف سان ڇپرايو.

1910ع ۾ ٽيگور بنگالي نظمن جو ڪتاب ”گيتان جلي“ جي عنوان سان ڇپرايو هو. ان وقت تائين هو هڪ شاعر، هڪ مضمون نويس، ناول نگار، ننڍڙا افسانہ لکندڙ اڻ ڳڻين گيتن جو موسيقار ۽ شانتي نڪيتن ۾ ٻارن لاءِ هڪ تجرباتي اسڪول قائم ڪرڻ سان هڪ نرالي تعليمي ماهر طور پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪري چڪو هو. ”گيتان ج' ي“ جي ڇپجڻ تائين هو ڪيترن ئي ذاتي نقصانن کي منهن ڏئي چڪو هو. پنهنجي وڏي ڀيڻ جي ننڍڙي عرصي ۾ ٽيگور جي امڙ (1875ع)، گهٽي ۾ ٿيدت رکندڙ سالي ڪاردمبري (1884ع)، گهرواري مر نالني (1906ع)، ڀيءَ ڌيءَ رينوڪا (1903ع)، والد ديبيندرناٿ (1905ع)، سڀ کان ننڍڙو پٽ سميندر ناٿ (1907ع) ۾ ان کان وڇڙي اڳئين جهان ۾ هليا ويا. موت جي انهي تجربي سندس احساسن کي جرڪائي ڇڏيو ۽ کيس تقويت ڏني تہ زندگي جي بدلجندڙ حقيقتن يعني ڏک ۽ خوشي کي منهن ڏئي سگهي.

1912ع جي اڳياڙي ۾ ٽيگور سخت بيمار ٿي پيو. انگلينڊ جي پنهنجي طئي ٿيل دوري کي ختم ڪري، آبهوا جي تبديلي لاءِ پدما دريا جي ڪناري تي پنهنجي اباڻي وطن سلائدا (جيڪو هاڻي بنگلاديش ۾ آهي) پهتو. هتي هن پنهنجن ڪجهہ چونڊ نظمن جا ترجما ڪيا. چڱو ڀلو ٿيڻ کانپوءِ ڪنهن خاص مِشن جي بنا رگو ڊاڪٽر جي صلاح تي عمل ڪندي مئي 1912ع ۾ انگلينڊ روانو ٿي ويو. انگلينڊ جي پنهنجي ڊگهي سامونڊي سفر دوران هن ترجما ڪرڻ وارن تجربن کي جاري رکيو. سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي تہ هن جي مَن ۾ پري پري جي ڏيهن ۾ رابطن ڪرڻ واري خواهش هئي. 1912ع کان پهرين ٽيگور صرف پنهنجا ٻہ ٽي نظم ئي ترجمو ڪيا هئا.

وليم روٿنسٽائن جيڪو 11_1910ع واري پنهنجي هندستاني دوري واري وقت کان ٽيگور کان واقف هو. ان ٽيگور ۽ سندس شاعري کي پنهنجي ويجهن ادبي دوستن يارن سان متعارف ڪرايو جن ۾ ڊبليو بي ايٽس، ٿامس سٽرج موري (1944_1870ع) ارنيسٽ رهيز (1946_1859ع) ايزرا پائونڊ (1972_1885ع) سنڪليئر (1946_1863ع) اسٽاپ فورڊ بروڪ (1916_1823ع) سميت ڪيترائي اهم اديب ۽ شاعر شامل هئا.

ڊبليو. بي ايٽس گيتانجلي جي سحر انگيزي بابت تعارف لکندي هن طرح اظهار ڪيو:

”هنن نثري ترجمن منهنجي رت کي اهڙي طرح گرمايو آهي، جيڪو ڪم ڪيترن سالن ۾ ڪابہ شيءِ نہ ڪري سگهي هئي ۽ اها لکڻي هٿ ۾ کڻي ڪيترائي ڏينهن ريلوي پليٽفارمن، ريسٽورنٽن ۽ بين هنڌن تي ان جو مطالعو ڪندو رهيس، ڪيترائي ڀيرا مون کي اهو ڪتاب بند ڪرڻو پوندو هو متان ڪو اڻ واقف ڏسي ۽ سوچي تہ همراهہ ڪهڙي جهان ۾ گم آهي.“

بنگالي گيتانجلي ۾ هڪ سو تياسي نظم هئا. جڏهن تہ ترجمي ۾ هڪ سؤ ٽي نظم آيل هئا. روٿنسٽائن جي ڪوشش سان ٽڙيل پکڙيل ترجمو ٿيل نظمن کي انڊيا سوسائٽي آف لنڊن پاران ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. ڪتاب جون ساڍا ست سؤ ڪاپيون ڇپيون، جن مان رڳو اڍائي سؤ ڪاپيون وڪري لاءِ هيون. ڪتاب کي برطانيہ ۾ زبردست موٽ ملي ۽ ميڪ ملن پريس آف لنڊن ان جا حق واسطا خريد ڪرڻ جو موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏنو ۽ رڳو مارچ کان نومبر يعني 1913ع جي نون مهينن ۾ هن ڪتاب جا ڏهہ ايڊيشن ڇاپيا. بنگالي گيتانجلي ڪنهن انتساب جي بنا ڇپيو هئو. جڏهن تہ ٽيگور پهرين انگريزي ترجمي کي پنهنجي سنگتي جي نالي منسوب ڪيو ۽ اها سنگت 1941ع شاعر جي وڇوڙي تائين جاري رهي.

ٽيگور آڪٽوبر 1912ع ۾ انگلينڊ کان آمريڪا روانو ٿي ويو هو. سندس انگريزي گيتانجلي بہ اچا ڪونہ ڇپيو هو ۽ سيپٽمبر 1913ع ۾ هو هندستان پهچي ويو. هي اهو ئي وقت هو جڏهن گيتانجلي جي جڳہ

جڏهن ڪار هر پاسي هئي، اخبارون ۽ ادبي مخزن ڪتاب تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيا هئا. انهن اخبارن ۽ رسالن ۾ دي ٽائمز لٽريري سپليمينٽ، مانچسٽر گارڊين ۽ دي نيشن شامل هئا.

برطانوي اديب ٿامس اسٽرج موري برطانيه جي رائل سوسائٽي آف لٽريچر جي فيلو جي حيثيت سان انفرادي طور تي سويڊش اڪيڊمي ۾ ادب جي نوبل انعام لاءِ رابندر ناٿ ٽيگور جو نالو تجويز ڪيو جڏهن ته سوسائٽي جي ستانوي ٻين ميمبرن مجموعي طور تي ناول نويس ٿامس هارڊي جو نالو تجويز ڪيو. پهرين اڪيڊمي جي چيئرمين هيرالڊ هيجارن ٽيگور جي نامزدگي جي سخت مخالفت ڪئي، پر هيزڪ ولهيلم (جيڪو بنگالي ڄاڻندو هو) ۽ ڪارل گستاف جيڪي ٽيگور جي ادبي حيثيت کان واقف هئا تن پُرزور طريقي سان سندس نامزدگي جي پٺڀرائي ڪئي، ڪُل اٺاويهه نامزدگين مان ٽيگور جو نالو انعام لاءِ منظور ڪيو ويو. سندس ڳوڙها احساس، تازي ۽ دل آويز شاعري جي ڪري، جيڪا ڪيس سندس پختي مهارت سبب حاصل ٿي هئي ۽ جنهن جي ذريعي پنهنجي شاعرانه فڪر کي انگريزي ۾ بيان ڪرڻ سبب ڪيس اولهه جي ادب جو حصو بنائي ڇڏيو.

نوبل ڪميٽي جو هڪ ڪيبل گرام 14 نومبر 1913ع تي ڪلڪتي پهتو ۽ ان خبر کي ڪيترن ئي ٽيليگرامن ذريعي شانتي نڪيتن ۾ موجود ٽيگور تائين پهچايو ويو. يادگيري واري مواد ۽ رڪارڊ مان پتو پوي ٿو ته شاعر جي انهي حاصلات تي سموري شانتي نڪيتن ۾ شادمانا ٿي ويا هئا.

ڪن شاگردن جو چوڻ هو ته ٽيگور کي 'نوبل انعام' سندس انتهائي درجي واري شرافت جي ڪري مليو آهي، جڏهن ته ڪن جو خيال هو ته 'نوبل انعام' ٽيگور جي لکيل اوچن ناولن سبب ئي شانتي نڪيتن تائين پهتو آهي. جوش جذبي جي انهي بي مثال طوفان هلندي شانتي نڪيتن ۾ 23 نومبر 1913ع تي شاعر جي مان ۾ هڪ وڏي تقريب ٿي گذري، جنهن جي صدارت سندس دوست جگديش چندر بوس (1858_1937ع) ڪئي. پنج سؤ پُرجوش مداحن سان ڀريل هڪ خاص ريل گاڏي ڪلڪتي کان بول پور پهتي، ٽيگور جنهن رتبي تي

پهتو اتي ڪيس ڪيترائي تنقيد ڪندڙ پڻ مليا. جن ماضي ۾ ڏار ڏار موقعن تي مٿس ذاتي طور تي تنقيد ڪئي هئي. اُهي ماڻهو ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا ڇاڪاڻ تہ شاعر کي پرڏيهہ ۾ سڃاڻپ ملي هئي. پاڻ تي تنقيد ڪندڙن کي ميڙ ۾ ڏسي سندس ڇهڙي تي ڪاب ناراضگي نہ اُڀري. پر هن جي پنهنجي خطاب ۾ ان جو پڙاڏو ضرور ٻڌڻ ۾ آيو جڏهن هن چيو "آئون اوهان پاران ڏنل اعزاز جي انهي جام کي رڳو پنهنجي چپن تائين آڻي سگهان ٿو پر آئون ان کي دل جي گهراين سان پي نٿو سگهان."

ٽيگور هن اعزاز کي حاصل ڪرڻ واري پهرين ايشيائي طور پاڻ ونڻ لاءِ نہ وڃي سگهيو ۽ سندس پاران موڪليل هڪ ٽيليگرام پڙهي ٻڌايو ويو. جنهن ۾ لکيل هو "آئون سويڊش اڪيڊمي جي سمجهہ جي وسعت کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جنهن سڀان وڇوٽيون. ويجهڙائپ ۾ بدليون ۽ اڻسڃاڻو کي ڀاءُ بنايو ويو." نوبل ميڊل ۽ ڊپلوما بنگال جي گورنر لارڊ ميڪائيل (1859_1926ع) کي موڪليو ويو. جنهن 29 جنوري 1914ع تي ڪلڪتي جي گورنر هائوس ۾ ٿيل هڪ تقريب ۾ اهو انعام شاعر کي پيش ڪيو.

گيتانجلي ۽ نوبل پرائز ٻنهي ٽيگور لاءِ عالمي اسٽيج تيار ڪيو ۽ اهو رتبو عطا ڪيو جيڪو سرحدن کان مٿي ٿي زندگي جو جشن ملهائي سگهي ٿو:

> هن دنيا جي جشن ۾ مون کي دعوت ڏني وئي آهي ۽
> اهڙي طرح منهنجي زندگي وجود ۾ آئي. منهنجي
> اکين ڏٺو ۽ منهنجي ڪنن ٻڌو.
>
> (گيتانجلي_16)

# رابندر ناٿ ٽيگور جو
# لافاني شاهڪار ”گيتانجلي“

[راحيل اقبال]

’گيتانجلي‘ رابندر ناٿ ٽيگور جو اهو لافاني شاهڪار آهي، جنهن تي ڪيس دنيا جو غير معمولي ادبي انعام ’نوبل پرائز‘ مليو هو ۽ اهوئي نظمن جو ڪتاب آهي، جنهن سبب سندس ناماچاري ٿي.

’گيتانجلي‘ جو ترجمو دنيا جي سمورين وڏين ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي. اردو ۾ ڪيترائي ترجما ڇپيا پر اهي نثري ترجما آهن. جڏهن رابندر ناٿ ٽيگور جو مجموعو ’گيتانجلي‘ ڇپيو ته انگلينڊ جي عظيم شاعر ڊبليو. بي ايٽس ۽ آئرلينڊ جو شاعر ارنيسٽ رهيز ويلز پنهنجي عروج تي هئا پر نوبل انعام جي حاصلات ڪانپوءِ رابندر ناٿ ٽيگور جا ترجما سامهون آيا ته انگلينڊ جي ادبي حلقن ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙن ۾ هڪ هلچل مچي وئي.

معروف اسڪالر ڊاڪٽر عبدالرحمان بجنوري ان وقت انگلينڊ ۾ هو. هو لکي ٿو ته جتي به آئون ڪتاب خريد ڪندو هوس داخل ٿيڻ سان ئي دڪاندار فخريه انداز ۾ چوندو هو ”هي ٽيگور جو ديس ڀائي آهي“ ۽ جتي ويجهو هو ته اهي جملا ٻڌڻ لاءِ ملندا هئا .اوهان ڪي ۽ هندستان ڪي واڌايون هجن. پر جڏهن ڊاڪٽر عبدالرحمان بجنوري هندستان اچي ٿو ۽ هتي جي پراڻ پسند اشرافيه جا خيال ۽ ڪن ادبي حلقن جي حالت ڏسي ٿو ته پنهنجو خيال هن طرح ظاهر ڪري ٿو:

”جڏهن هندستان واپس آيس ته منهنجو خيال هو ته هتي جي علمي دنيا ۾ به اهائي حالت هوندي ۽ ٽيگور جي قلم جي عظمت سيني ڪي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هوندو. پر هتي عام طور تي تعليم يافته طبقي ڪي ٽيگور جي نالي ڪان به اڻواقف ۽ وڏن ماڻهن ڪي سندس خوبين جو

انڪاري ڏنم. ايتري قدر جو علمي طبقن جي حالت اها هئي جو شاعرن ۽ اديبن کي داد ڏيڻ ۾ بہ ڪنجوسي ڪندا هئا. خود بنگال ۾ بہ مخالفت ڏني ويئي. اهڙي لاعلمي کي ڏسي ڏاڍو ڏک پهتو.“

اندازو ڪريو تہ نوبل انعام يافتہ ٽيگور جهڙي شاعر جي باري ۾ جنهن سماج ۾ مڃتا نہ ملي، اهو ثقافتي طور تي ڪيئن ٿو ترقي ڪري سگهي. اهڙيون حالتون عظيم بنگالي فلمي هدايتڪار ستياجيت ري کي بہ سامهون آيون. جنهن کي 12 فلمن مان 11 هن تي عالمي ايوارڊ مليا.

6 مئي 1861ع تي دويندر ناٿ ٽيگور جي گهر ۾ جنم ورتندڙ رابندر ناٿ ابتدائي تعليم 70-1869ع اورينٽل سمينري ۽ نارمل اسڪول ڪلڪتي ۾ داخلا ورتي ۽ ننڍپڻ کان ئي نظم لکڻ شروع ڪيا. ان کانپوءِ اينگلو انڊين اسڪول ۾ تعليم ورتي.

1873ع ۾ پهريون ڊرامو ’پرٿوي راج جي شڪست‘ لکيائين. سموري هندستان جو سفر ڪيائين. انهي دوران سنسڪرت ۽ انگريزي پڙهيائين. 1876ع ۾ ڊگهو نظم ”صحرا جو گل“ لکيائين. افسانو ”ڦقيرياڻي“، هڪ ناول ۽ ٻيو ڊگهو نظم ”شاعر جي سرگذشت“ لکيائين. انگريزي ۾ تنقيدي مضمون بہ لکيائين. 80-1879ع ڌاري انگلينڊ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو. اولهہ جي موسيقي جي تعليم حاصل ڪرڻ بہ سندس هڪ ڪارنامو هو. 1880ع ۾ ڊگري ورتڻ بنا ئي لنڊن کان هندستان واپس پهتو. 29 ڊسمبر 1883ع تي مرناليني ديوي سان شادي ڪيائين. 1891ع ۾ شانتي نڪيتن جو افتتاح ڪيائين. 1898ع ۾ رجعت پسند سرڪار جي پاليسين خلاف احتجاج ڪيائين. 1901ع کان مستقل طور تي شانتي نڪيتن ۾ رهائش اختيار ڪيائين. 1902ع مالي مشڪلاتن کي منهن ڏنائين. پنهنجي گهرواري جا ڳهہ ڳٺا ۽ گهر بہ وڪڻي ڇڏيائين. بعد ۾ مرناليني فوت ٿي وئي، جنهن سان هن جا سُور ٻيڻا ٿي ويا. 1905ع ۾ سندس والد ۽ هڪ ويجهو سڄڻ ستيش راءِ وفات ڪري ويا. تنهن هوندي بہ هن جو تخليقي سفر جاري رهيو. 1910ع ۾ سندس شاهڪار مجموعو ”گيتانجلي“ ڇپيو. آمريڪا ۽ برطانيہ جي ڪيترين ئي يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنائين. ان کانسواءِ

ڪيترن ئي ملڪن ۾ موسيقي تي ليڪچر ڏنائين. 1921ع ۾ ڊرامو "نايَن" تمام گهڻو مشهور ٿيو. 14 اپريل 1941ع تي ٽيگور جي 80 هين سالگرهه ملهائي وئي، جنهن ۾ هن يادگار خطبو ڏنو. 8 مئي تي سموري هندستان ۾ سالگرهه جي جشن جو بندوبست ڪيو ويو. رابندر ناٿ ٽيگور جيڪو اعصابي بيمارين ۾ هڪ عرصي کان ورتل هو اهو 7 آگسٽ 1941ع تي وفات ڪري ويو.

# ٽيگور جو شانتي نڪيتن

[وسعت الله خان]

شانتي نڪيتن جي تصور جي باري ۾ جانچ ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي تہ جڏهن ٽيگور جي جنم کان 2 سال پوءِ سندس والد ديبندر ناٿ 1863ع ۾ هڪ ڏهاڙي اولهہ بنگال جي علائقي راءِ پور مان هڪ پالڪي ۾ سوار ٿي گذري رهيو هو رستي ويندي پوکن جي وچ ۾ ٻير سان ملندڙ جلندڙ وڻ 'اڇاتم' تي نظر پئي، ڪيس اها جاءِ هڪ برهچاري آشرم بنائڻ لاءِ تمام گهڻي پُرسڪون محسوس ٿي، اهڙي طرح اتي زمين خريد ڪري ورتائين. ان کانپوءِ ديبندر ناٿ هتي مراقبو ڪرڻ لڳو ۽ پرپاسي جي ٻارن کي 'اڇاتم' جي وڻ هيٺ پڙهائڻ بہ شروع ڪيائين. بهرحال جڏهن رابندر ناٿ ٽيگور پنهنجي والد جي انهي جڳهہ کي 1901ع ۾ پنهنجي رهائش بنايو اتي پانا ٻَون جي نالي سان هڪ پرائمري اسڪول جي شروعات ڪيائين. پرپاسي ۾ وڻ ٻوٽا پوکرايائين ۽ هڪ ننڍڙي ائبريري جو بنياد وڌائين. پاناٻون ۾ پڙهندڙ ٻارن لاءِ ٽيگور ئي نصابي ڪتاب لکيا. جيڪي پهريان چار شاگرد پلٽي هٽي پڙهڻ وينا تن ۾ ٽيگور جو پٽ رتندر ناٿ بہ شامل هو. جيڪو پارت جي آزادي کانپوءِ وشوپارتي يونيورسٽي جو پهريون وائس چانسلر بنيو. ٻيو شاگرد سُڌير رنجن داس سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس بنيو. ٽيون شاگرد آشم دتار هوڊز اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ پهريون هندستاني بنيو. ٽيگور جي انهي پاٺ ٻَون 1921ع تائين وشوپارتي وديالي جي شڪل اختيار ڪئي هئي، نجو پجو هڪ خانگي ڪاليج هو. جنهن جو تعليم جي سرڪاري کاتي يا ان جي نصاب سان ڪوبہ ناتو نہ هو. رابندر ناٿ ٽيگور جي وفات انهي هنڌ جوڙايل هڪ حويلي 'اترائن' ۾ 7 آگسٽ 1941ع ۾ ٿي. 1951ع ۾

وِشوڀارتي کي سرڪار باقاعده يونيورسٽي چارٽر ڏنو ۽ ان کي يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو.
شانتي نڪيتن ۾ هن وقت ٻه ٻين شعبن سان گڏوگڏ ٻه مکيه شعبا ڪم ڪري رهيا آهن. جن مان هڪ آهي ڪلاڀوَن (انسٽيٽيوٽ آف فائن آرٽس) ۽ سنگيت ڀون (انسٽيٽيوٽ آف ڊانس اينڊ ڊراما اينڊ ميوزڪ) سنگيت ڀون جي هر باغيچي ۾ سمينٽ جو وڏو اسٽيج نهيل آهي. اسٽيج جي پاسي ۾ ٻينل ٻڙ جي وڻن هيٺان سازينڌڙ استادن جي مدد سان شاگرد توڙي شاگرديائيون ٽيگوري سنگيت تي ساري گاما ڪندا رهن ٿا. راڳ رنگ ۽ فن جي تعليم سان گڏوگڏ اسلامڪ اسٽڊيز جو شعبو به آهي. جيڪو 1927ع ۾ نظام آف حيدرآباد دکن مير عثمان علي خان پاران ڏنل هڪ لک ستاويهه هزار روپين جي چندي سان قائم ٿيو هو ۽ ان شعبي کي ٽرسٽ جو درجو ڏنو ويو هو. جنهن جي آمدني مان ڪجهه عرصو اڳ تائين شاگردن ۽ شاگرديائين کي وظيفو ڏنو ويندو هو پر هاڻي هتان تحقيقي ڪتاب ڇپجڻ جو ڪم هلي رهيو آهي. هن شعبي ۾ فارسي، عربي ۽ اردو جا مضمون پڙهايا وڃن ٿا.
هن وقت شانتي نڪيتن جي يونيورسٽي ۽ اسڪول کي ملائي چار هزار شاگرد شاگرديائيون تعليم پرائي رهيون آهن. ان ڪانسواءِ هندستان جي مختلف شهرن ۾ ان جون شاخون قائم ٿيل آهن ۽ شاخن قائم ڪرڻ جو سلسلو اڄ به جاري آهي. اڄ جڏهن هندستان ۾ هر پاسي آءِ ٽي جو گوڙ متل آهي، پر اها ڳالهه ڪوبه ڪونه ٿو سمجهي ته ڪمپيوٽر کان ڪم وٺڻ لاءِ به ڄاڻ جو هجڻ ضروري آهي. جڏهن تخليقي صلاحيت ئي نه هجي ته ڪمپيوٽر ڪهڙي ڪم جو پر هاڻي ته ٽيڪنالاجي کي ئي ڄاڻ سمجهيو پيو وڃي. پر اهڙي ماحول جڙڻ کانپوءِ به اڄ جيڪڏهن ڪنهن کي فائن آرٽس ميوزڪ ۽ ڊانس سکڻي هجي ته شانتي نڪيتن کان سٺو ڪو ادارو ڪونهي.

# جيون ڪٿا

بينگال جي ڌرتيءَ ۽ بنگالي زبان جو عظيم شاعر، فلسفي، مفڪر ۽ قومپرست انسان، رابندر ناٿ ٽئگور، اولهه بنگال جي مشهور شهر ڪلڪتي ۾، عيسوي سن مطابق 6 مئي 1861ع سومر ڏينهن پرڀات جو اڍائي بجي کان ٽين بجي جي وچ ڌاري ڄائو ٽئگور جو خاندان بنگال جي ناميارن خاندانن مان هڪ هئو، سندس ڏاڏو راجڪمار دوارڪا ناٿ ٽئگور هڪ وڏو مها پرش انسان دوست ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي هئو، سندس پتا (پيءُ) ديويندر ناٿ ٽئگور ته برهم سماج جو مشهور درويش، رهبر ۽ عام ماڻهن جي دلين جو فاتح هئو سندس ماءُ شريمتي ماردا ديوي پڻ هڪ معزز گهراڻي مان هئي، جيڪا ڪٽر مذهب پرست هئي.

رابندر ناٿ ٽئگور جو فڪر، فلسفو رچنائون ۽ لکڻيون جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي نظرن آڏو گذرن ٿيون، تڏهن اهو هن کي پنهنجو سمجهي ٿو ويهي. سنڌ ڌرتيءَ جي لطيف جي فڪر جيان ٽئگور جو فڪر به پنهنجي ڌرتيءَ معرفت سڄيءَ دنيا سان پيار، محبت، ڀائيچاري، ٻڌي ۽ ايڪي جو پيغام آهي. ٽئگور کي پڙهڻ کانپوءِ سوچ لوچ ۽ ذهانت مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن جو فڪر فلسفو ۽ تخليق پنهنجي ڌرتيءَ جي سرحدن تائين محدود ڪونهي، پر جيئن لطيف جي فڪر جو بنياد پنهنجي ڌرتيءَ جي وجود تي آهي، تيئن ٽئگور به ڌرتي پرست، قومپرست ۽ انسانيت پرست آهي، لطيف ڀٽريون پنهنجي سنڌ ڌرتي مٿان ۽ پوءِ دنيا مٿان سڪار جي دعا گهرندي چوي ٿو.

"سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين."

تيئن ٽئگور جو فڪر ۽ فلسفو به پنهنجي ڌرتيءَ جي ناتي، سندس سوچ ۽ لوچ جي دنيا به، دنيا جي هر مظلوم ڏتڙيل محڪوم ۽ غلام

انسان لاءِ آهي. سندس فڪر مذهب کان مٿانهون آهي، جيئن معصوم ٻار جي مرڪ جو ڪو مذهب ناهي، جيئن ڪنهن گل جي خوشبوءِ جو ڪوبہ مذهب ناهي جيئن ڪنهن مکڙي يا ڪنهن ڪنڌي مٿان پيل ماڪ ڦڙن جو ڪو مذهب ناهي ٺيندو تيئن هر عظيم ۽ مهان ڪلاڪار فلسفي ۽ انسان بہ هر مذهب کان مٿي هوندو آهي. ۽ هر عظيم ڪلاڪار ۽ ڪلا جو بہ ڪو خاص مذهب ناهي ٿيندو ۽ نہ ئي اها ڪنهن مخصوص مذهب واري ماڻهوءَ جي جاگير يا ملڪيت هوندي آهي. هر تخليق ڪار بہ وقت جو خالق هوندو آهي ۽ پنهنجي تخليق سان انصاف ڪرڻ چاهيندو آهي، هر ڪلاڪار پنهنجي ڪلا جي چنڊ جهڙي چهري تان مذهب ۽ دين ڌرم جي بنياد تي، تعصب ۽ نفرت جي لڳل ڌوڙ زنگ ۽ ڪٽ کي پيار ۽ محبت جي زم زم (پاڻيءَ) سان ڌوئي پاڪ ڪرڻ چاهيندو آهي، ڇو تہ هڪ تخليقڪار جو هڪ انسان جي حيثيت سان عام انسانن سان ئي واسطو هوندو آهي. تيئن رابندر ناٿ ٽئگور پڻ هڪ اهڙو ڪوي آهي، جنهن پنهنجي ڌرتيءَ تان دين ڌرم ۽ مذهب جا سيئي ويڇا وڇوٽيون، ڦير ڦند ۽ فرق ميٽي ختم ڪري دنيا جي انسانن کي هڪ ٻئي مذهب ”انسانيت“ جو درس ڏنو ۽ هن جي عظيم ۽ مهان فڪر ۽ فلسفي کي دنيا جون ڪي بہ جاگرافيائي حدون قيد ڪري نہ سگهيون. ٽئگور کي هر ان قانون کان نفرت آهي جيڪو انسانن کي انسانن کان ڌار رکڻ جو جوابدار آهي، ٽئگور چيو.

”صرف پيار ڪندڙ کي ئي سزا ڏيڻ جو حق آهي“. هي هڪ جملو ئي ٽئگور جي فڪر کي پرکڻ، پروڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي، دنيا جو ڪوبہ اهڙو مذهب، جنهن ۾ محبت جي ڪابہ گنجائش ناهي، يا جنهنجو بنياد پيار تي ناهي ان مذهب قانون يا ماڻهو کي ڪوبہ اهڙو اخلاقي حق نٿو پهچي، تہ هو ڪا سزا ڏئي ۽ ٽئگور پنهنجي مٿان مڙهيل ۽ ٿاڦيل قانونن بندشن ۽ رڪاوٽن ريتن رسمن ۽ رواجن کان بغاوت ڪري، انسانن کي هڪ نئين راهہ، نئون گس، نئون پيچرو ۽ نئون ڏگ ٻڌايو. دنيا ۾ ڌرتيءَ جي ڪنهن بہ حصي تي ٿيندڙ ظلم کي هن پنهنجي مٿان ظلم سمجهيو. پر هن جي محبت هڪ مهان انسان جي روپ ۾ هر ان ماڻهوءَ لاءِ هئي، جيڪو مظلوم هئو.

هن جي محبت مظلوم سان هئي ظالم سان نه....!!
هن جي محبت محڪوم سان هئي حاڪم سان نه....!!
هن جي محبت غلام سان هئي ڪنهن ڏارئي آقا سان نه....!!
هڪ ڀيري رابندر ناٿ ٽئگور نوجوانن کي پيغام ڏيندي هڪ مٿو ۽ اصول ٻڌايو جيڪو چئن نقطن تي مشتمل هو:

1. پنهنجي نسبت آتم ضابطو

1. Self Control

2. ٻين سيني نسبت پنهنجي عزت

2. Self Respect

3. پنهنجي مادر وطن لاءِ خود قرباني

3. Self Sacrifice

4. پنهنجي وجود آڏو جهڪڻ يا پاڻ ارپڻ

4. Self Surrender

جڏهن دنيا جي هڪ ٽڪري تي جتي انگريز سامراج جو سج لهندو ئي نه هئو. ان ٽڪري ۾ ٽئگور جي ڌرتي به ولائتي انگريز سامراج جي غلام هئي ۽ سندس بنگالي قوم، انگريزن جي غلاميءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهي هئي، جڏهن هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي ظالمن هٿان پيڙجندو ڏٺو، تڏهن هن جي هڪ ليک ۽ لکٽيءَ ۾ ڌارين خلاف ڌڪار ۽ نفرت جا جذبا ان جو تخليقي روح بڻجي ويا. هن پنهنجي قلم کي ظالم سان ڳنڍڻ بجاءِ مظلوم سان ڳنڍيو، ڌارين بجاءِ پنهنجن سان ڳنڍيو. اهوئي سبب هئو جو دنيا جي حقيقت پسند ۽ انصاف پسند ماڻهن جي سندس لکڻين سان محبت ۽ چاهت هئي.

1922ع ۾ افغانستان ۾ هڪ روسي ايلچي ”ليئونڪولن“ هندستان ڇڏڻ بعد ٽئگور لاءِ چيو:

”مون کي افغانستان ڇڏڻو پيو پر هندستاني عوام لاءِ قرب ۽ محبت ڀريل جذبات ۽ هندستان جي عظيم سپوت رابندر ناٿ ٽئگور جي تخليقن ۽ لکڻين لاءِ پيار، محبت ۽ احترام منهنجي روح دل ۽ جذبن کان الڳ ٿي نه سگهيا. جيتوڻيڪ وڏن وڏن ۽ اونچن جبلن جون قطارون ۽ بيشمار برطانوي فوجون اسان کي هندستان کان ڌار ڪري

رهيون هيون، تڏهن بہ اسان رابندر ناٿ ٽئگور جي لکڻين ۾ تخليقن معرفت هندستاني عوام جي دلين جي ڌڙڪن ٻڌي رهيا هئاسين.“

۾ جڏهن رابندرُ ناٿ ٽئگور روس ويو تہ اتي ماڻهن سان ڳالهائيندي چيائين:

I hate those brick-built prisons, in which children's are denied the true goods life.

”مون کي نفرت آهي انهن سرن سان جوڙيل جيلن کان، جن ۾ ٻارڙن کي زندگيءَ جي سچي حقيقت کان محروم رکيو ٿو وڃي.“

اي دنيا...! مون تنهنجو ترندڙ گل توڙيو آهي.

مون ان کي پنهنجي دل سان لڳايو ۽ ڪنڊو ٿي چيڀ لڳو. جڏهن ڏينهن جو زوال ٿيو ۽ اونداهي پکڙجڻ لڳي، مون ڏٺو تہ گل مرجهائجي چڪو آهي، پر درد لاڳيتو محسوس ٿي رهيو آهي.

اي دنيا! تو وٽ خوشبوءِ ۽ حسن رکندڙ ٻيا بہ ڪيترائي گل ايندا.

پر مون وٽ جيڪو گل هو ان جي خوشبوءِ مري وئي، هاڻي رات جي اونداهيءَ ۾ اهو گل تہ مون وٽ ناهي رهيو پر ان جي ڪنڊي جي چيڀ جو احساس اڃان تائين آهي.

*ٽئگور (گيتانجلي)*

# ٽئگور قومپرست شاعر

رابندر ناٿ ٽئگور، شاهہ لطيف جي وفات کان 110 ورهہ (هڪ سؤ ڏهہ سال) پوءِ پيدا ٿيو. لطيف ۽ ٽئگور ٻئي غلاميءَ جي دؤر ۾ پيدا ٿيا. لطيف جي پيدائش وقت سنڌ مغلن جي تسلط هيٺ هئي ۽ ٽئگور جي پيدائش وقت سڄو ننڍو کنڊ (هندستان بنگال سميت) انگريز سامراج جي غلاميءَ هيٺ هو. غلاميءَ جي انهن زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ محنت، لگن، همت ۽ غلاميءَ خلاف نفرت جي باهہ کي ڀڙڪائڻ جي سخت ضرورت هئي جيڪي ٿيئي جذبا ٽئگور ۾ موجود هئا. ٽئگور ننڍي کنڊ جو پهريون قومپرست شاعر ۽ ناول نگار آهي. جنهن بنگال ۽ هندستان سان ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ خلاف، عمل ۽ علم ذريعي پنهنجو آواز اٿاريو ۽ انگريز سامراج خلاف قومپرستي جي بنياد تي پنهنجي قلم کي وهايو ۽ ان ئي بنياد تي لکيل سندس پهريون ناول هئو ”گورا“.

ان ناول جي ترجمان ”گلي“ پنهنجي ڇپايل ”گورا“ ناول جي منڍ ۾ مهاڳ ۾ لکي ٿي:

”انگريزي علم پڙهڻ بعد سندن (انگريزن) ساهتيہ جو مزي سان مطالعو ڪيم، مغرب جي ماڻهن جي حياتي ۽ سڀيتا، سندن سوچون، ويچار، خيال ۽ نمونا مون کي ايتريقدر تہ پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيا هئا جو مان هر هڪ پرڏيهي ڳالهہ کي سڌريل ۽ ڏيهي ڳالهہ کي اڻ سڌريل ۽ پٺتي پيل سمجهڻ لڳس ۽ پهريون ڪتاب جنهن منهنجو اهو نشو ٽوڙيو سو هئو رابندر ناٿ ٽئگور جو لکيل ناول ”گورا“ هن ئي ناول مون ۾ سو مان جو انگ ۽ قوميت جو وويڪ (جذبو) جاڳايو. اهوئي سبب آهي جو مون وٽ ان ڪتاب جو ڪنهن ڊرمي ڪتاب کان بہ وڌيڪ قدر آهي.“

ٽئگور چيو: ”هر ڪو ليکڪ پنهنجي ديش ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو ليکڪ هوندو آهي“ ان جو مقصد صاف ظاهر آهي تہ هر ليکڪ ۽

ساهتيڪار پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏتڙيل بيوس، لاچار مظلوم ۽ غلام ماڻهن جي زبان هوندو آهي. هر ليکڪ پنهنجي ڌرتيءَ جي ناتي سان سچاتو ويندو آهي، ڪي ڪلاڪار صرف پنهنجي ٻولي (زبان) جا ڪلاڪار هوندا آهن ته ڪي وري ڌرتيءَ واسين جي زبان جا ڪلاڪار هوندا آهن، ۽ اهي پنهنجي ڌرتيءَ جي ناتي سان دنيا جي مظلوم غلام انسانن جي زبان بڻجي ويندا آهن.

سنڌ ڌرتيءَ جي ناتي سان دنيا جي مظلوم ماڻهن جو درد لطيف جي ڪلا جو عظيم سرمايو آهي ۽ ساڳيو درد جڏهن ٽئگور جي ڪلا جي زبان بڻجي ٿو ته هي لفظ جنم وٺن ٿا. "تون هن بابت جو ڪجهه به چوڻ چاهين چئي سگهين ٿو پر مان پنهنجي پتڪڙي ٻار جي ڪوتاهين کان باخبر آهيان، جڏهن مان هن کي سزا ڏيڻ جو تصور ڪريان ٿو تڏهن هو وڏيه مون کي منهنجي هستيءَ (وجود) جوهڪ حصو هجڻ جو احساس ڏياري ٿو. جڏهن مان هن کي اکين ۾ ڳوڙها آڻڻ لاءِ مجبور ٿو ڪريان، تڏهن منهنجي دل جون اکيون به هن سان گڏجي هنجون هارين ٿيون، ۽ صرف مون کي ئي هن کي سزا ڏيڻ جو حق آهيجو ته مان هن کي بيحد پيار ڪريان ٿو ۽ صرف پيار ڪرڻ واري کي ئي سزا ڏيڻ جو حق آهي."

ٽئگور جي عملي جدوجهد صرف لکڻين واري عمل تائين محدود ڪانهي، سندس ڪلا ۽ ساهت، دس دوستي ۽ قومپرستي فقط سندس قومي رچنائن تائين محدود ناهي، پر ان سان گڏوگڏ هن پنهنجين رچنائن ۽ نظريي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هندستان جي انگريز سامراج خلاف آزادي واري هلچل ۽ جدوجهد ۾ عملي طور حصو ۽ ڀرو ورتو هن محسوس ڪيو ته:

"جيستائين اسان کي ڌارين، ڌرتي ڌڪارين، ڦورن، لٽيرن ۽ ولائتي حاڪمن جي غلاميءَ خلاف نفرت، ۽ ڌڪار پيدا نه ٿي آهي، تيستائين اسان منجهه نه پنهنجي نظريي سان پيار لگن ۽ پختو پيچ پيدا ٿيندو ۽ نه وري انهن دشمنن کي ڌڪارڻ ۽ لوڏي ڪيڻ لاءِ ئي همت ۽ جذبو پيدا ٿيندو. تنهن ڪري ڌارين ڦورو لٽيرن ۽ نڳن ۽ لوڀين خلاف ڀريون هٿار اتي جي مظلوم ۽ غلام ماڻهن جي دلين ۾

نفرت پيدا ڪرڻ ڪپي“ ٽئگور اهو ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو. ۽ ان حقيقت کي چٽو ڪري عام ماڻهوءَ آڏو پيش ڪيو تہ ”ڪنهن بہ هڪ دل ۾ هڪ ئي وقت نفرت ۽ محبت جا جذبا گڏ رهي نٿا سگهن.“ جيڪي ماڻهو آزاديءَ سان محبت ڪندا آهن انهن جو پهريون عمل، غلاميءَ ۽ غلام رکندڙ قوتن خلاف نفرت جو جذبو هوندو آهي ان حقيقت کي عام ماڻهو آڏو پيش ڪندي ٽئگور لکيو:

”اسان جي چوڌاري جيڪي غلاميءَ جون زنجيرون جڪڙيل آهن تن کان مڪمل آجو ۽ آزاد ٿيڻو آهي. پوءِ ڇو نہ انهن کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ هڪ ڏڪ هڻندي اسان جون اکيون کوپن کان ٻاهر نڪري اچن. آزادي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو طريقو ئي ناهي اڄ برطانوي سلطنت اسان جي نفرت ۽ ڌڪار جي ڪري گهٽو ئي خوار ٿيل آهي ۽ اها نفرت ۽ ڌڪار ئي آهي جيڪا اسان غلام ۽ مظلوم ماڻهن جي قوت ۽ طاقت آهي. ان جي ذريعي ئي اسان سوڀ حاصل ڪنداسين. مان ائين هرگز نہ چوندس تہ اسان کي پنهنجن حاڪمن اڳيان ڳچيءَ ۾ ڪپڙو ۽ وات ۾ گاهہ وجهي وڃڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. مون کي پنهنجي ديس جي ماڻهن جي طاقت تي پورو پورو ڀروسو ۽ يقين آهي، جن جي طاقت ۽ قوت آڏو مان بہ پنهنجو سيس نمايان ٿو.“

......................

هڪ ڀيري باغ ۾ هڪ انڌي ڇوڪري مون وٽ آئي ۽ مون کي پاڻي مٿان ترندڙ ڪنول جي گلن جو هڪ هار پيش ڪيو.

مون اهو ڪنول جي گلن جو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتو ئي مس تہ منهنجي ڪلندڙ اکين مان ڳوڙها شروع ٿي ويا.

مون ان جي هٿ کي چمي ڏيندي چيو ”تون بہ هنن ڪنول جي گلن وانگر اکين کان محروم آهين. ڇو تہ تون خود بہ نٿي ڄاڻين تہ تنهنجو هي تحفو ڪيترو خوبصورت آهي.“

*ٽئگور (گيتانجلي)*

# ڌارين خلاف ڌڪار

## (لطيف کان ٽئگور تائين)

جيئن سنڌ ڌرتيءَ جي مهان شاعر ۽ فلسفي شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي دؤر ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهو (ذهني طور) ڌارين جي تسلط ۽ غلاميءَ جي اثر هيٺ هئا. ظاهر ۾ ته سنڌ جا مقامي ماڻهو يعني ڪلهوڙا حڪمران هئا پر اندروني طرح اهي هندستان جي مغل بادشاهت جا، ذهني يا سياسي طرح غلام هئا. جيڪو غلاميءَ جو سخت ترين دؤر هئو. سنڌي ٻولي، ثقافت، ڪلچر ۽ ساهت مٿان فارسي ٻولي سيپتا، ثقافت ۽ ساهت جو غلبو ۽ حڪم هلندو هو. مطلب ته سنڌي ماڻهو ڪلهوڙن جي ناتي، ذهني جسماني ۽ سياسي طور دهليءَ جا غلام هئا. ان دؤر ۾ سنڌي بجاءِ فارسي ٻولي لکي پڙهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي. لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو ويندو هو ڇو ته اها حڪمرانن جي ٻولي سمجهي ويندي هئي. جيئن اڄڪلهه به پنهنجي ٻوليءَ بجاءِ ڪيترا ديسي ماڻهو ولائتي ٻولي ڳالهائيندي، لکندي ۽ پڙهندي فخر تا محسوس ڪن ۽ ان دؤر ۾ به ٻوليءَ واري هٿيار سان سنڌي قوم جي قومي حيثيت کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جي غلامي مڙهي ۽ ٿاڦي ويئي هئي. ان دؤر ۾ ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ واري چوڻي مشهور هئي. جنهن جو مقصد ۽ مفهوم هئو ته جيڪو ماڻهو به سنڌي ڇڏي، فارسي ٻولي سکندو، ڳالهائيندو، پڙهندو ۽ لکندو، سو وڏو عهدو ماڻيندو ۽ ان جو پير زمين تي ئي نه هوندو ان دؤر ۾ ڪيترائي اهل قلم، اهل فڪر ۽ ملا مولوي ڀڳڙن جي مٺ تي سرڪاري دربار ۾ وڪامي ويا. ڪيترائي ضمير غلاميءَ جي پنجوڙن ۾ جڪڙجي غلام بڻجي ويا. پر تاريخ شاهد آهي، ته هر دؤر ۾ حق جي آواز کي دٻائڻ هيسائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ سوين تلوارون. ميارڻ مان نڪتيون آهن. ڪئين سوليون سجايون ويون آهن، گهاڻن ۾ انسانن جي پيسائي ڪئي ويئي آهي، دنيا

جي قيام ڪان ونئي سيء ڪان وڏيڪ وحشي ۽ غير انساني سزائون صرف سنڌ جي سنڌي ماڻهن کي ڏنيون ويون آهن. عيسىٰ کي صليب تي ٽنگيو ويو پر مخدوم بلاول کي جيئرو گهاڻي منجهه پيڙيو ويو جيڪا صليب جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ وحشي ۽ غير انساني سزا آهي پر افسوس اهو آهي تہ مخدوم بلاول دنيا جي مظلوم ترين ڌرتيءَ سنڌ جو فرد هئو. تنهن ڪري ان جي مظلوميت سنڌ جون سرحدون نہ اورانگهي سگهي، سسيون ڌڙن کان ڌار ڪيون ويون آهن. جيرن جاڳندن انسانن جون کلون لهرايون ويون آهن. انسانن جي ڳچين ۾ ڦاهين جا ڦندا وڌا ويا آهن. ايٽم بم جو آزادانہ استعمال ڪرڻ جهڙيون غير انساني حرڪتون ڪري ڪيئي ٽڙندڙ مکڙين کي مرجهايو ويو آهي. ڪيترين ئي ٻهڪندڙ جوانين کي بمن جي ٽانڊي ۾ ٺهڪايو ويو آهي. ڪيترن بي ڏوهي وجودن کي دونهين گيس ۽ باهہ جي گڏيل آڙاهہ ۾ سڙڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ۽ خوشبودار گلن جهڙي جيون کي لال لهوءَ جي تيز وهڪري ۾ وهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ غلاميءَ جي زندان جون ديوارون اونچيون ٻڌايون ويون آهن. پر ڪوبہ ڪوڙ ظلم، ڏاڍ ۽غلاميءَ خلاف اٿندڙ سچ، حق ۽ آزاديءَ جي آواز کي دٻائي چچري ۽ چيپاٽي نہ سگهيو. سچ هميشہ اٽل اڏول ۽ امر رهيو آهي ۽ رهندو ايندو...!! ڇو تہ سچ جي آبياري هميشہ رت سان ڪئي ويئي آهي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ پڻ اهڙو آواز لطيف جو روپ ونئي پڙاڏي جي صورت ۾ ظلم ڏاڍ ڌهڪاءَ ۽ غلاميءَ جهڙي ٻاٽ اونداهيءَ خلاف گونجندو رهيو ۽ للڪار بڻجي هن صورت ۾ ابريو.

"جي تون فارسي سکئين تہ گولو تون غلام،
اجيو تان آب گهري ٻکيو تان طعام،
ايءَ عامن سندو عام خاصن منجهان نہ ٿئي!!"

ڌاري ٻولي فارسي خلاف لطيف جي اها للڪار حق سچ جو پڙاڏو هئي، جنهن ۾ لطيف واضح طور ٻڌايو تہ ڌارين جي هر قسم جي پيروي ۽ تقليد، غلاميءَ جي نشاني آهي. لطيف پنهنجي سنڌي قوم کي ٻڌايو تہ ڌاري ٻولي (فارسي) سکيو تہ اوهان غلام بڻجي ويندؤ اهو سچو عمل ٽئگور جي پيدا ٿيڻ کان ڏيڍ صدي اڳ سنڌ ۾ ٿيو. ان دؤر ۾ پنهنجن

ظالم حاڪمن ڦورو ڌارين خلاف ٻڙڪ ٻاڦڻ بہ موت کي سڏڻ برابر هئو تن ڏينهن ۾ غلاميءَ خلاف آواز اٿارڻ بہ واجب قتل هو ۽ اهڙي نموني جي سزا شاهہ عنايت شهيد کي پڻ ملي چڪي هئي. فاتح ڌارين ۽ ڌاري ٻولي ۽ انهن جي وجود خلاف ڳالهائڻ زندگي سان کيڏڻ برابر هو. ان دؤر ۾ بہ ڀٽائي طنز واري انداز ۾ ڌارين کي چيو:

”پييم پٺاڻن سين ٻولي جي نہ ٻجهن،
آءٌ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان هو پارسيون پڇن،
مون منجهاران تن سرتيون سور پرائيو.“

تاريخ جي ان تسلسل ۾ جڏهن انگريز سامراج، رات جي ڪاري ٻاٽ اونداهيءَ جيان، غلاميءَ جي جديد روپ ۾ جڏهن ننڍي کنڊ مٿان ڇانئجي ٿو وڃي تڏهن پڻ لطيف هڪ دفعو وري ان غلاميءَ خلاف ٽئگور جو روپ وٺي سڄي هندستان جي آزاديءَ جو سمبل بڻجي ۽ رات جي اونداهيءَ خلاف روشن سج بڻجي اڀري ٿو. جو تہ جڏهن ٽئگور پنهنجي ڌرتيءَ تي اک کولي تہ ماضيءَ جي سنڌ جهڙي صورتحال هئي، سڄو هندستان بنگال سميت انگريز سامراج جي غلاميءَ جي جڪڙ ۾ هو. هندي ۽ بنگالي ٻولين بجاءِ انگريزي ٻوليءَ جو اثر هو. ان دؤر ۾ پڻ لطيف جهڙي آدرشي انسان جو پيدا ٿيڻ هڪ فطرتي عمل هو ۽ اهو اعزاز رابندر ناٿ ٽئگور کي مليو. جنهن کي پڻ پنهنجي ديش ۽ ديش واسين سان پيار ۽ محبت هئي. ۽ جڏهن هن پاڻ کي پنهنجي ئي ديس ۾ ڌاريو ۽ ڏيهہ ۾ پرڏيهي محسوس ڪيو تڏهن هن بہ پنهنجي قلم کي تلوار بڻائي ڌارين خلاف استعمال ڪيو. بندوق جي گوليءَ کان بہ وڌيڪ سگهاريون لکٽيون لکي پنهنجي قوم ۾ قومي جاڳرتا ۽ قومي بيداريءَ جو ٻج ڇٽيو. ڌارين خلاف نفرت ۽ پنهنجو پاڻ ۾ محبت ٻڌي ايڪي ۽ ڀائيچاري پيدا ڪرڻ جو درس ڏنو.

انهن ڏينهن ۾ آزاديءَ جي هلچل دوران ڪي اهڙا ڀاڙيتا ۽ ڪرائيدار هندستاني ۽ بنگالي پڻ هئا، جيڪي انگريزن جي ريس تقليد ۽ پيروي ڪندي فخر پيا محسوس ڪندا هئا. ان دؤر ۾ مشهور بنگالي ناٽڪ نويس ”مائيڪل مڌ سوڌن“ پڻ بنگالي هئڻ جي باوجود

پاڻ کي انگريزن کان بہ وڌيڪ انگريز تصور ڪندو هو. ڪڏهن بہ پنهنجي مادري ٻولي ”بنگالي“ ۾ نہ ڳالهائيندو هو. نہ صرف ڳالهائڻ پر پهرڻ ۽ چوڙن ۾ بہ انگريز هو ۽ انگريزي پوشاڪ پهريندو هو. اهو پڻ هڪ فطري ۽ نفسياتي عمل آهي تہ جڏهن بہ ڌارين قومن جو ظلم ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ پنهنجي انتهائي درجي تي وڃي پهچندو آهي، تڏهن غلام ۽ مظلوم قومون ان ڊپ ڊاءَ کان احساس ڪمتري ۾ مبتلا ٿي پنهنجي هلت چلت رهڻي ڪهڻي ڌارين قومن جهڙي ڪري ڇڏينديون آهن. ائين ڪرڻ سان اهي انفرادي طور تي محفوظ رهندا آهن. پر قومي ۽ اجتماعي طرح هوريان هوريان ٿي پنهنجي موت مرندا ويندا آهن ۽ جڏهن بہ ڪا قوم پنهنجي تاريخ، ثقافت، تهذيب، سڀيتا، ريتن رسمن، رواجن ۽ زبان کي انفرادي طرح وساري ڇڏيندي آهي تہ اها اجتماعي طرح پنهنجي قومي حيثيت، قومي وجود، قومي تشخص وڃائي ويهندي آهي، جيڪا تباهيءَ جي نشاني آهي.

انگريز سامراج جي ان غلامي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ واري دؤر ۾ ٻئي پاسي رابندر ناٿ ٽئگور هو جنهن کي اهڙي نقل ۽ ڌاريا پرستي واري عمل کان سخت نفرت ايندي هئي، هو ڪا رواجي چانهہ پارٽي واري نينڊ بہ تيسين نہ قبوليندو هو جيسين هن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڪوٺيو ۽ چيو نہ ويندو هو يا جواب ڏيڻ نہ ڏنو ويندو هو.

هڪ ڀيري ٽئگور جو آگري وڃڻ ٿيو. کيس ”وئشيہ بورڊنگ“ ۾ گهرايو ويو اتي هڪ هندستاني شاگرد ٽئگور سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو. ٽئگور ڪاوڙ ۾ ڪروڌ ۾ ڳاڙهو باهہ جهڙو ٿي ويو ۽ شاگرد کي ڌمال ڪيندي چيائين، ”جيڪڏهن ڪو انگريز مون کي اهڙي ولائتي انداز ۾ ڪيڪاري ها تہ جيڪر مان ان جي ڳالهہ سمجهي سگهان ها پر جيڪڏهن ڪو هندستاني مون کي اهڙي جهنگلي انداز ۾ ڪيڪاري سو منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي، مان ڀيهر تنهنجي يا ڪنهن هندستانيءَ جي واتان اهڙي عجيب و غريب ٻولي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان“

هر قسم جي غلاميءَ کان نفرت ٽئگور جو دين بہ هو تہ ايمان بہ. هو انهن سان محبت ڪندو هو جيڪي غلاميءَ سان نفرت ڪندا هئا. ۽ جيڪي ماڻهو ڪنهن بہ قسم جي غلاميءَ مان شعوري توڙي لاشعوري

طور خوش ۽ راضي هئا. ٽئگور کي انهن سان سخت ترين نفرت هئي. ٽئگور هڪ هنڌ لکيو:

- جهڙي ريت جهنگلي پکيئڙا اڻ ڏٺل راهن جي مسافر جي حيثيت سان آزاد آهن، مون کي آزاد ڪري ڇڏيو.
- جهڙي ريت بارش جي ٻوڏ ۽ طوفان آزاد آهن ۽ پنهنجي وارن کي نپوڙيندا پنهنجي نامعلوم خاتمي ڏانهن ڊوڙندا ٿا رهن مون کي آزاد ڪري ڇڏيو.
- جيئن ڪنهن سڪل جهنگل ۾ لڳل باهه ۽ ڪڙڪات ڪندڙ وڄ آزادي سان ٺهڪ لڳائيندي ٻاٺ اونداهيءَ جي حڪمن جي پيروي نٿي ڪري مون کي آزاد ڪري ڇڏيو.

هڪ ٻئي موقعي تي هڪ هندستاني شاعر، ٽئگور سان ملڻ ويو ۽ وڃڻ سان ٽئگور تي پنهنجي علم جو رعب ۽ دٻدٻو ويهارڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ تعارف ڪرائيندي چيائين: ”مان هندستان جو شاعر آهيان ۽ منهنجي سموري شاعري انگريزيءَ ۾ ڪيل آهي“ اهو ٻڌي ٽئگور ڪاوڙ ۾ باهه ٿي ويو. ڪيس پگهر اچڻ لڳا پر پوءِ به ان شاعر تي وڄ وانگر ڪڙڪندي چيائين:

”تنهنجي مادري زبان ڪهڙي آهي؟“

شاعر وراڻيو ”پنجابي.“

ٽئگور چيو ”جيستائين ڪوبه شاعر پنهنجي شاعري مادري ٻوليءَ ۾ نٿو ڪري تيستائين هو ڪڏهن به وڏو شاعر بڻجي نٿو سگهي“. اها هڪ سچ جهڙي روشن حقيقت آهي ته ڪوبه ڏاريو ڪٿي سنڌيءَ ۾ مهان ۽ پلوڙ شاعري جو نه ڪري پر پوءِ به لطيف جي جاءِ پري نٿو سگهي، ڪوبه سنڌي پلي ڪٿي سنسڪرت زبان ۾ شاعري جو نه ڪري تڏهن به ڪاليداس بڻجي نٿو سگهي. پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ رچنائون تخليق نه ڪندڙ قلم ڪار جو وجود ڪنهن به صورت ۾ برقرار رهي نٿو سگهي، جو ته ائين ڪرڻ سان، نه پنهنجا هن کي پنهنجو سمجهندا ۽ نه ئي ڏاريا هن کي پنهنجو تصور ڪندا.

ٽئگور جي رچنائن ۽ ڪوتائن جا ڪردار، سنڌس ئي ديش جا ڌتڙيل پيڙيل محڪوم ۽ غلام ماڻهو هئا. ۽ لطيف جا ڪردار پڻ سنڌس

درنيءَ جا غريب مسڪين ماروئڙا ۽ ڏٺ تي گذارو ڪندڙ ڏوتيئڙا هئا. اهوئي سبب آهي جو لطيف ۽ ٽئگور دنيا جا عظيم ۽ مهان تخليخققڪار آهن، ۽ ٻنهي جو پيغام ساڳيو هئو تہ:

"جيها ڪي تيها مارو مون مجيا،
مون جيڏيون ملير ۾ چوندن موڪ مها،
منهنجي آهہ اها ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي."

۽ ٽگور بہ هڪ پيري پنهنجي هڪ ليک "سوديشي سماج" ۾ سياسي اڳواڻن کي صلاح ڏني تہ "عام ماڻهن ۾ وڃو، هنن کي سندن ئي مادري ٻوليءَ ۾ سمجهايو ۽ کين منظم ڪريو." ان مضمون لکڻ جو اصل مقصد هئو تہ. "پنهنجي سماج عام طور پارٽي سماج ۽ خاص طور بنگالي سماج جي ڪنهن بہ سڌارڪ بندوبست لاءِ سرڪار آڏو جهولي نہ جهليندس ۽ ڌارين حاڪمن کان وڃي خيرات نہ پنندس."

انهن ئي ڏينهن ۾ جڏهن ٽئگور جون سماجي ۽ سياسي سرگرميون پنهنجي عروج تي هيون، تڏهن هن هڪ گيت "جن گن من" لکيو جيڪو هندستان جو قومي ترانو آهي.

اي ڌرتي ماتا
مان تنهنجي آڏو سيس نمايان ٿو
تنهنجو پاڻي منوءِ صحت بخش آهي
تنهنجو ميوو منوءِ مزيدار آهي
تنهنجي هوا سيتل ۽ دل کي راحت ڏيندڙ آهي
تنهنجون پياريون ۽ سدائين ساوڪ ۽ سرهاڻ سان ڀريل ٻنيون
سدائين سون وانگر چمڪن ٿيون
ڌرتي ماتا، منهنجي آزادي ماءُ!
تنهنجي ندين جي ڪنارن تي چانڊوڪيءَ جي بهار لڳي پئي آ
۽ ميويدار وڻ ڏاڍو سندر ۽ منوهر پيا ڀاسن
سک ۽ پيار، محبت ۽ امنگ ڏيندڙ ڌرتي ماءُ
تنهنجو مرڪڻ مڌر ۽ منو آهي

تنهنجو ٻولڻ سندر ۽ سٺو آهي،
اي ڌرتي ماءُ،
ڪير ٿو چوي تہ تون ڪمزور ۽ هيٺي آهين
جڏهن تہ اسي ڪروڙ ٻانهون تنهن جي آزادي ۽ بچاءَ لاءِ
تلوار ڪڍڻ لاءِ تيار آهن،
جڏهن تہ چاليهہ ڪروڙ زبانون
دنيا جي ڌورانهين ٻئي ڇيڙي تائين
تنهنجو نعرو بلند ڪرڻ لاءِ تيار آهن.
ڌرتي ماءُ ڪير ٿو چوي تہ تون ڪمزور آهين
امان هي رکيا ڪندڙ امان،
مان تو اڳيان سر جهڪايان ٿو.
تون شڪتي، طاقت ۽ قوت جو ينڊار،
۽ دشمن کي ڌڪائيندڙ للڪار آهين،
تون ئي ڌرم ۽ وديا آهين
تون ئي دل ۽ آتما آهين
تون ئي منهنجي جسم جو جيون آهين،
تون ئي مون لاءِ شڪتي سنجيون آهين.
ٻانهن ۾ تنهنجي طاقت....
۽ من ۾ تنهنجي پاڪ ۽ پوتر محبت آهي
اي ڌرتي ماتا
تنهنجي مورتي هر مندر ۾ موجود آهي
ڇو تہ تون آهين جنگ جي ڌڪائيندڙ ديوي
اتم ۽ اعليٰ علم جي ديوي،
امان....!!
اوچ ۽ آزاد امان....
تون سونهن، سوڀيا ۽ سچائي جو ساگر آهين
امان
تون اڪٿ خزانن جو ينڊار آهين
امان اي ڌرتي ماءُ

مان تو آڏو سر جهڪايان ٿو
مان تو آڏو سر جهڪايان ٿو.

.....................

رات جي اونداهيءَ ۾ ٽانڊاڻي (ڪڙڪيتي) ستارن کي ٽوڪيندي چيو:
”ڏاها چون ٿا تہ توهان جي روشني هڪ ڏينهن باقي نہ رهندي“
ستارا خاموش رهيا ۽ ڪوبہ جواب نہ ڏنائون.

# ادب جو عالمي نوبل انعام ۽ ٽئگور

رابندر ناٿ ٽيگور جا ادبي ڪتاب جڏهن ڏيساور ۾ ڌارين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا. تڏهن ٽئگور جي عالمي شهرت وڌڻ لڳي، پر جڏهن سندس شاعريءَ جي بهترين ڪتاب ”گيتانجلي“ جي گونج جو پڙاڏو يورپ ۾ ٿيو ان دوران ٽئگور پنهنجي قوم جي ماڻهن ۾ سماجي اصلاحي ڪم ڪار، ذهني طور تعليم ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ ۽ انهن کي عملي شڪل ڏيڻ خاطر هڪ اسڪول قائم ڪيو جنهن جو نانءُ ”شانتي نڪيتن آشرم“ رکيو ۽ ٻيو ڀيرو 1912ع ۾ انگلستان جي سفر لاءِ اسهيو ان زماني ۾ هن پنهنجن تخليقن کي لنڊن جي ادبي حلقن ۾ واقف ڪرايو جن کي هن پاڻ انگريزي ۾ ترجمو ڪيو. جڏهن يورپ ۾ سندس تخليق جي مقبوليت ۽ شهرت تمام وڌي ويئي تہ کيس کي ادب جو بينا لاقوامي نوبل انعام ڏنو ويو ۽ ٽئگور هينئر تائين هندستان ۽ ننڍي کنڊ جو پهريون ۽ آخري شاعر آهي، جنهن کي ادب جو ”نوبل انعام“ مليو آهي.

ٽئگور لکيو ”جڏهن مکڙيون محبت ڪن ٿيون تہ گل ٻڻجي ٿيون وڃن، پر جڏهن گل عبادت ڪن ٿا تہ ميوو ٻڻجي ٿا وڃن.“ پر مان ٽئگور جي ان لکت ۾ هڪ ڳالهہ جو واڌارو ڪندس تہ جڏهن ڪنهن غلام ۽ مظلوم ڌرتيءَ جي ماڻهن جي آهن، دانهن ۽ لڙڪن جا پڙاڏا اڀ جي قيدخاني جي ديوارن کي ٽوڙي خدا تائين پهچن ٿا. تڏهن ان ڌرتيءَ تي، لطيف ۽ ٽئگور جهڙا پيغامبر، شاعر جو روپ وٺي پيدا ٿين ٿا. ڇو تہ اهو قدرت جو هڪ اٽل قانون آهي.

جڏهن هندستان تي قبضو ڪندڙ ڌارئي انگريز سامراج جي پٺو سرڪار مقامي ماڻهن کي سندن سان ساٿ سهڪار جي عيوض سونا ٻلا، خطاب ۽ لقب ڏيڻ شروع ڪيا. ڪنهن کي خانبهادر تہ ڪنهن کي راءِ بهادر ۽ ڪنهن کي وري ”سر“ بڻايو ٿي ويو. تڏهن هڪ ”سر“ وارو

خطاب رابندر ناٿ ٽئگور کي پڻ ڏنو ويو. ٽئگور محسوس ٿي ڪيو تہ اهي ٻلا سرڪار سان نمڪ حلاليءَ جي بدلي ۾ قوم سان نمڪ حراميءَ جي بدلي ڏنا پيا وڃن، ان ڪري ٽئگور اهو سرڪاري سونو ٻلو سيني تي سجائڻ بجائي لڪائي رکي ڇڏيو.

ٽئگور جو دين ۽ ڌرم نفرت بجاءِ پيار ۽ محبت هو. سندس ايمان جنگ ۾ نہ پر امن ۾ هئو پر ساڳئي وقت ڌارين قورو لٽيرن خلاف جنگ جو حامي هئو. هن چاهيو ٿي تہ عدل ۽ انصاف تي مبني اهڙو معاشرو تشڪيل ڏنو وڃي جتي هڪ ماڻهو ٻي ماڻهو ۽ هڪ قوم ٻيءَ قوم جي ڦرلٽ نہ ڪري. ٽئگور چاهيو ٿي تہ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف وڙهڻ ئي حقيقت پسندي آهي. ٽئگور چاهيو ٿي تہ انسان، خدا جي ٺاهيل عالمي قانون ۽ اصول پٽاندر پنهنجي زندگي گهاري، پر انسان جي ٺاهيل قانون پٽاندر نہ.....!! هن چاهيو ٿي تہ خدا جون نعمتون سڀني انسانن لاءِ هئڻ کپن ڪجهہ ڇهرن لاءِ نہ!! تڏهن ئي ٽئگور لکيو:

”جڏهن ڪو بہ دولتمند ۽ امير ماڻهو پاڻ لاءِ ڀڳوان جي خصوصي عنايتن ۽ نوازشن جي باري ۾ غور ٿو ڪري تہ ڀڳوان کي شرمندگي ٿئي ٿي.“

ٽئگور جو چوڻ هو تہ ڪنهن بہ انگريز سامراجي کي ڪو بہ قانوني ۽ اخلاقي حق نٿو پهچي تہ هو ڪنهن هندستانيءَ کي غلام رکي، ان جي ڦرلٽ ۽ استحصال ڪري، هن کي هر ان ماڻهوءَ کان نفرت هئي، جنهن ٻئي انسان جو اجايو ۽ بي ڏوهيو رت پئي وهايو. هن کي قومي ڦرلٽ ۽ قومي استحصال کان سخت نفرت هئي، هن چاهيو ٿي تہ ”رت جون نديون وهائڻ بجاءِ ڪنهن بہ مظلوم ماڻهوءَ جي اک مان وهندڙ مظلوميت جو هڪ لڙڪ اگهڻ بہ وڏيڪ ڪارائتو آهي.“

جڏهن 13 اپريل 1919ع تي جليانوالا باغ ۾ انگريز سامراج جي هڪ سرڪاري پنوءَ چاڙتي ”جنرل ڊائر“ جي ڪم تي سندن فوجين هڪ عام ميڙ تي وحشيانہ فائرنگ ڪرائي ۽ هڪ غير انساني عمل جو مرتڪب ٿيو. جنهن ۾ ڪيترائي بيگناهہ ماڻهو مارجي ويا. ان عام ڪوس خلاف احتجاج طور ٽيگور پهريون ۽ اڪيلو هندستاني هو جنهن انگريز سرڪار جو عطا ڪيل اهو ”سر“ وارو خطاب واپس

ڪندي ان وقت جي انگريز وائسراءِ کي هڪ خط لکيو جيڪو انساني آزاديءَ جي اتهاس ۾ سدائين ياد رهندو. ٽئگور لکيو:

”وقت آيو آهي جڏهن ههڙي بي عزتي واري وقت ۾ هي عزت افزائي جا عطا ڪيل لقب ٻلا (سر جو خطاب) اسان کي وڌيڪ شرمسار ڪن. مان پنهنجو پاڻ انهيءَ خاص مرتبي کي ترڪ ڪري پنهنجي ديش واسين سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندس، جيڪي ذلت ڀري زندگي گهاري رهيا آهن.“

.......................

ميوي جي خدمت ڏاڍي قيمتي آهي ۽ گل جي خدمت خوشبوءِ دار، پر مان پنهنجي خدمت وڻ جي انهن پنن جيان ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪي بنان ڪنهن لوڀ، لالچ ۽ نفعي جي ٻين کي ڇانو پيش ڪن ٿا پر پاڻ سج ۽ ڪڙهائيءَ جيان ڪڙهندڙ اس جي تپش ۾ سڙن ٿا.

*(ٽئگور- گيتانجلي)*

# ٽئگور ۽ مهاتما گانڌي

مهاتما گانڌي ۽ ٽئگور پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا نهايت ئي گهاٽا ۽ دل گهريا دوست هئا. تنهن هوندي بہ پاڻ ۾ نندين وڏين ڳالهين تي هڪ ٻئي سان اختلاف راءِ رکندي بہ نہ ڪيٻائيندا هئا ۽ نہ ئي هچڪندا هئا. جڏهن 192ع ۾ رابندر ناٿ ٽئگور "وشو ڀارتي" يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجا ڊراما پاڻ اسٽيج ڪندو هو ۽ پاڻ ئي ان ۾ اداڪار بڻجي ڪردار ادا ڪندو هو تڏهن مهاتما گانڌي آزاديءَ جي هلچل هلائيندو هو. ٽئگور هڪ ئي وقت، قلمڪار، اداڪار، ساهتڪار، سياستڪار، چترڪار، شاعر، اديب ۽ فلسفي هو. ۽ ٻئي پنهنجي پنهنجي پليٽ فارم تان انگريز شاهي ۽ برطانوي بادشاهت ۽ سامراج خلاف مورچو لڳائي ويٺا ها. ان دوران مهاتما گانڌي هندواسين ۾ هڪ نئون نعرو بلند ڪيو تہ "سوراج (آزدي) ٿورن ڏينهن ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿي، پر شرط اهو آهي، تہ هر هڪ هِندواسي هرو روز اڌ ڪلاڪ ڪن سٽ ڪتي". ٽئگور کي مهاتما گانڌيءَ جي اها رٿ ۽ ڳالهہ غير وگيانڪ (غير ضروري ۽ اجائي) لڳي، هن جو چوڻ هئو تہ:

"سوراج (آزادي) ايتري سستي شيءِ ناهي" جيڪا بغير ڪنهن جدوجهد جاکوڙ ۽ جستجو جي حاصل ٿئي ٽئگور ايمانداريِ سان محسوس ڪيو تہ تنيءَ ٽڏي ڪاهڻ ڪانسواءِ زندگيءَ جو ڪوبہ مقصد پورو ٿي نٿو سگهي هن گانڌيءَ سان اختلاف رکندي چيو "چرخو (سٽ ڪتڻ جي مشين) ڪڏهن بہ موجوده دور جي سائنسي مشينن سان چٽاڀيٽيءَ ۾ بيهي نہ سگهندي"

۽ ساڳئي سال ولائتي ڪپڙي ساڙڻ تي پڻ ٽئگور ۽ مهاتما گانڌي وچ ۾ سخت اختلاف ٿي پيا، پر اهي اختلاف ڪڏهن بہ ذاتي معاملن يا ذاتي بنيادن تي نہ ٿيا، پر هر مسئلي جو بنياد قومي وجود جي بقا ۽ آزاديءَ تي هو. اختلاف اصولن جي بنياد تي هوندا هئا. هر تنقيد برائي

تنقيد بجاءِ تنقيد برائي اصلاح هوندي هئي. فرق صرف اهو هوندو هو تہ ٽئگور ساهتيڪار جي حيثيت سان ايندڙ نسل بابت سوچيندو هو ۽ مهاتما گانڌي هڪ سياستڪار جي حيثيت سان سوچيندو هو. اهوئي سبب هو جو ٽئگور جي دليلن ۾ حقيقت پسندي جي جهلڪ نظر ايندي هئي تہ گانڌيءَ جي دليلن ۾ ننگن ۽ پيٽ بکايل انسانن جي صدا ۽ التجا جي جهلڪ نظر ايندي هئي.

ٽئگور 1921ع واري هلچل ۽ جدوجهد وقت مهاتما گانڌي کي هڪ خط ۾ لکيو تہ "هو (گانڌي) انساني پيڙا ۽ دک جي اثر ۾ ايترو تہ محو ۽ مشغول ٿي ويو آهي جو آرٽ ۽ ڪلچر جو خيال ئي نٿو رکي. ان تي مهاتما جواب ڏنو هوس:

"پنهنجي شاعراڻي طبيعت موجب، ڪوي ٽئگور برابر سڀاڻي (مستقبل) لاءِ رهي ٿو ۽ اسان کي بہ ائين رهڻ لاءِ چوي ٿو. هو اسان اڳيان پريات ويلي آڪاس ۾ اڏامندڙ ۽ لاتيون لنوندڙ پکين جا چٽر پيش ٿو ڪري، انهن پکين جو پيٽ پريل هو ۽ رات وقت آرام ڪيل هون. ان ڪري آڪاس ۾ دور دور تائين اڏامندا ويا. ليڪن مون کي اهي پکي نظر آيا آهن، جن ۾ پرن ساهڻ ۽ پکيڙڻ جيتري بہ سگهہ ۽ طاقت ڪانهي، هندستاني آڪاس هيٺان انسانن جي روپ ۾ پکي وڃن ٿا ڏينهون ڏينهن ڪمزور ۽ هيٺا ٿيندا. ڪروڙن لاءِ دائمي اوجاڳو آهي يا دائمي بيهوشي آهي. اها هڪ اهڙي دردیلي حالت آهي، جيڪا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي، رڳو ڏسڻ سان ئي محسوس ڪري سگهجي ٿي. مان دکي ۽ بيمار انسانن جي پيڙا، سنت ڪبير جي گيتن سان بہ گهٽائي نہ سگهيو آهيان، ڪروڙين بکايلن کي اها ڪوتا کپي، جيڪا کين قوت بخشي ۽ کاڌو ميسر ڪري."

هتي گانڌي آرٽ کي زندگيءَ جو هڪ اٽوٽ حصو بڻائي ڇڏيو. جنهن کي ٽئگور بہ سچي دل سان محسوس ڪيو پر ان کي ڪڏهن بہ ذاتي مخالفت جو درجو نہ ڏنو. مخالفت برائي مخالفت بڻجڻ نہ ڏنو.

# ٽئگور وٽ محبت جو تصور

ٽئگور جي ذهن ۽ دل ۾ محبت جو هڪ عظيم تصور هئو. ٽئگور لکيو:

”مان تنهنجي محبت کي پنهنجي آواز ۾ بيدار ۽ سجاڳ ڏسڻ چاهيان ٿو. پنهنجي خاموش وجود ۾ تنهنجا سندر سپنا ڏسڻ چاهيان ٿو.“

”مان توکي رت جيان دل جي رستي تان پنهنجي وجود جي مڙني رڳن جي ڊوڙ ۾ شريڪ ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”مان تنهنجي محبت کي پنهنجي ننڊ جهڙين تاريڪين ۾ اونداهين ۾ چمڪندڙ روشنيءَ جي حيثيت سان ڏسڻ چاهيان ٿو.“

”مان تنهنجي محبت کي پنهنجي سجاڳيءَ ۾ سج ۽ چنڊ جيان ايرندو ڏسڻ چاهيان ٿو.“

”مان تنهنجي محبت کي پنهنجي تمنائن ۽ آرزوئن جي پنيٽ ۾ پڙڪندو ۽ پنهنجي الفت جي مڙني وهڪرن ۾ وهندو ڏسڻ چاهيان ٿو.“

”مان تنهنجي محبت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ائين شامل ڪرڻ چاهيان ٿو جيئن ساز ۾ موسيقي شامل (لڪل) هوندي آهي.“

”۽ آخرڪار توکي پنهنجي زندگيءَ سان گڏ اهو سڀ ڪجهه واپس ڪرڻ گهران ٿو.“

۽ لطيف وٽ به محبت جو ساڳيو ئي مهان تصور هو ۽ لڳي ائين ٿو ته اهو ساڳيو مهان جذبو هڪ سؤ يارنهن ورهن بعد بنگال جي ڌرتيءَ تي ٽئگور جي روپ ۾ ايريو. اها به حقيقت پسندي آهي ته ساز جو تصور ڪرڻ سان موسيقي جو تصور ايري ٿو ڇو ته ساز مان موسيقي ئي جنم وٺي ٿي. پر لطيف وٽ محبت جو هڪ هي به تصور آهي ته ”مون ۾ آهين تون“ جيئن لطيف چيو:

”ڪجي ڪان ڪمان ۾ ميان مار م مون،
مون ۾ آهين تون متان تنهنجوئي توکي لڳي.“

ٽئگور ۽ لطيف وٽ محبت جو جيتوڻيڪ ساڳيو تصور آهي، پر ڏسجي ٿو تہ ٽئگور غير متحرڪ جذبن جي ڳالهہ ٿو ڪري پر لطيف متحرڪ جذبن جي. ٽئگور غير جاندار مادي کي پنهنجي مثالن ۾ ڪتب ٿو آڻي، پر لطيف جاندار مادي کي پنهنجي محبت جو محور ٿو بڻائي.

”ٽئگور ٿو چوي تہ اي تخليقڪار تون منهنجي جيون ۾ ايئن شامل آهين جيئن ساز ۾ موسيقي شامل آهي، پر لطيف ٿو چوي تہ تون مون کي مارڻ کان اڳ اهو سوچ تہ جيڪو تير تون مون کي هڻين ٿو اهو تون پنهنجو پاڻ کي ٿو هڻين ڇو تہ مون ۾ تون ئي موجود آهين.“ ان تصور کان بہ اڳتي وڌي لطيف محبت جو شاندار تصور ٿو ڏئي تہ:

”پڙاڏو سوئي سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، بڌڻ ۾ بہ ٿيا.“

يعني ”خالق ۽ تخليق (ساهتيڪار ۽ ساهت) بہ الڳ وجود يا حيثيتون ناهن جيئن پڙاڏو سڏ کان جدا ڪا بہ حيثيت نٿو رکي، صرف بڌڻ جو فرق آهي، تيئن خالق ۽ مخلوق بہ پڻ بہ جدا شيون ناهن صرف ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو فرق آهي.“

۽ اڳتي وڌي ٽئگور بہ جڏهن جاندار حقيقتن کي محسوس ٿو ڪري تڏهن بہ گل ۽ ميوي جو مثال ڏيندي هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

”اي ميوا تون مون کان ڪيترو پري ۽ دور آهين.“

”مان تنهنجي دل ۾ لڪل آهيان اي گل.“

باڪ جي هڪ ننڍڙي قطري (ڦڙي) ۽ ڍنڍ کي چيو:

”تون ڪنول جي پنکڙين هيٺان ماڪ جو وڏو قطرو آهين. جڏهن تہ مان ان جي مٿان هڪ ننڍڙو قطرو.“

ٽئگور انهن ٻن قطرن وچ ۾ ڪنول جي پن جي ديوار هوندي بہ ٻن قطرن کي جدا نٿو سمجهي پر لطيف مون ۾ آهين تون چئي، پن جي ان

فاصلي سان گڏ وڃوڙي ۾ دوريءَ جي سڄي تصور کي ختم ڪري ٿو ڇڏي اهو بہ ٽئگور جي فڪر ڪان هڪ صدي اڳ. پر جيڪڏهن مان ائين چوان تہ ٽئگور ”گل جي وجود (دل) ۾ لڪل ٻج جو تصور بہ ڏئي ها تہ جيڪر محبت ۾ ڪوبہ فاصلو نہ رهي ها.“

.................

بارش ۾ ڪرندڙ پاڻيءَ جي ڦڙن، هيٺ ڪرندي ڌرتيءَ کي چمندي فخر سان چيو ”ڌرتي ماءُ، اسان کي پنهنجي ديس جي ياد ستايو تنهن ڪري ئي اسان آسمان مان چوريءَ ڇپي تو وٽ آيا آهيون.“

*(ٽئگور)*

# ساهت ۽ ساهتيڪار

ٽئگور هڪ اهڙو ڪلاڪار آهي، جيڪو حقيقي رچنا ان کي ڪوٺي ٿو جيڪي ماڻهن جي هجوم، سماجن جي شور ۽ معاشرن جي وهندڙ سيلاب ۾ ويهي لکيون وڃن. ٽئگور آڏو حقيقي رچنائون اهي آهن جيڪي ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪنن سان پنهنجي دل جي ڌڙڪن کي ملائي بنهي جي ميلاپ جي نتيجي ۾ جيڪي رچنائون جنم وٺن. اهو ڪجهه لکيو وڃي جيڪو ڏٺو ۽ محسوس ڪيو وڃي، ٽئگور جي نظر ۾ اهڙو مهان ساهتڪار پيدا ٿيو ئي ناهي جنهن جي ساهت ۽ رچنائن جي ڳچ حصي ۾ سماجڪ پلائيءَ جي پاونا لڪل نه هجي، ۽ جيڪو فقط "رس" ۽ "روپ" جي زور تي مهان بڻيو هجي.

اٽليءَ جي هڪ مهان ڪلاڪار رومن رولانڊ جيڪو فاشسٽ حڪمران مسوليني جي دؤر ۾ اٽليءَ مان جلاوطن ڪيو ويو، تنهن چيو: "اسان کي صرف پنهنجن جذبن جي اپٽار نه ڪرڻ کپي پر ٻين جي اٽپوري ۽ اڌوري اميد کي پڻ ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ گهرجي."

يعني پنهنجي ذاتي جذبن، پيڙائن ۽ احساسن کي قلم ذريعي سهيڙڻ حقيقي ۽ اصلي معنيٰ ۾ ادب ناهي، پر ٻين ماڻهن جي جذبن، پيڙائن ۽ احساسن کي پنهنجي قلم جي زبان بڻائي تخليق ڪرڻ ئي حقيقت پسند ۽ سچو ادب آهي. ۽ ٽئگور پڻ سماجڪ حالتن ۾ ان جي چڪيءَ ۾ پيڙجندڙ لوڪن کي ڏسي چيو:

"اديب ٻين کان الڳ رهي ڪري اهو ڪجهه پرائي نٿو سگهي، جيڪو هن کي گڏيل تجربن مان حاصل ٿئي ٿو. منهنجو ان ڳالهه ۾ چٽو يقين آهي ته ڪو به ليکڪ تيستائين عوامي ليکڪ ڪوٺجي نٿو سگهي، جيستائين هو ماڻهن سان پنهنجا ويچار نٿو ونڊي."

ٽئگور ڏتڙيل ۽ غريب مسڪين ماڻهن جي اڪثريت جي ڏکن، سورن، پريشانين ۽ پيڙائن تي ويچار ونڊڻ کي ئي حقيقي ادب سڏي ٿو.

۽ ان کي عوامي ليکڪ ڪوني ٿو جيڪو ماڻهن جي اڪثريت ۽ گهٽائيءَ کي پنهنجي رچنائن ۾ سهيڙي ۽ گهٽائيءَ لاءِ ادب تخليق ڪري اڳتي هلي. ٻئي هنڌ ٽئگور لکي ٿو:
”جنهن ڪلا جي تهه ۾ سماجڪ ڀلائيءَ جي ڀاونا ڪانهي اهي بي معنيٰ ۽ بيجان آهن. ۽ جيڪي ان جي من موهيندڙ روپ ۽ رنگ جا پوڄاري آهن سي انسانيت جا ويري آهن.“
ٽئگور جا اهي جملا سستي شهرت حاصل ڪندڙ ڪلاڪارن ۽ ساهتيڪارن جي محدود سوچ ۽ وڳوڙي ذهنيت تي هڪ زبردست هلان آهي، جيڪي ماڻهن جي دکن ۽ دردن کان ڀڄي انهن کان ڏور ويهي لکن ٿا. جيڪي ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ڀاونا کي نپ وساري ٿا ويهن، صرف پنهنجي پيڙائن کي ڪردارن جو روپ ڏئي لکن ٿا اهي پنهنجي جذبن جي اپٽار ته ڪن ٿا پر ٻين جي اڻپورين ۽ اڌورين اميدن جو خون ڪري پاپ ٿا ڪڻن. جيڪي اديب چون ٿا ته ادب ۾ جڏهن پيٽ بکين ۽ انگ اگهاڙن انساني جتن کي شامل ڪرڻ سياست بڻجي ٿي وڃي، انهن کي ٽئگور جي ساهت سياست ۽ زندگيءَ جو مطالعو ڪرڻ کپي. جو ته جيئن خوشبوءِ کي گل کان جدا نٿو ڪري سگهجي، جيئن چنڊ کان چانڊوڪيءَ کي جدا نٿو ڪري سگهجي، تيئن ادب کي پڻ سياست کان جدا نٿو ڪري سگهجي. ان نسبت سان ٽئگور لکي ٿو ته:

> ”اديب جو فرض هجڻ کپي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي، بيداري ۽ جوش جا گيت ڳائي هر انسان کي خوشي ۽ اميد جا نغما ٻڌائي ڪنهن کي به نااميد ۽ نڪار ٿيڻ نه ڏئي، ملڪ ۽ قوم جي خيرخواهيءَ کي شخصي غرض کان مٿانهون ڪري ڏسي، قومي مفادن وارو جذبو جاڳائڻ هر نندي توڙي وڏي اديب جو فرض آهي.“

محبت جيون جو اٽوٽ حصو آهي. محبت ڪندڙ ئي مهان ڪلاڪار بڻجي ٿو. هڪ شاعر چيو آهي ته ”ڌرتي ۽ آڪاش وچ ۾ جيڪڏهن محبت ۽ پيار جون ڌوٽيون ۽ ٽنيا نه هجن ها ته جيڪر

آڪاش ڪيترو اڳ ڏرتيءَ مٿان ڪري پوي ها. محبت نہ هجي ها، تہ ڌرتي ۽ آڪاش وچ ۾ ڪوبہ فاصلو نہ هجي ها ۽ نتيجي ۾ اسان بہ نہ هجون ها.“ حقيقت بہ اها آهي پريم ڪانسواءِ جيون بي حس ۽ بي رس آهي، پر دنيا جي ادبي تاريخ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ دنيا جي هر خطي، هر ملڪ ۽ ديش ۾ جنهن بہ اديب ۽ ڪلاڪار پنهنجي ذاتي مفادن ۽ غرض جي ڪري ادب تخليق ڪيو آهي، اهو زندهہ هوندي بہ مري چڪو هوندو آهي پر جنهن اديب يا شاعر پنهنجي انفرادي مفادن مٿان اجتماعي مفادن کي اهميت ۽ رجيح ڏني اهي مري بہ جيئرا رهيا آهن. جن صرف پنهنجي محبوب (آئيڊيل) کي آڏو رکي رچنائون رچيون آهن ۽ پنهنجي محبوب کي، پار ڪڍي بدنام ۽ بي آرام پئي ڪيو آهي اهي مٽجي ويا پر جن عام ماڻهوءَ جي سک شانتي، آزادي ۽ انقلاب جا گيت ڳاتا، اهي ٽئگور ۽ لطيف بڻجي، پنهنجي ديش واسين ۽ دنيا جي روشن خيال ۽ روشن ضمير انسانن جي دلين سان گڏ ڌڙڪندا رهي آهن. اهي ڪالهہ جي دلين ۾ بہ زندهہ هئا، اڄ جي دلين ۾ بہ زندهہ آهن ۽ سڀاڻي جي دلين ۾ پڻ جيئرا رهندا. انهن جي فن، جيون ۽ جياپي کي ڪابہ خزان ختم نہ ڪري سگهندي، ڪوبہ طوفان پنهنجي جڳهہ تان هٽائي نہ سگهندو، ڪوبہ موت انهن کي ماري نہ سگهندو ۽ دنيا جي ڪابہ طاقت انهن کي شڪست ڏئي نہ سگهندي.

# ٽئگور سنڌ جي دوري تي

1933ع ۾ گرديو رابندر ناٿ ٽئگور ”وشو ڀارتي يونيورسٽي“ قائم ڪرائڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ امداد گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجا سهائتا پيڙ (قرب ڀريا قدم) سنڌ ۾ گهمايا ڇو ته ٽئگور ڌارين جي غلاميءَ واري تعليم جو سخت مخالف هو. سنڌ ۾ پهچڻ وقت هن هتي جي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن، ڪلاڪارن ۽ ليکڪن سان گڏجاڻيون ڪيون، ۽ جڏهن سنڌي ٻوليءَ بجاءِ سنڌ واسين کي ڌاري ٻولي پڙهندي لکندي ۽ سکندي ڏٺو، تڏهن سندس ديش واسين جي غلاميءَ جو تصور هن جي ذهن مٿان ايري آيو ۽ تڏهن حيدرآباد ۾ اديبن ۽ ساهتيڪارن جي هڪ گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪندي چيائين:

”سنڌي ٻولي جيتوڻيڪ دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي. تڏهن به اڃان تائين ڌاري ۽ ٻاهران آيل (مغربي) سڀيتا ۽ ڌاري ٻوليءَ جي غلام آهي، اهڙي ريت سنڌي قوم به ڌارين جي غلام آهي، پوءِ به پنهنجي (بنگالي) ۽ سنڌي نوجوانن کي ڌارئي لباس ۾ لڏندو لمندو ڏسڻ ۽ ڌاري ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌڻ ڪل جهڙو ۽ ڏکدائڪ منظر آهي.“

سنڌي واپارين بابت ڳالهائيندي ٽئگور چيو: ٻين ڌرمن جي ڌرمي ۽ مذهبي نيمن ۽ ڪتابن جي پڪن ۽ پابند هندن ۾ ڇوت ڇات ۽ مت ڀيد جو جيڪو موذي مرض آهي، سو اوهان جي سنڌي واپارين ۾ اصل ڪونهي جيڪا هڪ سرهائيءَ جي ڳالهه آهي.“

۽ ان ئي دوري دوران هڪ هنڌ تقرير ڪندي فرمايائين ته ”مان چاهيان ٿو ته ڀارت جون سڀ ٻوليون پنهنجي پنهنجي گهر جون راڻيون بڻجي رهن، پنهنجي پنهنجي ويچار ڪيتر جون نهرون بڻجي وهن. ۽ آخر ۾ سڀ راشٽر ڀاشا جي راڻي گنگا ۾ ملي هڪ ئي وشال سڀيتا ۾ هٿ ونڊائين.“

سنڌ جي ان دوري دوران بنگال جي عظيم شاعر ۽ فلسفي رابندر ناٿ ٽئگور کي سنڌ جي اديبن طرفان سنڌ جو سير ڪرايو ويو. ٽئگور سنڌ ۽ سنڌ واسين جي سچائي، سونهن، سادگي، سندرتا ۽ محبت مان ايترو تہ متاثر ٿيو جو بي اختيار چئي ڏنائين تہ. "سنڌ، سونهن، سچائي ۽ سادگيءَ جو ديش آهي، سنڌي ماڻهو ايترا تہ سادا ۽ سچا آهن جو هنن کي پيار ڏئي هنن کان سڀ ڪجهہ کسي سگهجي ٿو. مان محسوس ٿو ڪريان تہ سنڌي ماڻهو سونهن سچائي ۽ سادگيءَ کان بہ وڌيڪ عظيم ۽ مهان آهن."

سنڌ جي دوري دوران، حيدرآباد جي اديبن جي دعوت تي ٽئگور جڏهن حيدرآباد آيو. تڏهن هن اديبن ۽ سنڌين جي عام ميڙ کي هاٿوڪي بسنت هال ۾ خطاب پڻ ڪيو. تنهن بعد اديب، سنڌو درياءَ جو سير ڪرائڻ لاءِ کيس ڪوٽڙي وٺي آيا. کيس ٻيڙي ذريعي سنڌو درياءَ جو سير ڪرايو ٿي ويو. تہ ان وقت شام جو وڳڙو هو. پورهيت ۽ پکيئڙن جيان شام جو سج بہ پنهنجو فرض پورو ڪري اولهہ طرف الهي، سنڌ ڌرتيءَ کي آخري سجدو ڪرڻ لاءِ سيس نوائي رهيو هو. ٽئگور جڏهن سج کي اولهہ طرف ٽڪرين ۾ نوڙندي ڏٺو. تڏهن عظيم فلسفيءَ جي اک ۽ ذهن ماضيءَ جي نقش ٽيل منظرن ۾ جهاتي پاتي ان وقت بي اختيار ٽئگور جي زبان مان نڪري ويو تہ: "مان دنيا گهميو آهيان، دنيا جي گهٽي گهٽي ڏٺي آهي، دنيا جي هر خطي جي ڪندڪڙڇ ۾ ويو آهيان، پر سج لهڻ جو منظر جيڪو سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي ڇاتيءَ تان ويهي ڏٺو اٿم ايترو وڻيو آهي جو دنيا جا سڀ منظر ذهن جي ڦرهيءَ (اسڪرين) تان ميسارجي ويا آهن. سج لهڻ جو اهڙو سهڻو خوبصورت ۽ حسين منظر دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ ڏٺو اٿم جهڙو سنڌو درياءَ تان ويهي."

سنڌوءَ درياءَ تان اولهہ طرف جن ٽڪرين آڏو ٽئگور سج کي جهڪندي ڏٺو هو. انهن ٽڪرين مٿان اڄ سنڌ يونيورسٽي قائم آهي، جنهن جو تصور سائين جي ايم سيد، علامہ آءِ آءِ قاضي، اي ڪي بروهي ۽ پير علي محمد راشدي ڏٺو هو. فلسفيءَ جي اک هميشہ مستقبل ۾ جهاتي پائي ڏسندي آهي، ٽئگور جهڙي عظيم فلسفي جي

اک ۽ ذهن پڻ انهن تڪرين ۾ سنڌ جو آئيندو ڏسي ورتو هو. ٽئگور ان ڏيهن اهڙي سچ کي دفن ٿيندي ڏٺو هو جيڪو مستقبل ۾ هڪ نه هڪ ڏينهن، سنڌ يونيورسٽيءَ جي روپ ۾، علم ۽ آزاديءَ جو سچ بڻجي ايرٽو هو. مهاڪوي ٽئگور انهن ڏينهن هندستان ۾ هڪ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي دوري تي نڪتو هو.

اڄ سنڌ ۾ پڻ ڪي ماڻهو حڪمران طبقن وٽ سرخرو ٿيڻ خاطر پنهنجي ٻوليءَ کي ڇڏي ڌاري ٻوليءَ ۾ ادب تخليق ڪري رهيا آهن. اهو هڪ فطري عمل آهي ته قومن ۽ ٻولين تي ڪڏهن ڪڏهن ڏکيا ڏينهن به ايند آهن. اهي ڏينهن عارضي ۽ ٿوري وقت لاءِ هوندا آهن پر اهي ڏکيا ڏينهن سک ۽ سچائيءَ جو ٻج ڇٽڻ ايند آهن. ۽ اهڙا ڏينهن قومن جي تاريخ ۾ اهم ۽ فيصلي وارا ڏينهن هوندا آهن. انهن ڏينهن ۾ ان قوم جي اديبن تي اهو قومي فرض ٿو عائد ٿئي ته اهي هڪ سچي انسان جيان ديس ۽ ديس واسين جي حقن ۽ ٻوليءَ جو قلم ذريعي ائين تحفظ ۽ بچاءُ ڪن جيئن ڪو سچو سپاهي پنهنجي بندوق ذريعي ڌرتيءَ جي هڪ هڪ انچ جو بچاءُ ڪندو آهي. انهن کي آزادي ۽ غلامي سچ ۽ ڪوڙ زندگي ۽ موت يا روشني ۽ اونده مان ڪوبه هڪ رستو چونڊڻو پوندو. غلام قومن جي اديب کي آزادي، سچ زندگي ۽ روشنيءَجي راهه تي هلي ڪري پنهنجي قوم ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو بچاءُ ڪرڻو آهي، يا ٻي صورت ۾ غلامي. ڪوڙ موت ۽ اونده جي اوڙاهه ۾ ڪرندو. مان ته ان خيال جو آهيان ته حاڪم ٿولا پلي پنهنجو فرض پورو ڪن پر غلام قومن جي غلام اديبن ۽ ماڻهن کي پنهنجو فرض پورو ڪرڻ کپي. منهنجو ايمان آهي ته جنهن ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو ”الف“ پڙهندڙ ماڻهو لطيف بڻجي سگهي ٿو اها ڌرتي ۽ ٻولي عظمت جي انهن بلندين تي پڇي سگهي ٿي جتي شڪست ۽ غلاميءَ جو تصور به پهچي نٿو سگهي. اتي جا ماڻهو ته غريب ٿي سگهن ٿا، پر ادب ڪڏهن به غريب ٿي نٿو سگهي. ٽئگور چيو ته جيڪي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کي ڇڏي ڌاري ٻوليءَ ۾ لکن ٿا انهن کي ڄاڻڻ کپي ته:

”وئشيا (فاحشہ) کي دنيا جو ڪيترو به ڌن ۽ دولت ڇو نه هجي تڏهن به هوءَ عزت جي لائق ڪانه ٿي ليکي وڃي، ڪوبه اديب يا شاعر

پلي سموري زندگي ٻئي ڪنهن ٻـ ڌاري يا اڌاري ٻوليءَ ۾ لکي تڏهن ٻـ ان کي نڪي پنهنجي قوم جا ماڻهو ئي پنهنجو سمجهندا ۽ نڪوئي ڌاري ٻوليءَ جا ماڻهو ان کي پنهنجو تصور ڪندا." اڳتي هلي چوي ٿو تـ "تون ٻئي ڪنهن جو ٻـ ٻڻجين، تنهن کان اڳ ۾ توکي پهرين پنهنجو ٻڻجڻو پوندو نـ تـ ٻيا ٻـ توکي پنهنجو نـ سمجهندا."

۽ جڏهن ٽگور سنڌ جي دوري تان واپس موٽي رهيو هو تڏهن ويندي ويندي سنڌواسين لاءِ هڪ پيغام ۾ سنيهي ۾ چيائين:

"سنڌي ماڻهو سمجهو سياو جا آهن. سنڌي عملدار هندستان جي هر ڪنهن پاڳي ۾ ڏسڻ ۾ ايندا ۽ سنڌي واپاري دنيا جي ڏورانهين بندرن تي واپار ڪٽي ويا آهن. پر هاڻوڪي سنڌ، نئين جاڳرتا ۽ تهذيب جيڪا اڄ هندستان ۾ اچي رهي آهي، تنهن ۾ ڪو نالي ماتر پاڱ ورتو آهي، ان جو سبب ليپي سگهي ٿو. مون کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تـ سنڌي پنهنجن جذبن لاءِ اوڏانهن واجهائي ۽ نهاري رهيا آهن. جتان فقط بگاڙو ئي ملي سگهي ٿو. سنڌي اجا ڌارين جي غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن. جيڪو نظارو دکدائڪ آهي.

ٽئگور چيو:

"اسين بنگال ۾ اول اول ان ڌاري لهر ۾ ڇڪجي وياسين پر جلد ئي محسوس ڪيوسين ۽ پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي سين ان ڪوشش ۾ اسان اهڙيون طاقتون ۽ قوتون پيدا ڪيون. جو اسان جي جيوت ۾ ڦيرو اچي ويو."

......................

ڪنهن ٻـ واٽي تي بيهي، گذرندڙ هڪ هڪ گهڙي کي ڳڻي رهيا هئاسين. جڏهن بهار جي صبح جو ايرندي سج کي تو پنهنجو چهرو ڏيکاريو ۽ ٻاهر نڪتينءَ.

تنهنجو اچڻ ائين هئو جيئن ڪنهن سپاهيءَ کي موت جي دروازي تي زندگي واپس موٽي ملي.

*ٽئگور (گيتانجلي)*

# ٽئگور دنيا جي دوري تي

رابندر ناٿ ٽئگور پنهنجي جيون ۾ ٻين ديشن ۽ ملڪن جي تاريخ، سياست، ساهت، علم ۽ اخلاق بابت معلومات ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهي ملڪن جون ياترائون ڪيون، جن ۾ رشيا، آمريڪا، چين، اٽلي، جپان ۽ سنڌ وغيره به شامل هئا.

آڪٽوبر 1917ع تي روس ۾ لينن سوشلسٽ انقلاب آندو ۽ زار شاهي جو بت جيڪو سوين ورهن کان روس جي پيٽ بڪين، مسڪين ۽ مجبور ماڻهن جي وجودن مٿان ٽنگيل هو ان بت کي ٽئگور اکئين ڍهندي ڏٺو ۽ ان انقلاب جو بنيادي ڪارڻ غريبن، ڏتڙيل ۽ مسڪين ماڻهن جي ڀلائيءَ خاطر پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪرڻ هو. يعني "غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي آمريت" تڏهن ٽئگور چيو:

"مان ماسڪو ڏسڻ کانسواءِ مرڻ نٿو چاهيان."

ٽئگور جڏهن اٽلي ويو، تڏهن اتي فاشسٽ حڪمران مسولينيءَ جي ڊڪٽيٽرشپ قائم هئي، اتي لهڻ سان سندس آڏرياءَ فاشسٽ حڪومت جي پيروڪارن ۽ درباري ليکڪن ڪيو. ڪيس اٽليءَ جو هڪ طرفو رخ ڏيکاريو ويو ۽ ڪيس حقيقتن کان بنهه دور ۽ پري رکيو ويو ڇو ته هو هڪ فاشسٽ حڪمران جو مهمان هو، تنهن ڪري انهن نٿي چاهيو ته هڪ مهمان کي گهر جون ڪمزوريون ۽ ڪچايون معلوم ٿين. تنهن ڪري هو ڪيس گهيري ۽ وڪوڙي ويا هئا. ڇو ته انهن کي خبر هئي ته:

"ٽئگور انسانيت جي آزادي ۾ پختو يقين ۽ ايمان رکي ٿو."

ٽئگور کي اٽليءَ جي اصلي حقيقتن، گهرو ۽ اندروني مسئلن جي پروڙ ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن هو اٽليءَ کان جپان پهتو ۽ اتي اٽليءَ جي فاشسٽ حڪومت طرفان جلاوطن ڪيل شاعر "رومين رولانڊ" سان مليو ۽ هن اٽليءَ جي حقيقتن تان پردو کنيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ جڏهن جپان 1938ع ۾ چين مٿان بيگناهہ حملو ڪيو تڏهن ٽئگور جپان جي هڪ فاشسٽ حڪومت جي حامي شاعر ناگوچي ڏانهن خط لکي ان اڳرائي ۽ قومي هٻچ کي ننديندي لکيائين تہ:

”توهان مون سان ان ڳالهہ ۾ شامل راءِ ٿا نظر اچو تہ فاشسٽ اٽليءَ جي ”ائسيسينيا“ ۾ ڪيل خونريزي سخت نندا جوڳي آهي پر چين جي ڪروڙين بيگناهہ انسانن مٿان جپان جي خونخوار حملي واري اڳرائي کي توهان ٻي نگاهہ سان ڏسڻ چاهيو ٿا...!! پر فيصلو سدائين اصولن جي بنياد تي ٿيندو آهي ڪيتري بہ وڪالت ڪرڻ سان حقيقتن کي نئون بدلائي سگهجي. مغربي ملڪن کان خونخوار طريقا سکي جپان، ”چيني جنتا“ تي حملو ڪري هڪ انسانيت پسند اخلاقي اصول کي ڪچليو، چچريو ۽ چيپاٽيو آهي، جنهن تي ئي انساني سڀيتا جو دارومدار آهي.“

۽ جڏهن ٽئگور آمريڪا جو دورو ڪيو تڏهن ڏٺائين ۽ محسوس ڪيائين تہ آمريڪي ماڻهو جي ذهنن ۾ ايشيا واسين لاءِ سخت نفرت ۽ ڌڪار جا جذبا ڇانيل آهن ۽ انهن نفرتن جي بنياد تي آخرڪار 1944ع ۾ آمريڪا، هندستانين جي اچڻ تي پابندي هٽي ڇڏي، پر ٽئگور کي اهڙي فيصلي جي 1944ع کان اڳ ئي پروڙ پئجي چڪي هئي. انهن نفرتن ۽ ڌڪار جي جذبن مان ئي سمجهي ويو هو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ايشيا واسي هت اچي نہ سگهندا، تڏهن هن 1938ع ۾ ئي اڳڪٿي ڪندي چيو هو تہ:

”هاڻي تہ خود يسوع مسيح بہ آمريڪا نہ اچي سگهندو ڇاڪاڻ تہ هن وٽ نہ هوندو ايترو پئسو ۽ ٻيو تہ هو ايشيا واسي هوندو.“

ٽئگور جڏهن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ آفريڪا ۾ نسلي ويڇا ايڏو تہ خونخوار ٿيجي چڪا آهن، جو انسان مان انسان جي سڃاڻپ ختم ٿي چڪي آهي. اچي ۽ ڪاري رنگ جي بنياد تي دوستي ۽ دشمني کي پرکيو ٿو وڃي ۽ ان ئي بنياد تي آفريڪا جي ڪارن مسڪين ابوجهہ ۽ مظلوم ماڻهن کي ظلم جو نشانو بڻايو پيو وڃي. آفريڪا جي رهواسين کي پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾ بہ پرڏيهي سمجهي ماريو پيو وڃي ۽ پنهنجي

ڏيهہ ۾ بہ اهي جلاوطني وارو جيوت گهاري رهيا آهن. جڏهن هن ڏٺو تہ ڌاريون قومون اصلي ڌرتي واسين کي ڌرتيءَ کان ڌار ڪرڻ جون سٿون سٽي رهيون آهن، ۽ اتي (آفريڪا) جي قومن تي ڌاريون قومون ويل وهائي رهيون آهن، تڏهن هن اهي سڀ ناانصافيون ۽ ظلم پاڻ پنهنجي وجود تي ٿيندي محسوس ڪيا. جڏهن هن ڏٺو تہ ڦورو ۽ لٽيرن جون تيز تلوارون، سجاڳ ۽ بيدار وجودن مٿان غلاميءَ جو پاڇو ٻٽيون بيٺيون آهن، تڏهن ٽئگور کي پنهنجو وجود بہ تاريڪ ۽ اونداهو محسوس ٿيو ۽ هن پاڻ کي بہ غلاميءَ جي پاڇي هيٺان بيٺل محسوس ڪندي گورن سان نفرت جو اظهار ڪيو. پيڙيل ۽ مظلوم آفريڪين جي وجود ۾ پوندڙ وڍ ٽئگور پنهنجي وجود ۾ لڳندا محسوس ڪيا. انهن جي مظلوميت کي پنهنجي مظلوميت سمجهيو. انهن جي اکين مان وهندڙ مظلوميت جا لڙڪ ٽئگور پنهنجي اکين مان وهندي محسوس ڪيا. انهن جي آهن. دانهن کي هن پنهنجي دل جي ڌڙڪنن ۾ ڌڙڪندو محسوس ڪيو ۽ ان جو اظهار ڪندي لکيائين:

اي آفريڪا جا،<br>
مظلوم ۽ بي گهر انسانو<br>
جن جون دليون،<br>
رات جي اونداهيءَ جيان،<br>
تاريڪ ۽ اونداهيون آهن.<br>
جن جا چنبا،<br>
خونخوار چيتي جي چنبن کان وڌيڪ وحشي<br>
زنجيرن جي جهڻڪار سان،<br>
پهتا اچي اي آفريڪا،<br>
اي مظلوم ۽ محڪوم آفريڪا.

رابندر ناٿ ٽئگور آڏو ساهت جو مقصد چٽو ۽ واضح هو. سندس هر ليک، هر ڪوتا، هر ناول ۽ هر لکٽي ۾ سماجڪ ڀلائيءَ جي ڀاونا جي جهلڪ ضرور نظر ايندي سچ پچ تہ ٽئگور انسانيت پرست شاعر هو. ڪيس انسانن سان اڏلي پيار هو. چو تہ هن کي خبر هئي تہ نانگ ڪڏهن بہ نانگ کي ڏنگي نٿو سگهي، جانور ڪڏهن بہ پنهنجي

ڪنهن هم جنس جو بدخواهه يا دشمن ٿي نٿو سگهي، پر انسان ئي آهي جيڪو انسان جو دشمن ۽ بدخواهه آهي. انسان ئي آهي جيڪو انسان جو ئي ويري ۽ قاتل آهي. سندس زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن سڄي دنيا مٿان جنگ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. جڏهن انسانيت. جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ بارود جي دونهي ۾ دونهاٽيل هئي، جڏهن ڌرتيءَ مٿان رهندڙ انسانن مٿان بمن جي بارش وسي رهي هئي ۽ انسان ڌرتيءَ مٿان پڳڙن جيان پچي رهيا هئا ۽ مرندڙ ۽ موت جي منهن ۾ ايندڙ انسانن جون آهون ۽ دانهون بمن جي ٺڪائن ۾ دٻجي وڃڻ ڪري ڪنهن ڪي ٻڌڻ ۾ نه پئي آيون. تڏهن ٽئگور انسانن کي آٿت ڏيندي چيو:

”مان انسانن منجهان وشواس ۽ ڀروسو وڃائڻ جهڙو عظيم گناهه نه ڪندس ڇو ته هر نئون ڇاول ٻار دنيا ۾ هي پيغام کڻي پيدا ٿئي ٿو ته خدا اڃا تائين انسانن مان مايوس ۽ نااميد ناهي ٿيو پوءِ آءٌ ڇو مايوس ٿيان ۽ وشواس وڃايان.“ ان وقت ٽئگور ڪاميابيءَ جا گيت ڳائيندي چوي ٿو:

”ڪاميابي تنهنجي دائمي ڪاميابي
اي دل بي باڪ
ڪاميابي
جيون خوشي ۽ پريم جي ڪاميابي
ابدي روشني ۽ نور جي ڪاميابي
اونداهي رات ختم ٿيڻي آهي
تاريڪي ختم ٿي ويندي
زندهه دل نه گهٻراءِ.....!!
اگهور ننڊ جي سپنن مان سجاڳ ٿيءُ
سستي ۽ نااميدي کي ڦٽو ڪر
اٿي پرهه ڦٽيءَ جو پيغام ٻڌ
۽ اٿي صبح جي روشنيءَ جو آڌرڀاءُ ڪر...!!

انسان منجهه اهڙي اڻتوٽ وشواس ۽ اميد ئي ٽئگور کي دنيا جي ڏکن دردن ۽ پيڙائن جو مقابلو ڪرڻ جي سگهه ڏني. ان جذبي هيٺ ئي هن جپان جي فاشسٽ شاعر ناگوچيءَ کي رڪيو.

”مان ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ هرگز تيار ناهيان تہ ڪو ليڪڪ زندگي ۾ جيون کان شڪست کائي ۽ پڄي وڃي ڪنهن مناري مٿان ويهي لکي.“

ان ئي جذبي هيٺ ڌرتيءَ مٿان ٿيندڙ ڪلور ۽ ڪيس، ظلم ۽ زيادتيون ڏسي رت جي ڳوڙهن سان پنهنجي هڪ ڪوتا انعام ۾ چوي ٿو:

”مان بهن سمندر و شال ڌرتيءَ ڏانهن
مدهوش نيڻن سان نهاريان ٿو
نہ ڄاڻان ڇو منهنجن نماڻن نيڻن مان
آنسون اوتجي ٿا پون
هي حسين ۽ خوبصورت ڌرتي
ڪيترن ئي انسانن جي محبت ۾ ڍڪيل آهي
ڪيترن ئي ڏينهن جي دک سک سان داغي ٿيل آهي
مان هن سنسار جي مٽيءَ کي
پنهنجي گيتن جي مڌرتا سان
ڪيڙڻ چاهيان ٿو
آڪاڙ (آڪاش) جي گهٽائن کي
وڏيڪ گهنگهور بنائڻ چاهيان ٿو
هن جڳتر (جهان) کي نئين روشني ۽ چمڪ
ڏيڻ چاهيان ٿو
روشنيءَ جي تنگيءَ کي مٽائڻ چاهيان ٿو هن سنسار مان ڪوچ ڪرڻ کان اڳ
انسان جي مجبوريءَ کي ڪجهہ گهٽائڻ چاهيان ٿو.“

رابندر ناٿ ٽئگور پنهنجي ذاتي ۽ انفرادي دکن ۽ پيڙائن کي ڌرتي واسين. بي پهچ ۽ ابوجهہ انسانن جي دکن دردن ۽ پيڙائن سان ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏي ٿو. پنهنجي مظلوم نيڻن مان وهندڙ لڙڪن کي دکي انسانيت جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن سان ڳنڍي قلم ذريعي چٽر چٽي ٿو ۽ ڪوتائون رچي ٿو. حقيقت ۾ اهي زبان وارن گونگن. ۽ ڪنن وارن ٻوڙن لاءِ هڪ اهڙو آواز آهن. جيڪو آزادي لاءِ وڙهندڙ سپاهيءَ جي بندوق مان جنم وٺندو آهي. هن پنهنجي

قلم ذريعي دکي انسانيت جي آڪاش ڏارينڌڙ آهن ۽ دانهن کي زبان بخشي ٿو ڇڏي ته هڪ اهڙو طوفان جنم ٿو وٺي جنهن جي وجود مان آزادي ۽ انقلاب ائين ڦٽي ٿو نڪري جيئن ڪنهن مڪڙي مان ٻاڙهو گلاب جو گل.

ٽئگور اگهور ننڊ ۾ ستل ۽ سپنا ڏسندڙ ماڻهن جي ستل ضميرن ۽ مئل جذبن ۽احساسن کي جنجهوڙيندي هڪ ڪوتا "هريچڪا" جيڪا هن 1886ع ۾ لکي چوي ٿو:

"تون اتي وينو ڪيستائين سپنا ڏسندو رهندين؟
هتڪڻ ۽هٻڪڻ جي ضرورت ناهي ساٿي
هيٺ سخت ڌرتيءَ تي لهي اچ
هو ڏس سامهون طوفان پيو اچي
تنهنجي خوابي دنيا،
آنسن ۽ لڙڪن جي تيز ڌارا ۾ وهي ويندي
وڄ جي چمڪاٽن ۾
تنهنجي مٺي ننڊ جو نشو ٽٽي پوندو
اچ ته اسين انسانن جي وچ ۾ هلون
هنن جي دک سک، غم ۽ خوشيءَ ۾
سندن ساٿ ڏيون."

ٽئگور پنهنجن ڪوتائن کي ڪروڙين ذهنن تائين پهچائڻ ٿي چاهيو جيئن اهي پنهنجي ستل وجودن ۽ مفلوج ذهنن کي ذهني طور علمي هٿيارن سان هٿياربند ڪري سگهن ۽ دشمنن ۽ دوستن جي پرک ۽ پروڙ ڪري پنهنجي غلام ديش کي ڌارين (انگريزن) کان آزادي ڏياري سگهن. ان عمل لاءِ ٽئگور پنهنجن ڪوتائن کي صرف پاڻ تائين محدود رکڻ نٿي چاهيو جڏهن ڪلاڪار دنيا ۾ بي انصافي ۽ ڪنورتا جو قهر ڏسندو ته ڪيئن چاهيندو ته ان صورت ۾ خود تائين محدود بڻجي وڃي ۽ ڪيئن خاموش رکي سگهندو پنهنجي اندر ۾ چيڀيل حساس انسان کي، ڪيئن محدود رکي سگهندو پنهنجن امنگن، جذبن ۽ احساسن کي، سڀ سور پنهنجي سيني ۾ سانڍي لڪيائين.

”هو نصيب اهڙو بي رحم ڇو آهي؟
اهو زنجيرن ۾ ڇو تو جڪڙي
توڙاي منهنجي دل توڙ
انهن زنجيرن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏ
۽ پنهنجي دل جي تمنا پوري ڪر
جڏهن دل....!!
هڪ نئين سجاڳيءَ سان ڀرپور آهي
تڏنهن اونداهي ۽ ڪنور قسمت کي ڪير تو ليکي
جڏهن بکايل تمنا ڦاٽي نڪري ٿي
تڏهن دنيا ۾ ڪنهن جو ڏپ ۽ ڏاءُ ڇو ڪجي؟؟“

.........................

اف_ تنهنجي حسن جي بهار
اسان تنهنجي نوجوان آواز جي موسيقيءَ کي حيرت سان ٻڌي رهيا هئاسين.
تنهنجو لباس، هوا ۾ بهار جي گلن جي ڇڙواڳ خوشبوءِ وانگر اڏري رهيو هو.
تنهنجي ڪارن وارن ۾ موتئي جا اڇا گل ايئن چمڪن ٿا، جيئن ڪاري ٻاٺ اونداهي ۾ تارن جو جهڳٽو.
تنهنجي مرڪ جي پڙدي ۾ ڪنوڙ جي مرڪ لڪل آهي.
اف، تنهنجي حسن جي بهار.
۽ ڪير تو ڄاڻي ته تنهنجا تير ڪٿي لڪل آهن جيڪي قتل عام ڪن ٿا.

*ٽئگور (گيتانجلي)*

# غلام سچ جو آزاد روشن ڪرڻو

جڏهن رابندر ناٿ ٽئگور هن ڌرتيءَ تي اک کولي تڏهن سڄي هندستان جي آزاديءَ جي پهرين روشن شمع اجهامي چڪي هئي، ۽ ملڪ مڪمل طرح سان انگريز سامراجين جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو هو ملڪ ۾ چئني طرف مايوسي، گهٽ ۽ ٻوسٽ جي لهر ڇانيل هئي، سياسي ۽ سماجي نظرين ۾ ڌارين نظرين جو داخل ٿيڻ، اصلي نظرين لاءِ ايئن هاڃيڪار هو جيئن کير ۾ زهر هاڃيڪار ٿيندو آهي. يارتي ۽ يوربي تمدن (ڪلچر) جي ٽڪر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ نئين ڪلچر ادبي، ثقافتي حلقن ۾ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو هو جنهن جو اثر ٽئگور جي لکڻين، ان جي جيون، سوچن، اٿڻ ويهڻ ۽ رچنائن ۾ صاف نظر اچي ٿو. ٽئگور چيو:

”زندگيءَ جو موت سان اهڙو ئي سبنڌ آهي، جهڙو جنم سان!!“

هن چيو جيڪي ڏيئي کي پٽيان رکي هلن ٿا اهي پنهنجن ئي راهن ۾ پنهنجي ئي پاڇي جي اوندهہ ڪن ٿا. هن هر لکڻي، هر رچنا ۾ آزاديءَ جا سندر گيت لکيا آهن. هن هر لکڻيءَ ۾ انقلاب جا گيت ورجايا آهن. هڪ هنڌ لکي ٿو:

”مان خطرن کان محفوظ ماڻهن لاءِ نہ،
پر هر خطري سان سامهون ٿي منهن ڏيڻ
۽ نبيرڻ وارن جا گيت ڳايان ٿو.

مان پنهنجي درد جي سڪون لاءِ نہ،
پر ان کي برداشت ڪرڻ يا سهڻ
جي حوصلي لاءِ التجا ڪريان ٿو.

مان جيون جي راهن تي ڪنهن

مددگار ساٿيءَ تي نہ، پر
پنهنجي خودداري، طاقت ۽
قوت تي ڀروسو ڪريان ٿو.“

مان ڏجي ڪري پنهنجي بچاءَ جي تمنا نہ
پر پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ
صبر ۽ تحمل چاهيان ٿو.

اي خدا مون کي توفيق ڏي
جيئن مان ڏڄڻو نہ بڻجان
تنهنجو مددگار هٿ نہ صرف
ڪاميابين ۾ محسوس ڪريان
پر ناڪامين ۾ بہ تنهنجي هٿ جي
گرفت محسوس ڪريان.“

سونهن بابت ٽئگور چيو:
”سونهن شراب ناهي اتم سچ جو امرت اوتيل آهي، پر ڳالهيون جيڪي دک درد ۽ پيڙائون پيدا ڪن ٿيون سي صرف ڪوهيڙي جيان آهن، جڏهن بہ سونهن روپ پسائي ٿي تڏهن ايئن ٿو ڀاسي تہ امن ئي سچ آهي، نڪي تڪرار- پريم ئي سچ آهي نڪي نفرت...!“
ٽئگور لکيو:

هي پرهہ ۽ سچ جا شعاع
ڪيئن نہ من ۾ پئجي ويا
صبح جو پکيئڙن جون لاتيون
ڪنهن اونداهي غفا مان ڪيئن نہ لنگهنديون
نہ ڄاڻان هڪ مدت بعد
چو دل ۾ اڄ بہ هرڪر ٿي!!

ٽئگور اڳتي هلي لکي ٿو تہ:

”غلطين کي روڪڻ لاءِ جيڪڏهن در بند ڪري ڇڏيندين تہ سچ بہ ٻاهر رهجي ويندو.“ سونهن بابت وري هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

”پهرين چوندو هوس تہ سونهن آنند (آرام) ڏئي ٿي، تنهن ڪري ئي ساهتيہ ۾ سونهن کي جڳهہ آهي، حقيقت ۾ چوڻ هيئن کپي تہ جيڪي آنند ڏئي تنهن کي من سندر ۽ سهڻو ٿو ڪوٺي اهائي ساهتيہ جي وشيہ آهي.“

هر اديب توڙي ڪلاڪار کي، دنيا ڏسڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي نگاهہ هوندي آهي، محسوس ڪرڻ لاءِ پنهنجي حس هوندي آهي، پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ پنهنجو دماغ ۽ ذهن هوندو آهي. ٽئگور جيون کي جنهن روپ ۾ ڏٺو ان روپ ۾ عام آڏو ظاهر ڪيو ۽ اها ئي حقيقت پسنديءَ واري سچائپ هئي، جنهن ٽئگور کي عظمت جي بلندين تائين پهچايو. ٽئگور چيو:

”ڪوڙ شڪست برداشت ڪري نٿو سگهي، پر سچ شڪست برداشت ڪرڻ جي طاقت ۽ قوت رکي ٿو.“ ٽئگور حقيقت پسنديءَ جي جن ٽن اصولن تحت پنهنجي جيون جي تعمير ڪئي ۽ جن اصولن کي اپنايو ۽ پوڄيو اهي هي هئا:

(1) سَتيم يا سچائي ۽ حق.

(2) شِوم يا سنائي ۽ صداقت.

(3) سندرم يا سندرتا ۽ سونهن.

رواجي ماڻهوءَ جي عمر جيئن جيئن وڌندي ويندي آهي، تيئن تيئن هو پرمتڙيو، تنگدست، تنگدل ۽ پٿردل ٿيندو ويندو آهي، پر ٽئگور عمر وڌڻ سان گڏ پاڻ بہ انقلابي ٿيندو ويو ۽ انقلابي ذهن سان مسلح ٿجي ويو ۽ آزادي پسنديءَ جو دامن آخر تائين نہ ڇڏيائين. وشيہ ڀارتي يونيورسٽي قائم ڪرڻ خاطر هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ويو. انهن ڪان انفرادي طور چندا گڏ ڪيائين. ساڳئي وقت سڄي هندستان ۾ ناٽڪ ڪري پاڻ انهن ۾ مزاحيہ ڪردار ادا ڪيائين ۽ سندس ان عمل تي وڏن ماڻهن ۽ وڏين اخبارن تنقيد ڪئي، جنهن جي موٽ ۾ پڻ ٽئگور حقيقت پسندانہ رد عمل ظاهر ڪندي چيو:

”توهان پنهنجو فرض پورو ڪريو ۽ مان پنهنجوفرض پورو ڪري رهيو آهيان. مان نٿو چاهيان تہ هندستان جا ماڻهو انهن يونيورسٽين ۽ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪن جن ۾ ڏارين جو راڄ آهي ۽ غلاميءَ جي تعليم ڏني پئي وڃي. مان پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ هر قرباني ڏيندس. يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن مون کي ڪهڙي بہ روپ ۾ پنهنجي قوم آڏو وڃڻو پيو ويندس. مان چاهيان ٿو تہ منهنجي قوم کي آزاد تعليم ملي. مان چاهيان ٿو تہ منهنجي قوم جا فرد غلام ذهنيت کان آزادي حاصل ڪن. ڏارين جي تعليم ڏاريائپ جو تصور ڏئي ٿي. تنهن ڪري حڪومت جي غلاميءَ کان آزاد يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن مزاحيہ ڪردار جي روپ ۾ قوم آڏو ويس تہ ڪو فڪر ناهي مون کي پنهنجو ۽ پنهنجي قوم جو مقصد پورو ڪرڻ ڏيو.“

ٽئگور سچ پچ تہ دنيا ۾ لکجندڙ ۽ڇپجندڙ ادب ۽ رچنائن کي وقت حالتن ۽ ماحول پٽاندر نئون روپ ڏنو ۽ نئون موڙ ڏنو. سندس تخليق ڪيل ادب ۾ ترقي پسندي جي جهلڪ نمايان آهي، روايت پرستيءَ کان بغاوت جو ڏس ملي ٿو. سندس تخليقن ۾ نوان نظارا ۽ نين اميدن جي جهلڪ صاف نظر اچي ٿي، ٽئگور جي لکڻين ۽ رچنائن ۾ ان دور جو ماحول، حالتون ۽ چرندڙ پرندڙ ڪردار جيئن جو تيئن پنهنجي حقيقي روپ ۾ نظر اچن ٿا. ان دور جي ساهت ۽ تخليقڪار جي دل جي آنڌ مانڌ ۽ ڪشمڪش جو چٽر بخوبي چٽيل ملي ٿو. سندس هر لکڻي ايئن ٿو لڳي تہ ان دؤر جي معاشرتي جيون جي هڪ تاريخ آهي. خاص ڪري سندس ڪوتائن ۾ امن ۽ جنگ سلطنت شاهي، غلام قومون، سرمائيدار ۽ مزدور، هاري ۽ زميندار، زندگي ۽ موت، ايشوري ۽ انساني پريم، انفراديت ۽ اجتماعيت، دک ۽ سک جا ڪردار نئين ماحول ۽ ويس لبيس ۾ نيون معنائون کڻي اچن ٿا. 1937ع ۾ آفريڪا تي لکيل هڪ ڪوتا شاهڪار جي روپ ۾ آڏو آئي، جنهن ۾ ٽئگور لکيو:

اي آفريڪا..
بي آرام يگ جي پرڀات سمي
هنن شڪارين جي شوخي،

تنهنجن بگهڙن جي چنبن ڪان بہ وڌيڪ تکئي آهي،
انهن جي مغروري
تنهنجن اونداهن ٻيلن ڪان بہ وڌيڪ اونداهي آهي،
هنن تنهنجو سڀ ڪجهہ لٽي ڇڏيو.
سونهن سوپيا ۽ سچائي،
سڀڪجهہ لٽي ڇڏيو.
انهن "سڌريل" انسانن جو
جهنگلي لوپ ننگي روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي،
تون روئندي رڙندي رهينءَ.
پر هنن ڦورن لٽيرن ۽ ڌاڙيلن جي،
وحشي ٻوٽن جا نشان،
تنهنجي سچائي ۽ سونهن سان سٽيل تاريخ مٿان،
هڪ ڪارو داغ ڇڏي ويا.
هوڏانهن سمنڊ پار...!!
پنهنجن ملڪن ۾ گهنڊ گهڙيال وڄائي،
فتح ۽ سوڀ جون خوشيون ملهائي رهيا آهن،
اڄ اي ڪوي....!!
اچي هن وڻ ۾ ابتي لٽڪيل،
استريءَ ڪان،
اچي معافي وٺ....!!
.... ۽ هڪ ٻيءَ ڪوتا ۾ ماڻهن کي جنگ بازن خلاف لڙڻ جي للڪار ڪندي لکي ٿو.
چوڌاري،
واسينگن جي زهريلي ڦوڪار پئي پوي،
جنهن ۾،
شفقت ڀريو صلح جو پيغام،
ٿنولي پيو لڳندو...!!
تئگور زندگيءَ کي پيار ڪندڙ هڪ اهڙو مهان ڪوي هئو جنهن ڪڏهن بہ موت کي نہ مڃيو. هن آڏو زندگي حقيقت هئي، هن دنيا سان

پيار ڪيو. جيون جي وک وک تي هن گل ڇٽيا. جيڪو اڄ باغ جي صورت ۾ انسانن آڏو آهي، سونهن، سچائي ۽ سنائي جي بنيادن تي هن انسانيت کي خوبصورت، سچو ۽ سنو ڏسڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوينائون جوڙي اونداهي ڌرتيءَ تي روشنيءَ جا مينار کوڙيا. وک وک تي ڪنڊن بجاءِ گلن جي ورکا ڪئي. موت هن جي تصور جي خلاف هڪ اهڙو نظريو هئو. جنهن جي حيثيت ۽ حقيقت کي هن ڪڏهن به نه مڃيو. هڪ شعر ۾ چيائين:

”مان ڄاڻان ٿو جڏهن،
آءٌ جيون جي رنگ ڀومي ڇڏي ويندس،
تڏهن منهنجي پٺيان،
مندن منجهه ڦول شاهدي ڀريندا رهندا،
ته ڪهڙي نموني،
مون هن جهان کي پريم ڪيو آهي،
هي پيار هن جيوت جي سوغات،
بس اهوئي ته سچ آهي...!
جڏهن آءٌ پيو موڪلائيندس،
تڏهن هي امر سچ،
موت کي قبول نه ڪندو....!!“

هڪ ڀيري رابندر ناٿ ٽئگور بيمار تي پيو. ڪيس ڪلڪتي جي هڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. سندس همت جوش ۽ جذبي آڏو ڪوبه ڏک سور يا انفرادي مسئلو رڪاوٽ نه بڻيو. بيماري جي بستري تان به مئي 1941ع ۾ اسپتال ۾ ويهي راڄنيتي (سياسي) قيدين جي باري ۾ ڪوٺايل هڪ شاهي ميڙ جي صدارت ڪيائين. ان ئي مهيني اسپتال مان بيماريءَ جي بستري تان ويهي انگريز سامراجي حڪومت جي هڪ عيوضي مسٽر راٿبون کي سندس خط جي جواب ۾ لکيائين...

”.... ليڪن تهذيب کان وڌيڪ زندگيءَ جي رواجي گهرجن جي گهٽي ضرورت آهي، جن تي ئي ان جي اڏاوت ڪڙي ڪيل آهي، انگريزن ٻن سؤ سالن کان اسان جي قومي ڌن، دولت، ملڪ، قومي حيثيت ۽ وقار تي ناجائز قبضو ڪري اسان کي پيڙيو چچريو ۽

چيپياٽيو آهي. اسان جي غريب جنتا (عوام) لاءِ انهن ڌارين حڪمرانن (انگريز سامراجي حڪمرانن) ڇا ڪيو آهي، مان جڏهن چؤطرف نهاريان ٿو تڏهن مون کي بڪايل انسان ماني ڳيپي لاءِ تڙپندي نظر اچن ٿا. مون ڳوٺن ۾ ڏٺو آهي ته ڪيئن نه استرين کي پاڻيءَ ڇُڪي لاءِ ڪڏون ڪوٺيون ٿيون پون، ڇو ته اتي جيترا اسڪول آهن اوترا کوهه به ڪونهن. ماڻهو ڪيئن نه بکن ۾ پاهه ٿيندا رهن ٿا. تڏهن به ڪين ڪنهن پر واري ضلعي مان ڪا چانورن لپ ملڻ جي ڪا به اميد ڪانهي."

ان منجهان صاف ظاهر آهي ته موت جي سج (بيماريءَ جي بستري) تي ويهي به هن مهان ڪلاڪار پنهنجي قوم جي ماڻهن سان ناتو نه ڇنو. هن موت جي هٿ ۾ هٿ ڏئي به ايئن ٿي محسوس ڪيو ته هو پنهنجي قوم جي مسڪين ۽ ڏتڙيل ماڻهن سان گڏ آهي. موت جي بستري تي ويهي به هن مجبور بيوس ۽ لاچار ماڻهن جي ڳوڙهن کي پنهنجي اکين مان وهندو محسوس ڪندي انهن لاءِ گيت لکيا. مرڻ گهڙيءَ تائين به هن مانجهي مڙد جو قلم انهن مظلوم ماڻهن جي مظلوميت تي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. حقيقت ۾ اهوئي سچو ۽ حقيقي ڪلاڪار آهي، جنهن جو ناتو ۽ رشتو ڄمڻ کان مرڻ تائين پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي قوم جي مظلوم غلام ماڻهن سان رهي ٿو. جنهن جو قلم انهن جي دکن دردن، لڙڪن ۽ ڳوڙهن، سورن ۽ پورن ۽ ڦرلٽ خلاف لفظن جو احتجاجي طوفان بڻجي. ظالمن ۽ لٽيرن جي ٺهري ڪوٺن ۽ زندانن جون پيڙهيون اکوڙي ٿو ڇڏي، اهوئي حقيقي ۽ سچو قلمڪار آهي، جيڪو حق ۽ سچائيءَ کي بنان ڪنهن ڊپ ڊاءُ، لوڀ لالچ ۽ ڏاڍ جي عام ماڻهو تائين پهچائي، اهوئي حقيقي ۽ سچو فنڪار آهي، جنهن جو فن ظالم خلاف مظلوم جي پڪار بڻجي ظالمن جي وجود کي تباهه ۽ برباد ٿو ڪري ۽ عام ماڻهوءَ جي زبان بڻجي نعرن جو طوفان ٿو اٿاري، اهوئي حقيقي قلمڪار ۽ ڪلاڪار آهي جيڪو ماڻهن جي پيڙائن احساسن، امنگن ۽ جذبن جو قدر ڪندي انهن سان پنهنجي روح جا رشتا ۽ بندڻ مضبوط ٿو ڪري ۽ ٺڳور ۾ اهي مڙئي خوبيون ۽ صلاحيتون موجود هيون.

ٽئگور پنهنجي دک کي دنيا وارن جي دک سان ملائيندي هڪ ڪوتا ۾ چوي ٿو تہ:

"هن وڏي دنيا ۾،
مون هڪڙي جا دک سور،
هڪ ڦڙي برابر آهن....!!
شل منهنجا پنهنجا شخصي دک،
هن وشالتا ۾ ملي وڃن،
۽ انهن جي هڪ هڪ پڪار،
سرن سان ملي وڏي وڏي،
جهان جي سرن ۾ گونجي اٿي!!"

مهاڪوي رابندر ناٿ ٽئگور 25 جولاءِ 1941ع تي سخت بيمار ٿي پيو ۽ کيس ڪلڪتي جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. اسپتال ۾ ڊاڪٽرن کيس سخت هدايت ڪئي تہ "ٽئگور کي پنهنجو ڪنڌ هڪ هنڌ رکڻ کپي ۽ هيڏانهن هوڏانهن چورڻ پورڻ نہ کپي." پر ٽئگور انفرادي آزاديءَ جو علمبردار هو. ۽ هن ڊاڪٽرن جي هدايت کي پڻ غلامي تصور ڪندي عمل نہ ڪيو. آخر جڏهن ٽئگور ڊاڪٽرن جي هدايتن تي عمل نہ ڪيو. تڏهن ڊاڪٽرن کيس وري سخت هدايت ڪئي تہ "ٽئگور پنهنجو ڪنڌ بستري کان ٿورو هيٺ جهڪائي آرام ڪري نہ تہ هو وڌيڪ جيئرو رهي نہ سگهندو."

۽ انهن ڏينهن ۾ مهاتما گانڌي پڻ سندس بيماريءَ جو پڇڻ اسپتال ۾ آيو تڏهن ٽئگور گانڌيءَ کي چيو:

"پڌو ٿا، ڊاڪٽر ٿا چون....!!

چون ٿا چند گهڙين جي زندگيءَ لاءِ ڪنڌ جهڪائي آرام ڪر، نہ تہ موت زندگي کسي وٺندئي ڊاڪٽر پيريءَ ۾ منهنجو ڪنڌ جهڪائڻ تي سنيريا آهن."

"ائين هرگز ٿي نٿو سگهي، جيڪو ڪنڌ مون اسي (80) سالن تائين برابر اونچو رکيو آهي، ۽ سڌو رکڻ ۾ سڦل ٿيو آهيان، اهو چند گهڙين جي زندگيءَ خاطر هرگز ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ جهڪي نٿو سگهي."

30 جولاءِ 1941ع تي ڪلڪتي جي اسپتال ۾ رابندر ناٿ ٽئگور جو آپريشن ٿيو. آپريشن کان ڪي گهڙيون اڳ ٽئگور پنهنجي آخري رچنا چئي لکائي. جنهن جو نالو هو "موت" پنهنجي آخري ڪوتا "موت" ۾ ٽئگور چيو:

ڏک جي ڪاري رات بار بار،
در منهنجي تي آئي آ،
هڪ هٿيار ڪٺي،
ڏک جا انبار ڪٺي،
درد کان مستڪ تي هي اپريل ليڪون،
۽ پوءِ کان ناس ٿيندڙ ديهي،
سڀ نڳيءَ جو ناهه اونداهه اونداهه!
جڏهن به هن جي ڀيانڪ واٽيءَ تي،
اعتبار ڪيو آهي، مون
تڏهن مون کي وڏي هار ملي آهي،
هي هار جيت جو کيل،
هي ڪوڙيريو سنسار،
ننڍپڻ کان وٺي قدم بقدم،
هن جو پوءِ.
دک سان ڀريل هي دنيا،
جتي هل هلان ۽ ريهه پيهه لڳي پئي آهي
موت سان تب اونده ۾!!

.... ۽ آخر بنگال جو هي عظيم ليڪڪ، مهان ڪلاڪار، روشن سج مهاڪوي رابندر ناٿ ٽئگور 30 جولاءِ 1941ع تي منجهند جو 11 لڳي 13 منٽن تي، هماليه جي هن پار ڪنهن ڏورانهين ڏيهه تي روشني پکيڙڻ لاءِ الهي ويو ۽ ان وقت هوا ۾ سندس هي سٽون گونجيون "تون چاهي ڪيڏو به وڏو ۽ عظيم هجين پر موت کان هرگز وڏو ناهين، پر مان موت کان وڏو آهيان چوندو هن دنيا مان موڪلائي هليو ويندس."

# اندرا ديوي چوڌرياڻي جي نالي لکيل خط!

لنڊن
6 مئي 1913ع

انگريزي ۾ گيتان جلي جو ترجمو ڪيئن ٿيو ان جي بابت توکي ڪجھ ٻڌائڻ چاهيان ٿو مون پنهنجي بنگالي گيتن جا انگريزي ترجما ڪيئن ڪيا ۽ ماڻهن کي اهي ترجما ايترا پسند ڇو آيا. اڄ بہ جڏهن انهن ڳالهين تي غور ٿو ڪريان تہ مون کي حيرت ٿئي ٿي. ان ڳالھ جو اعتراف ڪندي مون کي تِرُ جيترو بہ شرم محسوس نٿو ٿئي تہ مون کي انگريزي لکڻ نٿي اچي مون وٽ جڏهن ڪو دعوت نامو انگريزي ۾ اچي ٿو تہ ان جو جواب انگريزي ۾ ڏيڻ ۾ ڊپ ٿو لڳي، تون سمجهي رهي آهين، تڏهن تہ اها ڪمزوري هاڻي مون مان ختم ٿي وئي هوندي. ڳالھ اها ناهي آئون حيران آهيان تہ پنهنجي گيتن جا ترجما انگريزي ۾ ڪيئن ڪري ويس. اهو بہ هڪ ڏکھو داستان آهي.

تڏهن چيٽ جو مهينو هو ۽ انبن ٻور جهليو هو. ٻار جڏهن تازه دم هجي تہ کيس ماءَ ياد نٿي اچي، پر جڏهن راند روند مان ٿڪجي ٿو پوي تہ هو امڙ جي هنج ۾ ويهي آرام ڪرڻ چاهيندو آهي، اهڙي ئي ڪيفيت منهنجي بہ هئي مون بہ پوري محويت سان چيٽ جي مهينن جي خوشگوار ڏهاڙن مان فائدو وٺڻ پئي چاهيو. چيٽ جون هوائون، اُن جون روشنيون، ان جو سڳنڌ. ان جا گيت. هڪ هڪ ڪندي سيني منهنجو پاسو اچي ورتو. اهڙي حالت ۾ ماٺ ڪيئن پئي رهي سگهيس. تون ڄاڻين ٿي تہ جڏهن سڳند پربل هوائون منهنجي جسم کي ڇهن ٿيون تہ منهنجي دل جا تار ڇڙي ٿا پون. اهڙي فضا ۾ آئون گيتان جلي جي بنگالي گيتن جو انگريزي ترجمو ڪرڻ ويهي رهيس. ايتري ۾ هڪ هڪ ڪاپي ڪاري ڪري ڇڏي. اها ڪاپي کيسي ۾

رکي جهاز ۾ چڙهي پيس، کيسي ۾ ان ڪري رکيم ته جڏهن به طبيعت ڳري محسوس ٿئي ته ٻاهر ويهي رهان ۽ ترجمي جو ڪم ڪريان. ٿيو به ائين هڪ کان پوءِ ٻي ڪاپي به پرجي وئي، منهنجي شاعراڻي طبيعت جو حال وئنسٽائن هندستان ۾ منهنجي هڪ دوست جي واتان ٻڌي چڪو هو. اهڙي طرح جڏهن ڳالهين ۾ هن منهنجي گيتن جو ترجمو ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته مون بنا دير ٻئي ڪاپيون سندس حوالي ڪيون. هن ترجمي پڙهڻ کانپوءِ منهنجي اهڙي تعريف ڪئي ته مون کي يقين نه پئي آيو. ان کانپوءِ ئي هن اهي ترجما ايٽس کي موڪلي ڏنا ان کان پوءِ جيڪو ٿيو اهو اوهان پهرين ئي ٻڌي چڪا آهيو.

گيتان جلي ۾ جيڪي منهنجا گيت آهن، اهي مون ڄاڻي ٻجهي ناهن لکيا پر منهنجي روح جا آواز آهن، منهنجي روح جون عبادتون آهن، انهن جي اندر منهنجي زندگي جا سمورا ڏک سک اهي سموريون بندگيون آهن، جيڪي لفظن جو روپ وٺي چڪيون آهن.

**رابندر ناٿ ٽيگور**

# شانتي نڪيتن جي هڪ پروفيسر جي نالي لکيل خط!

تو منهنجي هڪ گيت جي ترجمي جي باري ۾ پڇيو آهي، توکي وڏيڪ ٻڌايان ته منهنجا گيت هتي جي ماڻهن کي تمام گهڻا وڻيا آهن. توهان ته ڪجهه گيت ڏٺا هئا. جهاز تي گهڻا لکيم ۽ اجا به لکندو پيو وڃان منهنجي خيال ۾ ته آئون هڪ سؤ کان وڏيڪ گيت لکي چڪو آهيان. اهي سمورا گيت ايٽس پاڻ سان گڏ نارمنڊي کڻي ويو آهي، هو ديباچو لکندو پوءِ انڊيا آفيس ۾ انهن جي ڇپائي شروع ٿيندي. هڪ ڏهاڙي شو فورڊ بروڪ سان ملاقات ٿي وئي، هن منهنجا مسودا ڏٺا. مون کي خبر نه هئي ته منهنجا گيت ڪيس ايترا وڻندا. هن جي خيال ۾ منهنجا گيت املهه خزانو آهن. جڏهن بول پور ۾ ويهي آئون اهي گيت لکي رهيو هوس، ته مون سوچيو به نه هو ته پرڏيهه ۾ اهي ڪنهن ڪم جا ٿيندا. پر ڳوڙها هوئي نه پر آئون اڪثر سوچيندو هئس ۽ ڪيترا ڀيرا توهان سان به اظهار ڪري چڪو آهيان ته خبر ناهي ته هي گيت بنگالي ادب ۾ ڪو مقام حاصل ڪري سگهندا به الائي نه. هاڻي اها حقيقت مون تي واضح ٿي آهي ته پاڻ لاءِ لکڻ سيني لاءِ لکڻ هوندو آهي ۽ اها شيءِ سادگي واري هجي ته قيمت ڪيترا ڀيرا وڌيڪ ٿيو وڃي.

**رابندر ناٿ ٽيگور**

# رابندر ناٿ ٽيگور جي
# چند نظمن جو ترجمو

## واپسي

آئون حوالي ڪريان هن جي جيڪو ڪجهہ آهي
ان ڪان اڳ جو ڪو پڇي مون ڪان
حوالي ڪري ٿي دنيا ڪنهن کي پنهنجو پاڻ
جڏهن ويس آئون هن وٽ پنهنجو انعام وٺڻ
تہ آئون بدگماني جي منجهيل تارن ۾ ڦاٿو نہ هئس
هاڻي جڏهن مان حوالي ڪرڻ ويندس پنهنجي جان
دل ۾ ڪابہ خواهش نہ رهندي
مڌر گيت جهونگاريندي
صبح، ڏينهن جي پيرن تي هلندي
شام جي مٽي رنگن ماڪيل رستن تان
صبح جي لالاڻ جهڙو سون
لٽائي شام جي لالاڻ جي ساحلن تي
ڪنهن جاءِ ڪا سني رات جي سانت جي هنجهہ ۾
روشني جا خواب ڪٽي
ننڊ جي الوٽ پاڇي ۾ گم ٿي وڃي ٿي،
هوڏانهن ٽڙندڙ گلن جي ڪِلڻ سان ڪرن ٿيون پنکڙيون
سڳنڌ واسيل ميون جي اندر پيهي
جتي پنهنجي منزل کي پهچي ٿي
تہ هاڻ تون ٻڌ منهنجا بي باڪ دل
دير ٿي ويندي

هن ڪان اڳ جو ڏينهن پڃاڻي تي پهچي
جسم ۽ جان جو هي جرڪندڙ سون
هل ڪٽي زندگي جي هوا ٻيڙين تي
ڪٽي ڏور الفت جي بي انت سمنڊ جي اونهائي ۾ ٻڏي وڃ.
خار ۽ گُل
صبح ويلا ۾
اي نازڪ دنيا
تنهنجي گلن جي وادي مان
هو گل چونڊيو هو مون
۽ پنهنجي من اڱڻ تي رکيم ان کي
پر خار چُڀي پيو دل ۾
اهو ڏنم تہ ڏينهن ڍلندي ئي
گل ڪومائجي ويو شام نامهربان پاڇن سان
چيڪار ڳجهي درد جي رهجي وئي دل ۾
ٻڌ! اي جادُو رنگي ڀڙڪندڙ دنيا
تنهنجي خوشبو جي باغيچي ۾ ٽڙندا لکين ٻيا
اندلني رنگن وارن باغن ۾ وسيل گلن جا مُک
پر مون تہ گل چونڊڻ وارو دور ڪڏهوڪو ختم ڪري ڇڏيو
۽ هاڻ جڏهن هن رات جي اوندهہ ڦهليل آهي هر طرف
ها لڳل خار جو درد اڃا باقي آ
سونهن جي ماريل سُندر ناري
**

## ذات

(ڀريون ياگو)

ڀرين دريا جي لهرن ڪان ٿورو ڏُور
اولهہ ڪان پويان
شام جي لالائي سان رنگيل

رنگ برنگي وڻن جا جهگٽا ماٿ ۾ آهن
پنهنجون سهاڳڻ روشيون ڪٽي
ڏينهن جي راجا ٽپي پئي هنئين
اونداهي ڳوٺ جا ساڌو مال ڪاهي گهر واپس پهتا
شنڪر جون ڳالهيون ٻڌڻ مندر پهتا
هڪ ٻالڪ اٽڃاڻ اتي آيو
شنڪر جا پير ڇُهي
خوشبودار ميوا ان جي پيرن ۾ رکي چوڻ لڳو
ٻاوا! مون کي راهه ڏيکار
راهه ڏيکار سچائي جي، گيان به ڏي سچائي جو
منهنجو نالو آهي، سيتا ڪاما
توتي مِهر جو مينهن وسي!
شنڪر چيو
تنهنجي ڪهڙي ذات آ ٻالڪ، گيان آ زيور ٻهمنن جو
ٻاوا سائين!
مون کي ذات جي ناهي خبر
آئون وڃي ٿو امڙ کان پڇان
شام جي ويلا ننڍڙي ندي کي پار ڪري
پار ندي جي هن جي ماتا پنهنجي جهوپڙي ٻاهران
راهه تڪي پئي ٻالڪ جي
ننڍڙي هڪ خاموش نگر ۾
واري تي جنهن جا پاڳ
جهوپڙي ۾ ڏيئو ٽمڪيو
اونداهي دروازي تي ماتا هن کي ڳل لايو
صبح ساجهر مٿو چمي ٻالڪ کان حال جو پڇيائين
ٻوليو ٻالڪ نالو ڇاهي منهنجي پيءُ جو
شنڪر پڇيو ڪلهه مون کان
تنهنجي ڪهڙي ذات آ ٻالڪ علم ته آ زيور ٻهمنن جو
ماتا جهڪايا نيڻ ٽميل هئا

سُسُ پُس ۾ چوٽ لڳي
منهنجي ماتا جا ٻر جي گلن جي مالها هئي
جنهن جي پاڳ ۾ رک لڪيل هئي
مندر جا ساڌو هئا مالهي
هن ٻڌايو اڳ سال گهٽا هو
منهنجو پتي تہ ڪوبہ ناهي
سامهون ٻر ۾ ساڌو سارا
ڪولي جتائون گنگا جي اشنان ڪان واپس آيا هئا
سج جي چمڪندڙ ڪرڻن جي هيٺان
ٻاوي جي پيرن ۾ آلا وار سڪائڻ پيا ٿا.

(ڀاڳو ڀيو)

ٻر ۾ ويٺل ساڌو ديرو دمائي سج جي
ڪرڻن هيٺان
جتائون ڪولي گنگا جي سنان ڪان واپس آيا هئا
ٻاوي جي پيرن ۾ وار سڪائڻ ويٺا هئا
سيتا ڪاما اندر جي اُڃ اُجهائڻ ديري تي پهتا
شنڪر جي پيرن کي چُمي
خاموشي سان ويهي رهيو
ٻنهي اکين جا لڙڪ
اکين ئي اکين ڪنيو ويٺو هو
شنڪر ڌيرج سان پڇيو
هاڻ تہ ٻڌاءِ ڪهڙي تنهنجي ذات آ ٻالڪ؟
ٻاوا سائين!
جات جي مون کي سُڌ ئي ناهي
جڏهن مون پڇيو وڃي ماتا کان
هن چيو
"پنهنجي ڀاڳن ٻاهہ لڳي آ

پاپ ۽ پُن جي وچ آ جيون
رام کھاٽي ٻڌندين ٻالڪ، تنھنجو من
تي پوندو گھائل
پر شنڪر کي وڃي تون چئجان
مان مندر جي هان پڄارڻ
ساڌو چيلا مندر ۾ جي تا پوڄا پاٺ ڪن
مان هان تِن جي داسي
جڏهن جھوليءَ ۾ تون آيو هئين
منھنجو پتي تہ ڪوبہ نہ هو
پڙ پڙ، ٻڙ ٻڙ چيلا ساڌو ڪرڻ لڳا
سوچن بينا ڪيئن نہ پاپ ڪھاڻي
ٻالڪ سامھون سين جي سامھون چئي هئي
”تنھنجي ذات پوتر ٻالڪ
چاڪاڻ تہ تو وٽ آهي سچائي جي اُتم مايا“
❊❊

او روشني اور روشني
او چندر جي ٿڌڙي روشني
هن وشال سنسار تي
سوين رنگ ڏارائون گڏ ڪندي
لڏندي لمندي تي اچين
۽ نيڻ درين کي چمندي
اي دل موهيندڙ روشني
ڏس مون وٽ آئينو ڪنيو
آ روشني اُيري رهي
۽ زندگي جي ساز تي
۽ چاهتن جي تندن کي
ڪِتڪِتايون ڪندڙ روشني
هي ٻي انت آسمان آ ائين ڪليو

هن ير كان هن ير تائين پکيڙي پَر
خوشين سان اُڏندي ۽ نچندي
مستانن ۽ ديوانن جيان کلندي جھومندي
۽ ٿهڪن سان رلجي
ڌرتي جي مُک کي چمندي
هِن پوپٽڙا پوپٽڙا
چنچل اندلٺ تي پوپٽڙا
پکيڙي پرن جون ڏپ چٽيون
هِن روشني جي بي ڪنارا ساگرن تي گلن وانگر
نہ جاڻ ڪتان جي گُل رُت جو پيغام کڻي
ڪھن چنبيلي سڳنڌ لھرائيندڙ نيلم
آسمان جي چپڙن کي چمندي
ها ڏس تہ چاندي رنگي
هو وسن تا جوت جي ڌارائن جا ور وڪڙ کائيندڙ ستا
ڪرٽن جون مالھائون سنھڙن بادلن جي جار تي
اڻ ڳڻيل رتن جي موھن روپ ۾
ڌرتي تي ڪيترو پري
هي گُل گُل مرڪندڙ پنکڙيون
هو ڏس منھنجي چاندي رنگي
آسمان جي ساگرن جو هر ڪنارو
پيار جي گھراين ۾ ٻڏل
ڏئي رھيو آ انھن امر گلن مان
ڪُل جھان کي راحتن جي روشني.

**

# فقيرياڻي

انڌي مندر جي دروازي وٽ اچي ويهندي هئي شرڌالو ٻاهر نڪرندا هئا تہ هوءَ پنهنجو هٿ هنن اڳيان ڊگهيريندي هئي ۽ عاجزي ڀري نوع ۾ چوندي هئي "بابوجي! انڌي تي ڪجھ ديا ڪريو."

هن جو خيال هو تہ مندر ۾ ايندڙ انسان سرل سڀاءُ وارا ۽ ديالو هوندا آهن ۽ ائين غلط بہ نہ هو. ايندڙ ويندڙ ڪجھ نہ ڪجھ ڏيئي ويندا هئس. انڌي هنن کي آسيسائون ڪندي هئي ۽ هنن جي نيڪدليءَ کي ساراهيندي هئي. عورتون بہ هن کي چانورن چپٽي ڏيئي ويندڙيون هيون.

هوءَ صبح کان وٺي شام تائين اهڙيءَ طرح هٿ ڊگهيري ويٺي رهندي هئي ۽ پوءِ دل ئي دل ۾ ڀڳوان کي پرنام ڪري لٺ جي سهاري جهوپڙيءَ جو رستو وٺندي هئي. شهر جي ٻاهران هن جي ڪکائين جهوپڙي هئي.

رستي تان بہ هوءَ مڱندي ويندي هئي پر واٽهڙن مان گهٽو تعداد سفيد پوشن جو هوندو هو جيڪي ڪجھ ڏيڻ جي بدران هيڪاري چڙٻون ڏيندا هئس. تڏهن بہ هوءَ مايوس نہ ٿيندي هئي. جهوپڙي تائين پهچندي پهچندي بہ چار پئسا بہ پلئہ پوندا هئس.

جهوپڙيءَ جي ويجهو ايندي ئي هڪ ڏهن ورهن جو ٻار لڏندو ڪڏندو اچي هن کي چنبڙندو هو. انڌي نوڙي هن جي نرڙ کي چمندي هئي.

ٻالڪ ڪير آهي؟ ڪنهن جو آهي يا ڪٿان آيو؟ ان جي ڪنهن کي ڪا ڪل ڪانہ هئي. پنج سال ٿيا جو پاڙيسرين هن کي اڪيلو روئندو ڏٺو هو ۽ اوچتو ئي اوچتو هڪڙي ڏينهن شام جي وقت هنن انڌيءَ جي گود ۾ هن ننڍڙي ٻار کي روئندو ڏٺو. انڌي هن جو منهن چمي هن کي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. اهو ڪو غير معمولي واقعو نہ هو پر ڪنهن بہ ان ڏانهن خاص ڌيان نہ ڏنو تہ ٻار ڪنهن جو آهي، تنهن ڏينهن کان اهو ٻالڪ انڌيءَ جي گود ۾ ڏسبو هو.

انڌيءَ جهوپڙيءَ ۾ هڪ پنڌارو ناهيو هو. جيڪي روز پنھنجي ايندي هئي سو سانجهن جو اچي ان پنڌاري ۾ وجهندي هئي ۽ پوءِ ان کي ڪنهن ڪپڙي لٽي يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان ڍڪي ڇڏيندي هئي، جيئن ڪنهن چنڊال جي ان تي نظر نہ پئجي سگهي. ڪاٺ لاءِ ڪافي اتو ۽ چانور ملندا هئس ۽ ڏينهن ان مان ئي ٽپائيندي هئي. پهريائين چوڪر کي ڪارائيندي هئي ۽ پوءِ پاڻ بہ چار گرهہ کائي اٿندي هئي. رات جو ٻالڪ کي ڇاتيءَ سان لائي اتي ئي سمهي پوندي هئي ۽ صبح ٿيندي ئي مندر جو دڳ وٺندي هئي.

(2)

ڪاشيءَ ۾ سيٺ بنارسي داس نهايت مشهور هو. ٻار بہ سندس ڪوٺي سڃاڻندو هو. ڏاڍو ايشور ڀڳت ۽ ڌرماتما هو. ڏينهن جي ٻارهين بجي تائين اشنان ڌيان ۾ مگهن رهندو هو. سندس ڪوٺيءَ تي سارو ڏينهن ڀيهہ لڳي پئي هوندي هئي. اوڌر وٺندڙن کان سواءِ ڪيترا اهڙا انسان ايندا هئا جي پنهنجي ميڙيل پونجي سيٺ صاحب وٽ ڌراوت رکي ويندا هئا. فقير بہ پنهنجو پاسيرو پوريل پئسو هن وٽ رکي ويندا هئا. انڌيءَ کي بہ ان جي خبر هئي، پر پنهنجي پونجي سيٺ وٽ رکڻ کان خبر ناهي ڇو پيئي نٽائيندي هئي.

هينئر هن وٽ ڪافي پئسا ميڙيل هئا. پنڌارو ذري گهٽ ڀرين سان پرجي ويو هوس. هن کي ڊپ ورتو تہ ڪٿي ڪو چورائي ڪٽي نہ وڃي. هن هڪڙي ڏينهن سانجهن جو پنڌارو پٽيو ۽ سمورا پئسا پنهنجي چادر جي ڪنڊ ۾ ٻڌي سيٺ جي ڪوٺيءَ تي ويئي.

سيٺ پڇيو: ”ٻڍيا! ڇا آهي؟“

انڌيءَ پئسا اڳتي وڌائيندي ڏڪندي ڏڪندي چيو، ”سيٺ صاحب! مهرباني ڪري هي پئسا پاڻ وٽ رکو. مان انڌي آهيان. پئسا ڪٿي ڪٽي پيئي گهمان!“

سيٺ منيم کي اشارو ڪندي چيو ”هي پئسا جمع ڪر.“ پوءِ ٻڍيءَ کان پڇيائين، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

انڌيءَ نالو ٻڌايو. منشي پئسا ڪڍي هن جي نالي جمع ڪيا ۽ انڌي سيٺ کي دعائون ڪندي جهوپڙيءَ ڏانهن هلي وئي.

(3)

ٻه سال نهايت سک ۽ آرام سان گذري ويا.

هڪڙي ڏينهن اوچتو انڌيءَ جو پٽ بيمار ٿي پيو. ڪيتريون ئي جهاڙو ڦوڪون ڪيائين پر ڪجهه وريو ڪين. ڇوڪري جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي.

انڌيءَ جي دل ٽٽي پيئي ۽ همت جواب ڏيئي ويئي ۽ هوءَ نراس ٿي ويئي. پر وري خيال آيس. شايد ڊاڪٽر جي علاج مان فائدو ٿي پوي. انهيءَ خيال ايندي ئي ڌڪا ٿابا کائيندي سيٺ جي ڪوٺيءَ تي اچي پهتي. سيٺ صاحب ويٺو هو.

انڌيءَ چيو "سيٺ جي! منهنجن روپين مان ڏهه رپيا ڏيو ته ڏاڍي مهرباني. منهنجو پٽ بيمار آهي. ڊاڪٽر کي ڏيکاريندي سانس."

سيٺ ڪاوڙ مان پڇيو. "ڇاجا پئسا؟ مون وٽ تو پئسا ڪٽي رکيا آهن؟"

انڌيءَ روئندي جواب ڏنو "ٻه سال ٿيا ته مان توهان جي ڪوٺيءَ تي پنهنجا پئسا جمع ڪرائي ويئي هيس. مهرباني ڪري رڳو ڏهه رپيا ڏيو."

سيٺ منشي کي ڳجهو اشارو ڏيندي چيو. "منشي! ڏس ته سهين ته هن انڌيءَ جي نالي ڪا رقم جمع ٿيل آهي؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

انڌيءَ جي پيٽ ۾ ساهه پيو. پهريون سوال ٻڌي هن سوچيو ته هي سيٺ بي ايمان آهي پر هينئر سوچڻ لڳي، شايد وسري ويا هجنس. ههڙو ڌرمي انسان ٻه ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو! هن پنهنجو نالو ٻڌايو. منشي سيٺ جو مطلب سمجهي ويو. وهيءَ جا ورق هيٺ مٿي ورائي چيائين، "نه هن جي نالي سان ته ڪا به رقم جمع ٿيل ڪانهي."

انڌيءَ جو ساهه ئي سڪي ويو. روئندي چيائين، "پرماتما جي نالي، ڌرم جي نالي ڪجهه ڏيو. منهنجو پٽ بچي پوندو. مان ساري عمر توهان جا گڻ ڳائيندي رهنديس."

سيٺ ڪاوڙجي زور سان چيو "وڃين ٿي ڪين نوڪر کي گهرايان." 
انڌي لٺ سڌي ڪري اٿي کڙي ٿي ۽ سيٺ ڏانهن نهاري چيائين، "چڱو پرماتما توهان کي جهجهو ڏئي!" ۽ پاڻ جهوپڙي ڏانهن رواني ٿي. اها دعا نه هئي پر هڪ مصيبت ماريءَ جي پٽ هئي.

ڇوڪري جي حالت خراب ٿيندي ويئي. دوا دارون ڪجهه به ٿي نه سگهيو. پوءِ فائدو ڪٿان ٿئي ۽ هڪ ڏينهن حالت تمام بدتر ٿي ويس. انڌي به نااميدٿي ويئي.

اوچتو هن جي دل ۾ هڪ خيال آيو. هن ٻالڪ گود ۾ کنيو. جيئن تيئن ڪري سيٺ جي گهر تائين پهتي ۽ اچي هن جي در تي سئن هٽي ويهي رهي.

هڪ نوڪر ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪتو ته انڌيءَ کي ويٺل ڏسي يڪدم وڃي سيٺ کي ٻڌايائين. سيٺ حڪم ڏنو ته هن کي هڪدم ڀڄائي ڪڍو.

نوڪر اچي انڌيءَ کي دٻايو. پر هوءَ اتان اهڙي چري جهڙي پٽ. نوڪر جي ڌمڪين به ڪو اثر نه ڪيو. هن سارو حال وڃي سيٺ کي سڻايو.

سيٺ صاحب پاڻ ٻاهر نڪري آيو. انڌيءَ جي گود ۾ ٻار کي ڏسي نهايت حيران ٿي ويو. هن ٻالڪ جو مهانڊو ۽ شڪل شبيهه سندس پٽ موهن سان ملي ٿي آئي. ست سال ٿيا جو موهن ڪنهن ميلي ۾ گم ٿي ويو هو. ڏاڍي ڳولا ڦولا هلي، پر ڪجهه ڪين وريو. موهن جو ڪو به ڏس پتو ڪونه پيو. هن کي ياد هو ته موهن جي سٿر تي هڪ ڪارو داغ هو. انهيءَ خيال ايندئي هن انڌيءَ جي گود ۾ ليٽيل ٻالڪ جي سٿر ڏي نهاريو. ڏٺائين ته ٻار کي برابر سٿر تي هڪ ڪارو داغ آهي، پر جان تان اڳي ڪان ڪجهه وڌو. هن کي پڪ ٿي ته ٻار سندس موهن آهي. يڪدم ٻار کي انڌيءَ جي گود مان کڻي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتائين. ٻار جو بت جڻ باهه ۾ جلي رهيو هو. نوڪر کي هڪدم ڊاڪٽرن کي آڻڻ جو حڪم ڪري ۽ پاڻ تڪڙو تڪڙو گهر اندر هليو ويو.

انڌي اٿي کڙي ٿي ۽ روئڻ رڙڻ لڳي، "منهنجي لال کي نه کڻي وڃو. پئسا ته هضم ڪري ويو. هينئر منهنجو منڙو لال به کڻي ويندو؟"

سيٺ ٻاهر اچي هن کي چيو "اهو ٻار منهنجو پٽ آهي. ست سال اڳ ۾ وڃائجي ويو هو. هينئر ڀڳوان مون کي موٽي ملايو آهي. هينئر ڪيس سيني سان سانڍيندس. پنهنجي سموري ملڪيت خرچي ٻه هن کي بچائيندس."

انڌي جوش مان ڪلڻ لڳي، "تنهنجو پٽ آهي تنهن ڪري تون ڪيس بچائيندين. منهنجو پٽ هجي ها تہ هن جي ڪفن لاءِ بہ پئسا بہ نہ ڏين ها. ائين نہ؟ اهو آهي دنيا جو انصاف. ورهين کان پنهنجو خون پاڻي ڪري هن کي تاتيو نپايو اٿم. هن کي ائين ڪيئن ڇڏيندس."

سيٺ جي دل جي حالت ڪجھ بي هئي، ڪجھ بہ سمجھ ۾ نٿي آيس. ڪجھ وقت اتي ئي خاموش بيٺو رهيو پوءِ گهر ۾ گهڙي ويو.

انڌي بہ ڪيتري مهل تائين روئندي رهي ۽ پوءِ آهستي آهستي جهوپڙيءَ ڏانهن موٽي ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو پرڀوءَ جي ديا ٿي يا دوا اثر ڪيو پر موهن جو تپ لهي ويو. هوش ۾ اچڻ سان هن اکيون کوليون ۽ "اما، اما" ڪري پڪارڻ لڳو.

چوڌاري نيون نيون شڪليون ڏسي هن وري اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ ان کان پوءِ وري تپ ويو تيز ٿيندو. "اما، اما" جي رڙ جاري هئي. ڊاڪٽر جواب ڏيئي ويا. سيٺ جي اکين اڳيان اوندھ وري ويئي.

"ڇا ڪريان، هڪڙو ئي پٽ آهي. ورهين کان پوءِ مس مس موٽي مليو آهي ۽ هينئر نصيب ڪيس تڙپائي مون کان هميشہ لاءِ جدا ڪري رهيو آهي. ڪيس ڪيئن بچايان؟"

اوچتو هن کي انڌيءَ جو خيال آيو. پر هوءَ ڪٿي هئي؟ سيٺ گاڏي تيار ڪرائي ۽ شهر جي ٻاهران هن جي جهوپڙيءَ وٽ اچي پهتو. ٽڪڙو ٽڪڙو جهوپڙيءَ ۾ اندر گهڙي ويو ڏٺائين تہ انڌي هڪ ڦاٽل پراڻي گدڙيءَ تي ويٺي آهي ۽ هن جي اکين مان ڳوڙهن جي ڌارا اچا تائين جاري آهي. سيٺ ڏڪندي ۽ آهستي هن جي ٻانهن کي ڌوڏيو. بدن ڄڻ تاندا ٿي ٻريس.

سيٺ چيو "پڊيا تنهنجو پٽ مري رهيو آهي. ڊاڪٽر جواب ڏيئي ويا آهي. رکي رکي توکي سڏي رهيو آهي. هينئر تون ئي هن کي جياري سگهين ٿي. هل ۽ منهنجي.... نہ. پنهنجي پٽ کي هلي بچاءِ."

انڊيءَ چيو ”مري تو تہ مرڻ ڏينس. مان بہ مري رهي آهيان. اسين ٻئي ماءُ پٽ وري سرڳ ۾ ملنداسين. هن دنيا ۾ سک ڪونهي. اتي منهنجو پٽ سکي رهندو. اتي مان هن جي چڱي طرح سار سنڀال لهنديس.

سيٺ روئڻ لڳو. هيلتائين هن ڪنهن جي بہ اڳيان سر ڪين جهڪايو هو پر هينئر انڊيءَ جي قدمن ۾ ڪري پيو ۽ روئندي چيائين، ”ممتا جي لڄ رک. نيٺ تون بہ تہ هن جي ماءُ آهين. هل، تنهنجي هلڻ سان بچي پوندو.“

”ممتا“ انهي لفظ انڊيءَ کي بي چين ڪري ڇڏيو ۽ يڪدم چيائين،”هلو هلو.“

سيٺ کيس هٿ کان جهلي ٻاهر وٺي آيو ۽ گاڏي ۾ چاڙهي سڌو گهر جو رخ رکيائين. ان وقت سيٺ ۽ انڊي ٻنهي جي دلين جي ساڳي حالت هئي. ٻنهي جي تمنا هئي تہ هڪدم اڏامي هلي ڪڪي کي ڇاتيءَ سان لائجي.

گهر اچي ويو. سيٺ آهستي آهستي انڊيءَ کي گاڏيءَ مان لاهي اندر وٺي ويو ۽ وچي موهن جي پلنگ پرسان ٻيهاريائينس. انڊي هيٺ نوڙي موهن جي مٿي تي هٿ رکيو. موهن يڪدم ڇانڀي ويو تہ اهو سندس ماءُ جو هٿ آهي. يڪدم اکيون کولي زور سان چيائين، ”امان! تون اچي وئينءَ؟“

انڊيءَ پيار مان جواب ڏنو ”ها پٽ! توکي هتي ڇڏي مان ڪيڏانهن وينديس.“ ۽ پوءِ موهن جي مٿي کان ويهي موهن جو مٿو پنهنجي گود ۾ رکيائين. موهن بي انتها آرام محسوس ڪرڻ لڳو ۽ اتي ئي ننڊ ڪٽي ويس.

ٻئي ڏينهن کان موهن جي حالت سڌرندي وئي. ڏهن پنڌرهن ڏينهن ۾ اٿي ڪڙو ٿيو.

جو ڪم حڪيم ۽ ڊاڪٽر بہ نہ ڪري سگهيا اهو ڪم انڊيءَ جي پريم بلڪل آسانيءَ سان ڪري ڏيکاريو.

موهن جي بلڪل تندرست ٿي وڃڻ بعد انڊيءَ موڪل گهري. سيٺ ڪيترين ئي منٿون ميڙيون ڪيس تہ هوءَ اتي ئي رهي پوي پر انڊيءَ کي هڪ بہ نہ آئڙي، لاچار موڪل ڏيڻي پيس.

هوءَ هلڻ لڳي تہ سيٺ هڪ ڳوٺري اچي سندس هٿن ۾ ڏني. انڊيءَ پڇيو "هن ۾ ڇا آهي؟"

سيٺ وراڻيو "هن ۾ تنهنجا رپيا آهن. منهنجو ڏوهہ..."

انڊيءَ ٽڪڙ ۾ چيو "هي رپيا مون تنهنجي موهن لاءِ گڏ ڪيا هئا، اهي انهيءَ کي ڏجانءِ."

انڊيءَ ڳوٺري اتي ئي رکي ۽ لٺ جي سهاري ٻاهر نڪري ويئي. ٻاهر اچي هن هڪ دفعو وري بہ ان گهر ڏانهن نهاريو. ان وقت بہ هن جي اکين مان ڏهہ ڏهہ ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا.

# دان بدلي دان

وڏي ڪنوار جيڪي ويڻ سٺائي ويئي هئي، انهن جي ڏار بہ خوب تيز هئي ۽ زهريلي بہ. جنهن ايا ڳڻ لاءِ اهي ڪڍيا ويا هئا، انهيءَ جي دل بلڪل سڙي پڄري تڙپڻ لڳي.

اهي ويڻ خاص ڪري سندس پتيءَ کي نشان بنائي سٺايا ويا هئا ۽ پتي راڏا مڪند اوڏي مهل رات جي ماني کائي پرسان ئي ويٺو پان سان گڏ حقي جي ٻاڦ ملائي ماني هضم ڪرڻ جي ڪار ۾ رڌل هو. وڏي ڪنوار جي انهن تکن ويڻن هن جي ڪنن ۾ گهڙي سندس هاضمي جي ڪم ۾ ڪا خاص رنڊڪ وڌي هجي، ائين نہ تي ڏنو. اڏول گنڀير تا سان حقو ڇڪي روزاني نيم موجب وقت تي سمهڻ هليو ويو.

پر اهڙي غير رواجي هاضمي جي طاقت جي آشا سيني ۾ رکي تي سگهجي. راس مٽيءَ اڄ آرام گهر ۾ اچي پتيءَ سان اهڙو وهنوار ڪيو جنهن جي هن ڪان اڳ هن ڪڏهن همت نہ ساري هئي. هونءَ تہ هوءَ ماٺ ميٺ ۾ پلنگ تي وڃي چپ چاپ پتيءَ جي پيرن کي زور ڏيڻ ۾ لڳي ويندي هئي، پر اڄ هڪدم زور سان چوڙيون جهنڪاريندي پتيءَ کي پٺي ڏيئي وهاٽي جو ٻيو پاسو وٺي وڃي ستي ۽ ڪاوڙ جي داٻ ڪان پلنگ کي بہ دوڏڻ لڳي.

راڏا مڪند ان تي ڪو ڌيان نہ ڏنو ۽ پاسي ۾ پيل ڏگهي وهاٽي کي ياڪر ۾ پري سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر سندس انهيءَ بي رخيءَ سبب استريءَ جي اٿل پٿل هيڪاري وڌندي ڏسي آخرڪار هن، مٺي گنڀير آواز ۾ چيو "مون کي هڪڙي خاص ڪم سبب صبح جو سوير ئي اٿڻو آهي. تنهن ڪري سويلئي سمهڻ ضروري آهي."

پتيءَ جي ڳالهائڻ جي آواز تي راس مٽيءَ جو روئڻ اندر رهي نہ سگهيو ڪن پل ۾ ڦٽي ٻاهر نڪتو.

راڏا مڪند پڇيو "ڇو ڇا ٿيو آهي؟"

راس منيءَ ڪاوڙ ڀريل آواز ۾ چلڪندي چيو "توهان تورو ئي ٻڌو آهي؟"

"ٻڌو تہ اٿم. پر وڏيءَ ڪنوار هڪ ڳالهہ بہ ڪوڙي ڪانہ چئي آهي. مان ڇا ڀانوءَ جي اَن تي ڪونہ پلجي رهيو آهيان؟ تنهنجا اهي ڪپڙا لٽا، زيور اهي سڀ ڇا مون پنهنجي پيءُ جي پيسي مان ٺهرايا آهن؟ جيڪو ڪاٺ ڀرڻ لاءِ ڏئي ٿو سو جيڪڏهن ڪو هڪ بہ ڪوڙو سخن بہ سڻائي، تہ ان کي بہ ڪاڏي ڪپڙي ۾ شامل سمجهڻ گهرجي."

"اهڙي ڪاڏي ڀرئي جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟"

"جنڻو تہ آهي ئي."

"مان تہ جيڪر مري وڃان تہ چڱو."

"تہ چڱو جيستائين نٿي مرين تيستائين سمهڻ جي ڪوشش ڪر. اميد تہ فرحت ايندءِ." چئي، راڌا مڪند نصيحت ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

راڌا مڪند ۾ ششي ڀوشڻ سڳا ڀائر ڪونہ هئا، ڪو ويجهو ناتو بہ ڪونہ هون، بلڪ ڳوٺائي ناتو چيو وڃي تہ ڪو هرج ئي ڪونهي. پر سندن پريم سڳن ڀائرن کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ هو. وڏي ڪنوار برج سندريءَ کي اهو ذرا نہ سهڻ جهڙو لڳندو هو. خاص ڪري ششي ڀوشڻ ڪنهن شيءِ ٻيءَ جي ڏيڻ ڪرڻ جي باري ۾ ننڍي ڪنوار کان پنهنجي استريءَ ڏانهن وڌيڪ پاسخاطري ڪونہ ڏيکاريندو هو. بلڪ جنهن شيءِ جو جوڙو نہ ملندو هوس، تنهن کان پاڻ پنهنجي استريءَ کي ٺاري اها شيءِ ننڍي ڪنوار کي ڏيئي ڇڏيندو هو. تنهن کان سواءِ اڪثر انهيءَ ڳالهہ جي بہ ثابتي ملندي رهندي هئي تہ اڪثر هو زال جي زور جي بدلي راڌامڪند جي صلاح تي ئي وڌيڪ ٿو هلي. ششي ڀوشڻ بلڪل ٺڏي سڀاءُ جو ماڻهو هو. تنهن ڪري گهر جو سمورو ڪم ۽ زميداريءَ جو سارو بار راڌا مڪند جي مٿان ئي هوندو هو. وڏي ڪنوار کي سدائين اهو انديشو رهندو هو تہ راڌا مڪند اندران ئي اندران دغا ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جيترو ئي انهيءَ ڳالهہ جي صلاح ڪري پنڊت کي دوکو ڏيئي پانشالا مان ڀڄي ڪڙمين جي ٻارن سان وڃي طرح طرح جون رانديون رهندا هئا. هڪ هنڌ تي سمهندا ۽

اوندھہ ۾ ماسيءَ جي واتان آڪاٽي ٻڌندا هئا. ۽ مائٽن کان لڪي ڇپي رات جو پير واري ڳوٺ ۾ رام ليلا ڏسڻ ويندا هئا ۽ صبح جو پڪڙجي پوڻ تي ٻئي گڏجي سزا کائيندا هئا. تڏهين برج سندري ڪٿي هئي ۽ راس مٺي ڪٿي؟ جيون جي هيترن ڏينهن کي ڇا هڪڙي ڏينهن ۾ ئي الڳ ڪري سگهجي ٿو؟ پر اهڙي شڪ جو رڳو انديشو تہ اهو ٻنڌن خود غرضي وارو آهي ۽ اها پريت رڳو ان جي لاءِ چالاڪيءَ جو ڍونگ آهي، هن کي زهر جهڙو لڳندو هو. اهڙين حالتن جي ڪجهہ ڏينهن وڏيڪ هلڻ سان ڇا ٿئي ها اهو چئي نٿو سگهجي، پر انهيءَ وچ ۾ هڪ وڏي گهٽنا ٿي ويئي.

جنهن وقت جي هيءَ ڳالهہ آهي تن ڏينهن ۾ اهو قانون هوندو هو تہ مقرر ڪيل تاريخ تي سج لهڻ کان اڳ جيڪڏهن سرڪاري ڍل نہ پياربي هئي تہ زميندار جي زمين نيلام تي ويندي هئي.

هڪڙي ڏينهن اهڙي ئي خبر آئي، تہ ششي ڀوشڻ جي سموري زمين، جائداد ۽ جاگير ڍل نہ ڏيڻ سبب نيلام تي ويئي.

راڌا مڪند پنهنجي سياڻپ مني سانتيڪي نوع ۾ چيو ”ڀائو ان ۾ منهنجوئي ڏوهہ آهي!“

ششي ڀوشڻ چيو ”تنهنجو وري ڪهڙو ڏوهہ! تو تہ ربيا موڪلي ڏنا هئا، رستي ۾ ڌاڙيل ڦري ويندا، تہ تون ان لاءِ ڇا ٿي ڪري سگهئين؟“

ڏوهہ ڪٿي ڪنهن جو بہ هجي، هاڻي انهيءَ ڳالهہ جي فيصلي مان ڪهڙو فائدو؟ هاڻي تہ گهر هلائڻو هو. ششي ڀوشڻ جو سياءُ ۽ سکيا اهڙي نہ هئي جو يڪدم ڪو نئون ڌنڌو شروع ڪري سگهي. هو تہ جڻ ڪنهن دريا جي بند تان ترڪي گهڙي ۾ تار پاڻيءَ ۾ وڃي پيو.

پهرين تہ هو زال جي زيورن گروي رکڻ لاءِ تيار ٿيو پر راڌا مڪند ربين جي هڪڙي ٿيلهي سندس اڳيان اڇلي ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيو هو. هو اڳ ۾ ئي زال جا زيور گروي رکي پئسا هٿ ڪري آيو هو.

ان بعد گهر ۾ شاهي ڦيرو ڏسڻ ۾ آيو. اڳي سڪئي وقت ۾ گهر ڌياڻي جن کي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ هزارين ڪوششون ڪندي هئي سا هاڻي اوکيءَ ويل هنن کي پريشانيءَ سان روڪي ويني. هاڻي هن کي

سمجهندي دير نہ لڳي تہ اوڪيءَ ويل ٻنهي ڀائرن مان وڏيڪ ڪنهن تي ڀاڙي سگهجي ٿو. ڀرين جو سندس راڏا مڪند سان جهيڙو تڪرار لڳو ايندو هو تنهن جو هاڻي نالو نشان بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو.

راڏا مڪند اڳ ۾ ئي هنن کان الڳ ٿي آزاد گذر ڪرڻ لاءِ تيار هو. تنهن ڪري هن هڪدم ڀر واري ڳوٺ ۾ ڪمداري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي. تن ڏينهن ۾ ڪمداري جي ڪم ۾ پيدائش جا رستا اڄ ڪلهہ جي رستن کان بلڪل گهٽا هوندا هئا. تيز فهم ۽ خبردار راڏامڪند شروع ۾ ئي پنهنجي ڏاڪ ڄمائي ڇڏي ۽ آهستي آهستي ڪري سڄي ضلعي جي وڏن وڏن زميندارن جو ڪم هٿ ڪرڻ شروع ڪيو.

راس مڻيءَ جو رخ اڳئين کان هڪدم بدلجي ويو. هاڻي سندس ڪمائيءَ مان ئي برج سندري ۽ ششي پوشڻ پليا ٿي. انهيءَ تي هن ڪڏهن ڪلي طرح غصو ڏيکاريو اهو چئي نٿو سگهجي. البت ڪنهن ڏينهن شايد سندس هلت مان اهڙو اشارو مليو پر اهو رڳو انهيءَ ڏينهن لاءِ ٿيو. انهيءَ جي ٻئي ڏينهن هوءَ جڻ اڳئين کان بہ وڏيڪ نرم ٿي ويئي. ان جو سبب اهو هو جو اها ڳالهہ سندس پتيءَ جي ڪنن تائين وڃي پهتي هئي. راڏا مڪند انهيءَ رات زال کي ڪيئن سمجهايو ٻڌائڻ مشڪل آهي. پر ٻئي ڏينهن ئي راس مڻيءَ جي وات تي جڻ مهر لڳي ويئي. هوءَ جڻ وڏيءَ ڪنوار جي داسي ٿي رهڻ لڳي. ايترو سو ٻڌڻ ۾ آيو تہ راڏا مڪند انهيءَ ڏينهن ڪيس پيڪي موڪلڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو ۽ هڪ هفتي تائين سندس منهن نہ ڏسڻ جو وچن ڪيو هئائين. آخرڪار برج سندريءَ ڏير کي سمجهائي زال مڙس کي پرچائي ڇڏيو. ڏير کي چيائين, ”ننڍي ڪنوار تہ ڪالهہ آئي, اسان جو ناتو تہ ورهين جو آهي. اسان هميشہ مٺ محبت سان پئي گذاريو آهي. هن ويچاريءَ کي انهيءَ جي ڪهڙي خبر؟ اڄا تہ ويچاري ننڍي آهي ڪيس معاف ڪري ڇڏ.“

راڏا مڪند گهر جي خرچ پکي لاءِ پئسو ڏوڪڙ برج سندريءَ جي هٿ ۾ ئي ڏيندو هو. راس مڻي پنهنجي خرچ لاءِ پيسو ڏوڪڙ دستور موجب برج سندريءَ کان گهري وٺندي هئي. وڏي ڪنوار جي حالت اڳئين کان بهتر هئي, خراب نہ ٿي هئي. اڳ ۾ ششي پوشڻ پيار وچان يا

ڪنهن ويچار کان راس مٽيءَ جو ئي وڏيڪ خيال رکندو ۽ پاسخاطري ڪندو هو.

ششي پوشڻ جي منهن ۾ جيتوڻيڪ خوشي وارن تهڪن جي ڪمي نه ڏسبي هئي، پر تڏهن به ڪا ڳجهي چنتا کيس ڏينهون ڏينهن ڪمزور ڪندي ٿي ويئي. ان ڳالهه ڪنهن جو ڌيان ئي ڪونه ڇڪيو هو ياءُ جي اها حالت ڏسي صرف راڌا مڪند جي ئي نيڻن ۾ ننڊ نه هئي. اڪثر آڌيءَ رات جو جڏهن راس مٽيءَ جي اک کلندي هئي، تڏهن هوءَ ڏسندي هئي ته سندس پتي ڊگها ڊگها ساهه کڻي ڪنهن گهري چنتا مان پاسا اٿلائي رهيو آهي.

راڌا مڪند اڪثر ششي پوشڻ کي وچي تسلي ڏيندو هو "ياڻو تون ڪو فڪر نه ڪر، مان تنهنجي اباڻي ملڪيت ڪيئن به ڪري توکي وري واپس وٺي ڏيندس. جيئن به ٿيو تيئن ضرور وٺي ڏيندس، وڌيڪ گهڻا ڏينهن دير به نه لڳندي."

حقيقت ۾ گهڻا ڏينهن دير پيئي به ڪانه. ششي پوشڻ جي زمين ۽ ٻي ملڪيت جنهن ماڻهوءَ نيلام ۾ خريدي هئي، سو واپاري ماڻهو هو. زمينداريءَ جي ڪم مان بلڪل اڻ واقف. عزت جي خيال ڪري زمين خريد ڪئي هئائين، پر التو ڊل گهران پرڻي ٿي پيس. هڪ پائيءَ جو به نفعو ڪونه هوس. راڌا مڪند سال ۾ به پيرا پنهنجي لٺ باز نوجوان کي ساڻ وٺي وڃي فصل ڦري لٽي پنهنجو زمينداريءَ جو حصو وصول ڪري ايندو هو. هاري به سندس چٺي ۾ هئا. هارين کي واپاري مالڪ هجڻ ڪري نئين زميندار کان اندروني نفرت هئي ۽ انهيءَ سبب راڌا مڪند جي صلاح ۽ سهائتا حاصل ڪري هو هن جي خلاف هلڻ لڳا.

ڪيترن ڏينهن تائين ڪورٽن ۾ ڪيس هلندا رهيا پر ڪو نتيجو نه نڪتو. آخر نئون مالڪ بيزار ٿي انهيءَ جهنجهٽ کان جند ڇڏائڻ لاءِ راضي ٿيو. راڌا مڪند بلڪل ٿورن پيسن ۾ ئي پنهنجي ملڪيت وري واپس ورتي.

انهيءَ ڪم ۾ لکڻ ۾ جيترو ٿورو وقت ٿو معلوم ٿئي، اصل ۾ اوترو ٿورو وقت نه لڳو. انهيءَ وچ ۾ ڏهه ورهيه گذري ويا. ڏهه ورهيه اڳ ششي پوشڻ جوانيءَ جي ٻئي طرف ٻڍاپي جي شروعات ۾ هو. انهن

انن ڏهن ورهين ۾ هو جڏهن اندر روڪيل دلي بي آراميءَ جي جهاز ۾ چڙهي ڏاڍي تيزيءَ سان بلڪل ٻڌايي جي وچ ۾ اچي رسيو هو. جڏهن اباڻي ملڪيت موٽي مليس، تڏهن خبر نہ آهي تہ ڇو هن کي خوشي ڪانہ ٿي. گهڻن ڏينهن کان ڪم ۾ نہ اچڻ سبب سندس دل جي دنبوري جون تارون شايد ڍريون ٿي ويون هيون. هاڻي هزار وار ڇڪي ٻڌڻ سان بہ اهي تارون ڍريون پئجيو ٿي ويس. هنن مان اڳئين جهڙو سر نڪتو ئي نٿي.

ڳوٺ جي ماڻهن زميندار کي پنهنجي ملڪيت موٽي ملڻ تي ڏاڍي خوشي ظاهر ڪئي. سيني انهيءَ ڳالهہ تي زور پريو تہ ششي پوشڻ انهيءَ خوشيءَ ۾ هڪ مجلس ڪري. ششي پوشڻ راڏا مڪند کان پڇيو "ڪيئن، تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟"

راڏا مڪند چيو: "ضرور، ضرور! اهڙي شيءِ موقعي تي ضرور خوشي مناڻڻ گهرجي."

ڳوٺ ۾ ڪيترن ڏينهن کان ڪا مجلس ڪانہ ٿي هئي. ڳوٺ جا ننڍا وڏا سڀ ماڻهو مجلس ۾ شريڪ ٿيا ۽ خوشيءَ سان کائي پي گهر موٽيا. برهمڻ دان وٺي ۽ غريب غربا پئسا ۽ ڪپڙا وٺي آسيسائون ڏيندا موڪلائي ويا.

سياري جي شروعات ۾ ڳوٺ جي آب هوا اهڙي سني نہ هئي، تنهن مٿان پيئي لاڳيتو ڇئن ڏينهن تائين مجلس جي مصيبت واري محنت، ڪاڏو پيتو بہ وقت تي نہ مليو ششي پوشڻ سٺ سهي نہ سگهيو. پنجين ڏينهن هڪدم پلنگ وهيڻو وڃي ٿيو. بين تڪليفن سان گڏ ڏڪڻيءَ سان سيءُ تپ ٿي پيس. ويج ڪنڌ لوڏيندي چيو. "ڏاڍي بڇڙي بيماريءَ ۾ ڦاٿو آهي."

رات جو ٽئين پهر راڏا مڪند بيمار جي ڪمري مان سيني کي ٻاهر ڪڍي ششي پوشڻ کي چيو "پائو توهان کان پوءِ ملڪيت ڪيئن وراهجي اها وصيعت ڪري وڃو."

ششي پوشڻ چيو "پائو هاڻي منهنجو آهي ئي ڇا جو وراهڻ جي وصيعت ڪري وڃان؟"

راڏا مڪند چيو "سڀڪجهہ توهان جو ئي آهي!"

ششي پوشڻ جواب ڏنو "ڪنهن وقت منهنجو هو پر هاڻي منهنجو نہ آهي."

راڏا مڪند ڪجهہ وقت چپ چاپ ويٺو رهيو. ويٺي ويٺي هٿن سان پلنگ جي هڪ پاسي جي چادر ناهي نيڪ ڪيائين. ششي پوشڻ جو دم گهٽجڻ لڳو.

راڏا مڪند اٿي پلنگ جي پيرانديءَ کان ٿي ويٺو ۽ بيمار ياءُ جي پيرن تي ڪري چيائين. "يائو مون هڪڙو مها ياري پاپ جو ڪم ڪيو آهي، سو مان هاڻي توهان سان سليان ٿو وري شايد وقت نہ ملي. توهين ديا پالي مون کي معافي ڏيو."

ششي پوشڻ ڪو بہ جواب نہ ڏنو. راڏا مڪند چوندو هليو انهيءَ سپاويڪ شانتيءَ سان، ڏيري ڏيري چئي رهيو هو رڳو رکي رکي وچ ۾ ٿڏو ساهہ کڻندو ٿي ويو:

"يائو مون ۾ پوريءَ طرح ڳالهہ ڪرڻ جي شڪتي بہ نہ رهي آهي. منهنجي من جي حقيقت کي هڪ تہ اهو غيب جو علم رکندڙ ٿو ڄاڻي ۽ ٻيو ڌرتي تي جيڪڏهن ڪو ڄاڻي ٿو سگهي تہ شايد رڳو توهين ئي. ننڍي هوندي کان توهان ۾ مون ۾ ڪو اندروني ڀيد ياءُ يا ويڇو ڪونہ هو هو تہ رڳو ٻاهريون. رڳو هڪڙو ويڇو هو. توهين شاهوڪار هئا ۽ مان غريب. مون بہ جڏهن ڏٺو تہ انهيءَ ٿوري ويڇي سبب توهان ۾ مون ۾ وڏي ويڇي جو انديشو آهستي آهستي وڌندو ٿو وڃي، تڏهن مون انهيءَ ڀيد کي ٽوڙي دور ڪري ڇڏيو. مون ئي ڏل جا پئسا ڦرائي توهان جي ملڪيت نيلام ڪرائي هئي."

ششي پوشڻ ذري جيترو بہ اچرج ظاهر نہ ڪيو. ذرا مشڪي نرم مٺي آواز ۾ گهٽيل گلي سان چيائين. "يائو چڱو ئي ڪيو هوءِ! پر جنهن مطلب سان تو اهو ڪم ڪيو هو اهو ڇا پورو ٿيئي؟ مون کي تون پاڻ وٽ رهائي سگهئين؟!"

هن جي سانتيڪي مٺي مسڪراهٽ تي راڏا مڪند جي ٻنهي اکين مان ڳوڙهن جون بوندون ڍرڪي پيون.

راڏا مڪند مٿو هن جي پيرن تي رکي چيو "يائو مون کي معاف ڪيو؟"

ششي پوشڻ ڪيس پرسان ڪوني هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ونئي چيو "تڏهن ٻڌ. تنهنجي ڪارنامي جي مون کي اڳ ۾ ئي سڌ هئي. تو جنهن سان منصوبو سٽيو هو. انهيءَ ئي مون کي اچي سموري خبر ڏني هئي. مون تڏهن کان ئي توکي معاف ڪري ڇڏيو هو."

راڌا مڪند ٻنهي هٿن سان پنهنجي لڄي منهن کي ڍڪي روئڻ لڳو. ٿورو رکي چيائين، "پائو جڏهن معاف ئي ڪري چڪا آهيو تڏهن توهين پنهنجي ملڪيت موٽائي وٺو. ڪاوڙجي ٿي واپس نه ڪريو."

ششي پوشڻ جواب ڏيئي نه سگهيو- تيستائين سندس زبان بند ٿي چڪي هئي. هن يڪ ٽڪ راڌا مڪند جي منهن ڏانهن نهاريندي پنهنجو ساڄو هٿ مٿي ڪنيو. ان جو مطلب ڇا هو سو ڇئي نٿو سگهجي. شايد راڌا مڪند سمجهي ويو هوندو.

# گپت ڏن

(1)

اُماس جي رات. اوندهہ انڌوڪار. مرتنج پنهنجي گهر جي مندر ۾ ڪاليءَ جي پوڄا ويٺي ڪئي. پرهہ ڦٽي، پوڄا پوري ٿي. باغ مان پکين جا مٺا آلاپ اچڻ لڳا. مرتنج پنيان نهاريو. مندر جو در جيئن جو تيئن بند هو. ديويءَ جي اڳيان مٿو نمائي، آسن سيري، هيٺان ساڳ جي ننڍي صندوق ڪڍيائين. جهٽئي ۾ ٻڌل ڪنجيءَ سان پيٽي کوليائين. کوليندئي ڏڪي ويو. ٻئي هٿ ڪٽي ڪپار تي هنيائين.

باغ جي چوڏاري وڏي پڪ سِري پت هئي. هڪ پاسي وڏا شاهي وڻ. انهن جي هيٺان هي ننڍو مندر هو. مندر ۾ رکي ڪالي ماتا جي مورت. بيو مڙيو ئي خير. دروازو بہ هڪ ئي هو. مرتنج پيٽيءَ کي وري جاچيو. مٿي کٽي بہ ٽي دفعا ڏوٽي ڏنائين. پڪ هئس تہ کولڻ کان اڳ چڳيءَ طرح بند هئي، ڪتان پڳي ٽتي بہ ڪانهي. مندر ۾ اجا ڪجهہ انڌارو هو. گوڏن پر ويهي، چوطرف زمين تي هٿوراڙيون ڏيڻ لڳو وريو ڪجهہ ڪين. پوءِ مندر جو در کولي، ديوانن جيان باغ ۾ ڦرڻ لڳو.

ڏينهن چڙهيو چوطرف اُس چانئجي ويئي. ٽڪجي مندر جي ٿلهي تي ويهي، مٿي تي هٿ رکي، ويچار ڪرڻ لڳو. اوچاڳي جي ڪري جهوٽا اچڻ لڳس انهي وقت ”جي ڀڳوان“ جو آوز ڪنين پيس. ڪنڌ مٿي ڪري ڏنائين، تہ جٽاڌاري ساڌو مٿان بيٺو آهي ساڌوءَ کي ڏسي، دل پرجي آيس اُٿي مٿو ٽيڪيائينس.

ساڌوءَ مٿي تي هٿ گهمائي آسيس ڪيس.

سنياسي-بچا، ڀڳوان جي لکئي تي راضي رهڻ گهرجي. دک ڪرڻ اجايو آهي.

مرتنج عجب ۾ پئجي ويو.

مرتنج: سائين، اوهين تہ غيب جو علم ڄاڻندڙ آهيو. منهنجي ڳجهہ جي توهان کي خبر آهي. منهنجو ڪم توهان مان ئي ٿيندو.

سنياسي: ٻچا، منهنجو چيو مڃ ۽ جيڪي وڃايو اٿيئي، تنهنجو خيال نہ ڪر. پرماتما جي ڪئي تي راضي رهہ. انهيءَ ۾ تنهنجو ڀلو آهي.

مرتنج ساڌوءَ جي پيرن تي ڪري پيو.

مرتنج: توهان کان ڪجهہ ڳجهو ڪونهي. منهنجي شئي ڪيئن ٿئي ۽ ڪٿان موتي ملندي، اهو جيستائين نہ ٻڌائيندا، تيستائين مان هان جا پوتر پير نہ ڇڏيندس.

سنياسي: مان جي تنهنجو گهٽگهرو نہ هجان، تہ سڀ جيڪر اياڻ ۽ ٻاجهاري پرم ايشور رحم ڪري جا شئي کسي آهي، تنهن جو ي ارمان ڪهڙو؟

مرتنج کي آٿت نہ آيو. راضي ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن ساڌوءَ جي ٿيوا ڪيائين. نظر کان پري وڃڻ نہ ڏنائينس. صبح سان هن کان اڳ ٿيو. پوءِ گهران گئون ڏهي، تازي کير جو لوٽو ڀري آيو پر ساڌو غائب.

(2)

مرتنج اجا ڇوڪر هو تہ هڪ ڏينهن ڏاڏس هري هر مندر جي ٿلهي تي چلم ويٺي ڇڪي. ايتري ۾ هڪ ساڌو "جي ڀڳوان" ڪندو اتي پهتو. هري هر ساڌوءَ کي احترام سان گهر وٺي آيو. چڱي شيوا ڪيائينس، ۽ ڪجهہ ڏينهن ساڻس رهايائينس. ساڌو خوش ٿيو. وڃڻ وقت چيائينس: "ٻيٽا، تنهنجي ڀڳتي ڏسي، مان خوش ٿيو آهيان. جيڪي گهرڻو هجيئي، سو گهر." هري هر ويچار ڪري، جواب ڏنو: "سوامي جن مون تي راضي ٿيا هجن تہ حال پنهنجو اوريان. ڪنهن وقت اسان جو ڪٽنب هن ڳوٺ جو سرتاج هو. منهنجي پڙ ڏاڏي هڪ ڏکي پرديسي ڪٽنب کي آسرو ڏنو ۽ پنهنجي نياڻي شاديءَ ۾ ڏنائين. هي ڪٽنب اڄ ڪلهہ پئسي ۾ زور آهي. دولت جو نشو چڙهي ويو آهي. هٿ ايترو جو اسان کي تہ پڇن بہ ڪونہ. اسان جي حالت هن وقت هيٺي، هنن جي آڪڙ سهڻي ٿي پوي. پر هاڻي حد ٿي چڪي آهي وڌيڪ سهڻ جي شڪتي ناهي. اهڙي ڪا آسيس ڪريو جو اسين وري اڳئين اوڄ تي پهچون."

سنياسي: سچو سک تہ غريبيءَ ۾ آهي، پاڻ کي وڏي ڪرڻ جي ڪوشش اجائي آهي.

هري هر تي هن نصيحت جو اثر ڪونہ ٿيو. ڪٽنب جي وڏائيءَ واسطي ڪجهہ بہ سهڻ لاءِ تيار هو. ساڌوءَ بہ سمجهائڻ ۾ ڪين گهٽايو. نيٺ هار مڃي، جهولي کوليائين. ڪپڙن مان هڪ جهونو پراڻو ڪاغذ ڪڍيائين پنو ڏگهو جنم پتريءَ وانگر ويڙهيل هو. کولي پٽ تي رکيائين. هري هر ڏٺو تہ ڪاغذ تي قسمين قسمين نشانيون هيون، هيٺان هي بيت لکيل هو:

شيش نوائي ساڌن کي
راڌا کان وٺ ڌا
پنيان جوڙينس را
آب چڏي وٺ گلاب کي
پپر بڙ جي هنج ۾
ڏسي ڏکڻ پاڻي ٻڪ
تہ لنگهي سڀ رنڌڪ
پهچين پاڻ مرادو۔ وغيره وغيره.

هري هر: هن مان تہ ڪجهہ پتو ڪونہ ٿو پوي.

سنياسي: ڪاغذ سانڍي رک. اُماس جي رات جو نت ڪاليءَ جي پوڄا ڪج. ديويءَ جي ديا سان تنهنجي ڪٽنب جو ڪو ياتي هن جو ڀيد ڳولي ڪڍندو.

هري هر: سائين جن ڪين سمجهائيندا!؟

سنياسي: نہ، سمجهڻ لاءِ پوئا جي ضرورت آهي.

ايتري ۾ هري هر جو ننڍو ڀاءُ شنڪر اچي اُتي نڪتو هن کي ڏسندي ئي ياٽس پنو کٽي لڪايو. هي ڏسي، ساڌوءَ مشڪي چيو: ”وڏائيءَ جي وڻ جا ڪنڊا هينئرئي نڪرڻ لڳا. ڪاغذ لڪائڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟ مطلب تہ رڳو هڪ تنهنجي گهر جو ياتي سمجهندو. اُنهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو چا بہ کٽي ڪري، تہ پتو نہ لڳندس. اهو ماٺهو ڪير ٿيندو، تنهن جي ڪنهن کي خبر نہ آهي. ڪاغذ لڪائڻ اجايو آهي.“ ائين چئي، ساڌو روانو ٿيو. هري هر لڪ چپ

ڪرڻ ڪان ڪين رهيو. نَوَ لَکي ماڻڪ جيان سانڍڻ لڳس. ٻپ اهو تہ متان ڪو ڀيو ڀيد ڪڍي وٺي، متان شنڪر کي دولت هٿ لڳي وڃي. نيٺ ساڳ جي پڪي پيتي جوڙائي، ڪاغذ بند ڪري، مندر ۾ ڪالي ماتا جي آسن هيٺان لڪائي رکيائين. هر اُماس رات ديويءَ جي پوڄا ختم ڪري، پيتي کولي، ڪاغذ ڪڍي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ متانس جُهڪي جهوتا کائيندو هو.

شنڪر ڪجهہ وقت کان چوندو اچيس: "دادا، هڪ دفعو تہ پنو ڏسڻ ڏيو." هري هر ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن جواب ڏنائيسن تہ "ڪهڙو نہ ڳهيلو آهين! ڪاغذ رکيو ته روئي آهي. ڊڄنگي ساڌو پني تي انگڙا پائي، مون کي خوش ڪري ويو. اوڏي مهل ئي پنو ڦاڙي ڦٽو ڪيم."

شنڪر کي ڳالهہ دل سان نہ لڳي. هڪ صبح جو ڏسن تہ شنڪر گهر ۾ نهيئي ڪونہ. گهٽي ڳولا ڪيائون، پر پتو ڪونہ پيو. هري هر کي آنڌ مانڌ. ٻپ هوس تہ متان پنو چورائجي وڃي. سنياسي جي دلاسي تي ڪم ڪار ڇڏي ڏنائين.

مرڻ وقت وڏي پٽ شام کي پنو ورثي ۾ ڏيئي ويو. شام ڪاغذ ملنديئي نوڪري ڇڏي ڏني. ڏينهن جا ڏينهن ماتا جي مندر ۾ پني متان نور نچوئيندي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪيائين. شام کان هي ورثو پٽس کي مليو. مرتنج بہ پني پٺيان پاڻ ڪنگال ڪيو. پر لالچ گهٽ نہ ٿي. نيٺ هڪ ڏينهن ڪاغذ چورائجي ويو. جنهن جو بيان مٿي ڏنو اٿئون. مندر ۾ جنهن ساڌوءَ تسلي ڏنيس، سو بہ گم. خيال ڪيائين تہ ساڌوءَ مان ئي پتو لڳندو. سو گهر ٻار ڇڏي، بہ وڳا ساڻ کڻي، نڪتو ٻاهر. ڳولا ڪندي ڪندي، ٻارهن مهنا گذري ويا.

(3)

## ڳوٺ جو نالو ڏارا ڳل

مرتنج، هڪ دڪان تي چلم ڇڪيندي شيخ چليءَ جيان آسمان ۾ محل اڏڻ لڳو. پريان هڪ سنياسي لانگهائو ٿيو. پهرين خيال ڪونہ ڪيائين. ٿوري دير ۾ ياد پيس، تہ ساڌوءَ کي اڳي ڪٿي ڏٺو اٿم.

سمجهيائين تہ ساڏو تہ ساڳيو ڪالي مندر وارو آهي. تپ ڏيئي اُٿيو ۽ پنيان لڳس. دڪاندار وات ڦاڙي نهارڻ لڳو. شام جو وقت، اوندهہ. ساڌو نظر کان غائب. پتو ڪونہ پيس. مايوس ٿي موٽيو. اچي دڪاندار کان پڇيائين: "سامهون جو جهنگ آهي، تنهن جي ڪا خبر چار اٿيئي؟"

دڪاندار: ڪنهن زماني ۾ اتي وڏو شاهي شهر هو. اگست مُنيءَ جي پِنٽي سان نگرناس ٿي ويو. وڏن جو چوڻ آهي تہ جهنگ ۾ ڳجهيون غفائون ڌن سان پرپور آهن، پر مجال نہ آهي جو ڪو ڏينهن ڏئي بہ ڪٽي گهڙي، جي هوڏ ڪري گهڙيا، سي وري نہ موٽيا.

هيءَ ڳالهہ ٻڌي مرتنج کي آنڌ مانڌ ٿي، سڄي رات ڳڻتي، وري مچرن بہ ڪيس هلاڪ. ننڊ کان جواب. رات پاسا ورائيندي گذري، رات پر وچايل ڪاغذ جو بيت من ۾ هرکڻ لڳس. پڙهندي ياد ٿي ويو هوس.

شيش نوائي ساڌن کي

راڌا ڪان وٺ ڏا

پنيان جوڙينس را

وٺ گلاب، چڏي آب کي- وغيره وغيره.

سوچيندي سوچيندي مٿو تپي ويس. سٽن وسارڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر وريو ڪين. نيٺ پرهہ ڦٽيءَ ڏاري جهوٽا اچڻ لڳس. پنڪيون ڪائيندي ڪائبندي، پهرين چئن سٽن جو مطلب هُري آيس. راڌا ڪان وٺ ڏا يعني راڌا مان را ڪيڍي ڇڏيو تہ رهي ڌا.

پنيان جوڙينس را، وٺ گلاب ڇڏي آب ڏ يعني تہ گلاب مان آب ڪيڍڻ سان باقي رهيو گل. گڏجي ٿيو ڌاراگل. ڳوٺ جو نالو بہ ڌارا گل چرڪ ماري اُٿيو.

(4)

صبح سان گهڙيو جهنگ ۾. ڏينهن سڄو رلي پني، اڌ مئو ٿي، شام جو موٽيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سويل بوچڻ جي پلاند ۾ ڳڙا ٻڌي، وري گهڙيو جهنگ ۾. منجهند جو هڪ وڏي تلاءَ وٽ اچي پهتو. پاڻي صفا. چؤطرف پيچرا. آس پاس گهاٽو جهنگ. چوڌاري پڪا پٿر جا گهاٽ هِتي هُتي ٻنا پيا هئا. ڪنڌي تي ويهي، پلاند مان ڳڙا چوڙي چباڙڻ

لڳو. پاڻي پي، چؤطرف گهمڻ لڳو. هڪ هنڌ اچي، اوچتو ويهي ويو. ڇا ٿو ڏسي! هڪ وڏو شاهي ٻڙ. تنهن ۾ پپر جو وڻ. هڪدم ياد پيس: ”پپر ٻڙ جي هنج ۾، ڏسي ڏکڻ پائج ٻڪ.“ ياد ايندي ئي ڏکڻ ڏانهن رخ رکيائين. هلندي هلندي گهاٽي جهنگ ۾ اچي اٽڪيو. رستو ڪڍڻ مشڪل. لاچار موٽ ڪاٽڻي پيس. پر هنڌ جاچي چڙيائين. موٽندي ٻڙ پنيان ڪنهن مندر جي چوٽي نظر آيس. هليو اوڏانهين. مندر جهونو پراڻو. جنهن اڳيان آهستي آهستي دونهين پئي دُکي. مرتنج پڳل دروازو کولي، اندر ليئو پاتو. نڪو ماڻهو نڪا مورتي. رڳو هڪ لوٽي، ڪرمنڊل ۽ ڪجهه گيڙوءَ رتا ڪپڙا پيا هئا.

اتي اچي شام ٿي، ڳوٺ دور رهجي ويو. اونده ۾ رستي ليڻ جو امڪان ٿورو. سو انسان جي رهڻ جا نشان ڏسي، دل ڪري آٿت آيس. رات اُتيئي گذارڻ جو خيال ڪيائين. مندر جو هڪ پٿر ٿلي اچي دروازي وٽ پيو هو. انهيءَ تي ويهي، سر جهڪائي، هٿ مٿي تي رکي، غور ڪرڻ لڳو اهڙيءَ طرح ڳچ وقت نبري ويو. اوچتو اڳيان فرش تي ڪجهه ليڪا ڏٺائين. جهُڪي جاچڻ سان هڪ چڪر نظر آيس. چڪر ۾ ڪي نشانيون هيون، جن مان ڪجهه چٽيون ته ڪجهه ڌنڌليون.

هي چڪر ۽ نشانيون مرتنج اڳ ڏٺيون هيون. هر اُماس تي ڏوپ اگر ٻتيون ٻاري، پيءُ ڏاڏي جي ڏنل ڪاغذ ۾ هن چڪر جي پيد ڪڍڻ لاءِ گهڻو نور نچويو هئائين. ديوي کان ڪيتريون دعائون پنيون هئائين. سو هي ساڳيون نشانيون هتي فرش تي اُڪريل ڏسي، حيرت وٺي ويس. ورهين جي آسن اُميدن پورين ٿيڻ جون نشانيون ڏسي، بدن ڪنبڻ لڳس، ڄڻ اهو ته ڪشتي متان ڪناري اچي، ٽٽي پوي، متان معمولي پل چڪ جي ڪري ورهين جي محنت برباد ٿئي، متان ڏن اڳيئي لنجي ويو هجي. من شڪن شُبن جو شڪار ٿيڻ لڳس. پلا هن کان پوءِ ڇا ڪبو. تنهن جو ڪو خيال ڪري نه سگهيو. قسمين قسمين خيال من ۾ اُٿڻ لڳس. ڪڏهن اهو خيال ته متان ڏن جي مٿان ٿي وينو هجان. ڪڏهين وري اهو خيال ته اڃا دهلي دور آهي. ويچار ڪندي رات ڪاري ٻاٽ ٿي ويئي من جي مونجهه نه لٿي. نيٺ سوچ ويچار ڪري ديويءَ جو ڌيان ڪرڻ لڳو ايتري ۾ مندر کان ٿورو پري گهاٽي ٻن ۾ ٻاهه

جو ينيت ڏنائين. جهٽ پٽر چڙي اوڏانهين هليو. جيئن تيئن اڳتي وڌيو. ڇا ٿو ڏسي تہ مچ اڳيان.هڪ ساڌو ڳوڙهي خيال ۾ ويٺو آهي. آهستي آهستي وڌي، هڪ پپر پنيان ڇپي، غور ڪري جاچڻ لڳو. ڏنائين تہ سنياسي ساڳيو آهي اڳيان هڪ ڪاغذ لکيو رکيو اٿس. هٿ ۾ هوس ڪانو جنهن سان رک تي ويٺي ڪو حساب ڪيائين. جاچي ڏسڻ مان معلوم ٿيس تہ ڪاغذ تہ اهو ساڳيو ورٿي وارو آهي. هاڻ ڪجهہ قدر ڳالهہ سمجهيائين: "ڪاغذ جو چور اهو سنياسي آهي پنو چورائي پوءِ پٺي نصيحت ڏنائين."

سنياسي حساب ڪري ڦيٽ سان زمين ماپڻ لڳو. ٿوري ماپي، نراس ٿي، وري اچي نئين سر حساب جوڙي. ائين ڪندي رات گذري ويئي پرهہ ڦٽي. تڏي هير شروع ٿي، وڻن جا پن هوا ۾ نچڻ لڳا. سنياسي ڪاغذ ويڙهي ويندو رهيو. مرتنج ويچار ڪرڻ لڳو خيال ڪندي رڳو ايترو سمجهيائين تہ ساڌوءَ بنا، پني جو پيد ڪڍڻ ناممڪن. پر لوپي سنياسي ڪيس اهڙي مدد ڏيندو اها اُميد رکڻ بہ اجائي، تنهن ڪري لڪ ڇپ سان سنياسيءَ تي نظر رکڻ جو خيال ڪيائين. اوندهہ گهٽ ٿي تہ اڳتي وڌيو جتي سنياسي حساب ڪري ويو هو اتي وجي زمين جاچڻ لڳو پر پتو ڪونہ پيس. سج نڪرڻ سان هن يار بہ موٽ ڪاڏي.

دڪان پرسان هڪ شاهوڪار رهندو هو. سيٺ جي گهر اڄ برهمڻ يوڄ. انهي ۾ مرتنج بہ شامل ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان ڪاڌو پورو نہ مليو هوس، سو اڄ لاهي پاهي ڪاڌائين. ڪائي، چلم ڦوڪ پري، ڪن آرام ڪرڻ جي خيال سان ليٽي پيو. ليٽنديئي ننڊ ڪٽي ويس، سمهڻ کان اڳ اهو خيال هوس، تہ ٿورو آرام ڪري، سج لهڻ کان اڳ وري جهنگ ۾ گهڙندس. ننڊ ٽٽندي ڏنائين تہ سج لهي ويو آهي، پر لوپ آرام ڪرڻ چو ٿو ڏئيس. جيئن تيئن ڪري گهڙيو جهنگ ۾ گهڙندي ئي رات ٿي ويئي. وڻن جي ڇانوَ اونده انڌوڪار ڪري ڇڏي رستو ليڙ محال، اک نہ ڏسي مڇ ڪي. پر مرتنج بينو ڪين هلندو رهيو. تان جو پرهہ ڦٽي، پريات ٿي. ڏسي ڪٽي تہ مارا سڄي رات گهاٽي جي ڏاند وانگر اجايا چڪر پٺي هنيا اٿم سج اُيريو. ڪانءَ ڪان ڪان ڪندا ڳوٺ ڏانهن اُڏامندا ويا. پکين ڪي ڏسي،

من ۾ آيس، تہ هي بہ مون تي ڦٽڪار ڪندا پيا وڃن، پر اڄ اهڙي جلدي ڪٿان ٿي ختم ٿئي.

(5)

حساب ۾ چڪون ڪندي، سڏاريندي، سنياسيءَ نيٺ وڃي هٽي هنڌ ڪيو. منزل مقصود کي رسيو. مشعل ٻاري، گهڙيو هڪ سرنگهہ ۾. سرنگهہ جي ڀتين تي زماني جو سينور. ڇت مان گهڻن هنڌان پاڻي پئي ٽمڪيو ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جا ننڍا ڊبا هئا، جن ۾ ڏيڏرن پنهنجا گهر ڪري ڇڏيا هئا.

انهيءَ ترڪڻي رستي تورو هلندي ٿي اڳيان ڀت آيس. منجهي پيو. هٿ ۾ لوهہ جي شيخ هئس، تنهن سان ڌڪ هڻي ڏٺائين، پر پورو آواز ڪٿان بہ ڪونہ نڪتو. ڪٿي بہ ڪو سوراخ نظر ڪونہ آيس. سمجهيائين تہ غفا اِتيئي پُني.

وري ساڳيو ڪاغذ کولي مٿي تي هٿ رکي ويهي سوچڻ لڳو. سڄي رات ائين گذري. ٻئي ڏينهن نئين سر حساب ڪري، وري سرنگهہ ۾ گهڙيو. ڳجهي نشانيءَ موجب ڀت مان هڪ هنڌان پٿر کوٽي ڪڍيائين. ٻي ننڍي سرنگهہ نظر آيس. ٿيو انهي ۾ داخل. پر توري پنڌ پڇاڙا اڳيان ٻي ڀت. ڇئن راتين پڇاڙا پنجينءَ رات سرنگهہ ۾ گهڙندي ٿي خوشيءَ وچان واڪو ڪري چيائين تہ "من مرادون پوريون ٿيون، هاڻ رستي ۾ پُلَ ڪانہ ٿيندي." غفائن اندر پيچرا ڪئن، شاخون بي شمار ڪٿي ڪٿي تہ سڌو هلڻ مشڪل، ڪن هنڌن هٿن پير ريڙهيون پاٽيون تي پيون. ائين وڌندي نيٺ ساڌو هڪ وڏي صفي ۾ پهتو. صفي جي وچ ۾ هڪ شاهي کوهہ. مشعل جي کهڙي مجال، جو کوهہ جو ترو ڏيکاري! ڇت مان هڪ شاهي لوهہ جي زنجير کوهہ جي تري تائين لتڪيل هئي. سڄي بدن جو زور لڳائي، ساڌوءَ زنجير کي ڌوڏيو ٿي ڪين تہ هڪ گهنڊ جو آواز ٿيو. آواز جي پڙلاءَ سان سڄي غفا پرجي ويئي ساڌوءَ خوشيءَ وچان واڪو ڪيو: "هاڻ لڌو." اڃا اکر وات مان نڪتس ٿي ڪين تہ هڪ پٿر پرسان ڪريس. پٿر پٺيان ڪنهن انسان جي ڪرڻ جو خوفناڪ

آواز پئي آيو. اوچتو ڇهڙي هنڌ آدم ذات جو آواز ٻڌي، ساڌوءَ ڇرڪ ماريو. مشعل هٿان ڪِري پَٽ پيو ۽ وسامي ويو.

(6)

سنياسي آواز ڏنو: "ڪهڙو آهين؟" جواب ڪونه مليو. اونده ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ لڳو. نيٺ انسان جي بدن تي هٿ لڳس. ڏونڏاري پڇڻ لڳس: "ڪير آهين؟ جواب وري به ندارد. ماڻهو شايد بيهوشيءَ ۾ هو. چقمق چمڪائي روشني ڪيائين. ماڻهو به ايتري ۾ هوش ۾ آيو. جاڳندي ئي اُٿڻ جي ڪوشش ڪيائين پر اُٿي نه سگهيو. اُتلو نسقل ڪوشش ڪري درد وڌيس ۽ واڪا ڪرڻ لڳو. آواز ٻڌي ۽ شڪل ڏسي، ساڌو عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين: "اڙي مرتنج، تون وري هتي ڪيئن؟"

مرتنج: ساڌو بابا، ڪميا ڪر. مون کي ڪٿي جو ڪيتو مليو. تنهنجي مٿان پٿر اُڇلائيندي پير ترڪي ويم. پٿر سوڌو اچي هيٺ پيس. ٽنگ کي شايد ضرب آئي آهي.

سنياسي: مون کي مارڻ مان توکي ڇا هٿ حاصل؟

مرتنج: اهڙو سوال تو وٽان؟ مندر مان پنو چورائي، غفا ڳولي ڪڍڻ مان توکي ڇا هٿ حاصل؟ آهين ساڌو ڪين ٺڳ. سنياسي ڪين چور؟ خبر اٿيئي، جنهن ساڌوءَ ڏاڏي کي اهو ڪاغذ ڏنو، تنهن جو چوڻ هو ته اسان جي ئي ڪٽنب مان ڪو انهي جو راز ڳولي لهندو. هتي لڪل دولت جا اسين ئي حقدار آهيون. تنهن ڪري ننڊ آرام ڦٽائي، تنهنجي پنيان پاڇي جيان ڪجهه وقت کان گهمي رهيو آهيان. اڄ تنهن جي خوشيءَ جو آواز ٻڌي، پاڻ جهلي نه سگهيس. جهٽ وڏو پٿر کڻي توڏانهن اُڇلايم. پر ٻُت ضعيف، زمين ترڪڻي، پير کسڪي ويم. هاڻ ته آهيان تنهنجي هٿ وس، جيئن وڻيئي، تيئن ڪر. پر ياد رک ته مئي پڄاڻا پوت ٿي هن خزاني پنيان لڳندس. ڪيئن به توکي ماڻڻ ڪين ڏيندس. ڏن کي هٿ لائيئي ته کوهه ۾ ٽپو ڏيئي، پاڻ هتيا ڪندس. برهمڻ جو پاراتو سر تي پوندءِ. ڏن ڳئون رت تي لڳندءِ. سڪ سان ملڪيت ڪين ماڻيندين. منهنجو پيءُ ڏاڏو هن خزاني پنيان

چريا ٿي مري ويا اسان جو ڪٽنب برباد ٿي ويو.مان پاڻ گهر ۾ زال ۽ ننڍا رڙندڙ ٻار ڇڏي، ننڊ آرام ڦٽائي، مجنونءَ وانگيان دربدر ٿي رهيو آهيان. منهنجي ڏسندي جو تون ڏن ائين ڪٽي وڃين، سا ته ٿيڻي نه آهي. مري ساهه ڇڏيندس، پر هٿ لائڻ نه ڏيندوسانءِ.

(7)

سنياسي: بابا، ائين ٿو چئين ته ٻڌ ڳالهه. ياد هوندئي ته تنهنجي ڏاڏي کي شنڪر نالي هڪ ننڍو ڀاءُ هو؟

مرتنج: ها، پر هو ته گهڻن ڏينهن کان گم آهي.

سنياسي: ها، اُهو مان آهيان.

ٻڌندي مرتنج جون ٻه ٻه ويون، ڇهه ٻه ويون. جنهن خزاني جو پاڻ کي حقدار سمجهي ويٺو هو تنهن جو وارث ٻيو گهر جو ئي ياتي نڪتو. هاڻ ڇا ٿيندو. ساڏوءَ پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي.

چيائين: "ادي کي ڪاغذ ملڻ سان اچي لڳي لڪائڻ جي. جيئن وڏيڪ شڪ ڪرڻ لڳو تيئن منهنجي اُڻ تڻ وڌي. نيٺ ادي ڪاليءَ جي مندر ۾ آسن هيٺان ڪاغذ لڪائي رکيو. ڳالهه مون کان ڳجهي ڪانه رهي، پيتيءَ جي نئين ڪنجي پيدا ڪيم وقت بوقت کولي ڪاغذ جو نقل ڪرڻ لڳس. نقل پوري ٿيندي گهر ڇڏي نڪتس ٻاهر. زال ۽ رئندا ٻار مون توکان ئي اڳ ڇڏيا انهن جو هاڻ دنيا ۾ نالو نشان ڪونهي. ڪاغذ جي ڀيد لهڻ لاءِ ڪيترا ڪشالا ڪڍيم. ديس پرديس ڦريس. جي تڪليفون درپيش آيون، انهن جو هت بيان ڪرڻ فضول آهي. نيٺ خيال آيم ته ساڏوءَ جي ڏنل پتر جو پتو ڪنهن ساڌوءَ کان ئي ملندو. اهڙو خيال ڪري، جتي ڪو ساڌو ٿي گڏيو ته انهيءَ جي شيوا ٿي ڪيم. گهڻا ته نوڳي نڪتا. ڳجهه جو پتو پوندي، ڪاغذ هٿ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. خير، ڳولا ۾ ورهين جا ورهيه گذري ويا. اڳوڻي جنم جي چڱي ڪم جي ڪري هڪ ڀيري ڪمايون پهاڙ تي بابا سروپ آنند جو درشن ٿيم.سندن سکيا هئي: ٻچا، لالچ ڇڏ ته سڄي دنيا جو ازغيبي ڏن اڳيان حاضر ٿيئي. اهڙي هدايت سان سُڪون ملي ويو. ست گرن جي شيوا ۾ آسمان جي جوت ۽ ڌرتيءَ جي سبزي، راج

سمپتيءَ کان وڏيڪ سمجهڻ لڳس. هڪ سياري جي رات پرم هنس جي دونهينءَ ۾ باهه جو پنيٽ پئي ٻريو مون کي الاجي ڪهڙو خيال پيو جوش وچان ڪاغذ ڪڍي دونهينءَ داخل ڪيم. سوامي جن ڏسي مشڪيو. مشڪڻ جو مطلب اوڏي مهل سمجهه ۾ نه آيم. اڄ سمجهيو اٿم. هاءِ! ڪاغذ جلائي رک ڪرڻ سولو آهي، پر خواهشن ۽ لالچن کي جلائڻ مشڪل آهي.

”ڪاغذ جو نالو نشان نه رهيو. منهنجو من جڻ ته ٻندن کان ڇٽو. دل ڀڳتيءِ جي آنند سان ڀرجي ويئي. خوف خطرو اڳيان نظر نه آيم. بي پرواهه بادشاهه جيان حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ لڳس ڪجهه ڏينهن ۾ پرمهنس مون کان ڏار ٿي ويو. ڳولا گهڻي ڪيم، پر پتو ڪونه پيو پوءِ ته مون به ڪٽي ورتو سنياس ڪاغذ جي ته ڳولا ويئي وسري. گهمڻ ڦرڻ شروع رهيو. اتفاقاً هڪ ڏينهن اچي پهتس هن بن ۾، هن ڀڳل مندر ۾ پنهنجو آستان ڪِيم. ٻه ٽي ڏينهن رهيس. جلدي پٿين تي ڪجهه انگڙا ليڪا نظر چڙهيم. نشانيون جڻ ته اڳي ڏٺيون هيم. خيال ڪندي ياد پيم ته ڪنهن زماني جنهن شئي جي پنيان نڪتو هوس، انهيءَ جا اهڃاڻ موجود آهن. هي سمجهندي ئي بن تياڳ ڪيم، پر بن ڇڏي چوٿو وري موٽ ڪاڏيم. نشانيون جاچڻ لڳس. پتو ڪونه پيو. ڪاغذ جلائڻ جو من ۾ پڇتاءُ ٿيڻ لڳو. من ۾ خيال آيو ته پيو هجي ها ته چا ڪري ها، ساڙڻ مان ڪهڙو ڪڙتيل نڪتو. هن خيال اهڙو وياڪل ڪيو جو ڳوٺ موٽ ڪاٽي پيئي. اتي گهر جي ڀاتين جا حال بُرا ڏٺم. چيم: مان سنياسي، مون کي پيسن جي ضرورت ڪانهي، پر هنن مسڪينن لاءِ جي ڪجهه ڪٽي ڪجي ته ڪهڙو پاپ آهي.

”خيال ايندئي گهڙيس مندر ۾، ڪاغذ هٿ ڪرڻ ته منهنجي ڪاڻ مشڪل نه هو. اڄ سال ٿي ويو جو هي پنو ساڻ ڪري، هن جهنگ ۾ پٽڪيو آهيان. تڪليفون ڏينهون ڏينهن وڃن وڌنديون، منهنجو اُتساهه به وڃي وڌندو. ڳولا ۾ اهڙو محو جو تنهنجي پنيان پوڻ جو به پتو ڪونه لڳم. جي سياويڪ حالت ۾ هجان ها ته پاڻ لڪائڻ مشڪل ٿيئي ها. پر مان اهڙي سمنڊ ۾ غرق هوس، جو ڪجهه ڪونه ٿي سجهيم اڄ من مرادون پوريون ٿيون. هٽ ڏن ته ايترو پوريل آهي،

جو ڪنهن راجا مهاراجا جي خزاني ۾ بہ ڪونہ هوندو. اجا هڪ پيچ آهي انهي جو پتو پوي تہ دولت اڳيان حاضر آهي. پچاڙيءَ جو پيد گهٽو ڪٺن آهي. حساب دل ۾ هُري آيو اٿم. جي چاهيان تہ هن دم خزانو هٿ ڪري سگهان ٿو."

هي بڌنديئي مرتنج ٻاوي جي پيرن تي ڪِري پيو. نيزاري ڪري چوڻ لڳو: "توهان کي ڌن جي ڪهڙي پرواهہ"؟ مان غريب آهيان، مون تي ڪٿي ديا ڪريو."

سنياسي: اڄ منهنجو پويون ٻنڌن ٽُٽو. تنهنجي پٽر منهنجي بدن جو وار بہ ونگو نہ ڪيو پر من کي جيڪا چوٽ اچي ويئي. لالچ جو پردو ڦاٽي پيو. گروءَ جي مشڪڻ جو پيد اڄ سمجهيم. خواهشن جو جادو ٽٽي پيو. گُرن جي ديا تي، مهر ۽ ميا تي، آتم جوت جو ديدار مليو. هاڻ پرواهہ ڪانهي.

مرتنج ويچارو چا جاڻي هن فيلسوفيءَ مان. پيرن تي ڪري پيس.

مرتنج: سوامي جي، مان اجا ٻالڪ آهيان، دولت جي ضرورت اٿم. مون کي ڏيڻ ۾ توهان جو ڇا ٿو وڃي؟

سنياسي: ٻچا هي اٿيئي تنهنجو ڪاغذ خزانو ليئي تہ ڳولي ڪڍ، منهنجو واسطو ڪونهي.

ائين چئي، پنهنجي لٽ ۾ ڪاغذ مرتنج اڳيان رکي، سنياسي الوپ ٿي ويو.

هن يار جون وايون ئي بتال تي ويون. سڏ ڪرڻ شروع ڪيائين، پر جواب ڪونہ مليو. نيٺ لٺ هٿ ڪري، ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر جيئن وڌيڪ ڪوشش ڪري، تيئن وڃي ڦاسندو. نيٺ ٿڪجي ڪنهن ڪنڊ ۾ پئجي رهيو. ننڊ اچي ويس. ڪجهہ وقت پڄاڻا ننڊ ٽُٽيس. پر الاجي ڏينهن ڪ رات، اوندهہ انڌوڪار. بک بہ ڪيس هلاک، ياد پيس تہ چٽا ساڻ هئس، سي ڪڍي چٻاڙڻ لڳو. پيٽ پري وري ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر ڪٿو ڪين. بي وس هار مڃي، واڪا ڪرڻ لڳو: "او ساڌو! ڪٿي آهيو؟" ڪجهہ وقت تہ رڳو پنهنجو پڙلاءُ ڪن تي پيس. پر نيٺ سنياسيءَ جو آواز آيو: "اجهو چئو ڇا کپيئي؟" نيزاري ڪري مرتنج چيو: "مهرباني ڪري خزاني جو

پتو مون کي ڏيو.“ انهي جو ڪو جواب ڪونہ مليو سانت ٿي ويئي. پوءِ تہ واڪا رڙيون سڀ اجايون اوندهہ جي اِنتها ڪانهي. ڀلا، جو وقت گهڙين ۽ پلن ۾ وراهيل ناهي، تنهنجو انت وري ڪهڙو! وري ننڊ اچي ويس جاڳيو تہ اها غفا، اها اوندهہ. اکيون کولي ڇا ڪري. نيٺ حيران ٿي پڪارڻ لڳو. ساڌوءَ کي سڏ ڪرڻ لڳو. پرسان جواب مليو :”اجهو، ڇا کپيئي؟“

مرتنج: ڪجهہ ڪين کپي، رڳو هن غفا مان ٻاجهہ ڪري ٻاهر ڪڍ و.

سنياسي: ڏن تان هٿ کنئي؟

مرتنج: ها، هٿ کنيم.

چقمق جو آواز ٿيو. ٿورو پوءِ مشعل ٻريو.

سنياسي: چڱو هل تہ ٻاهر هلون.

مرتنج نراس ٿي چوڻ لڳو: ”هيتري محنت سڀ اجائي.“

ائين چوندي مشعل وسامي ويو. تڏهن مرتنج ڪاوڙ ۾ سنياسي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو پر وريو ڪين. ويهي ويچار ڪرڻ لڳو پر ويچار هلي ڇو ٿو اوندهہ جو انت ڪونهي وقت جو اندازو ڪونهي. وس پڄندي تن من جو زور لڳائي، اوندهہ کي پرزا پرزا ڪري نڪري ٻاهر پر چارو ڪونهي. اهڙيءَ حالت ۾ زمين آسمان جي عجيب کيل ڏسڻ لاءِ من مشتاق. وري سنياسيءَ کي سڏ ڪيائين، چي: ”ڏن پيو ٻن، مون کي رڳو ٻاهر ڪڍ.“ آواز آيو: ”سچ، ڏن اصل ڪونہ کپيئي؟ چڱو جهل منهنجو هٿ تہ ٻاهر وني هلانءِ.“

هن ڀيري مشعل ڪونہ ٻريو هٿ ۾ لٺ ڪري، ساڌوءَ جو هٿ جهلي، ڏيري ڏيري مرتنج اڳتي وڌيو. ور وڪڙ ڪائي، سنياسي ڪنهن هنڌ بيٺو. ٿوري ويرم پڄاڻان جڻ تہ ڪنهن ڪٽيل لوهہ جي دروازي کلڻ جو آواز آيو اڳتي وڌيا جڻ تہ ڪنهن ڪوٺيءَ ۾ گهڙيا. ساڌوءَ چقمق ذريعي مشعل ٻاريو روشني ٿي ئي ڪين تہ اکيان عجيب اسرار نظر آيو. چؤطرف ڪمري جي ڀتين تي جيڏانهن نهار اوڏانهن سون جي پتن جا تهہ پيا لٽڪن. چلڪاٽ اهڙو جو جڻ تہ سورج جي ڪِرڻن جا ڍگ لڳا پيا آهن. مرتنج جون اکيون هي جلوو ڏسي جلڻ لڳيون. پاڳلن

جيان بڪڻ لڳو تہ ”هي سون منهنجو هاڻ هن ڪي ڇڏي وري ڪيڏانهن وڃبو.“ سنياسي چيس: ”چڱو ڀل نہ ڇڏ، هي اٽيئي ڏياتي ۽ ڪاڏي جو سامان ۽ پاٽيءَ جي گهگهي.“

ائين چئي، سنياسي ٻاهر نڪتو. سوني ڀنڊار جو لوهي دروازو بند ٿيو.

مرتنج سون جي ڀتن ڪي بار بار ڇهندو چؤطرف ڦرڻ لڳو. سون جا ٽڪر ڀت تان ڇني پٽ تي ڇاٽڻ لڳو جهوليءَ ۾ ڀرڻ لڳو ۽ هڪ ٻئي تي هٽي وڃائڻ لڳو. نيٺ سون جي ڀتن جي سيج ٿاهي سمهي رهيو. جاڳي تہ هرطرف سون جو چمڪات جتي نهار اُتي سون ئي سون.

مرتنج سوچڻ لڳو: ڏرتيءَ تي هينئر شايد پرڀات هوندي سڀ جيوَ جنتر آنند ۾ هوندا. تلاءَ جي ڪپ تي باغيچي ۾ پرهہ ڦٽيءَ جي سڳنڌ اُٿندي هوندي، اها دماغ ۾ پرجڻ لڳيس سڀ اکين اڳيان تري آيس بدڪن جون قطارون ڪپ تان لڏنديون ڪڏنديون تلاءَ ۾ ترڻ لڳيون. گهر جي نوڪرياڻي رئو ڪمر ۾ ٻڌي ڪري، گهران ٿانون جو ٽوڪرو مٿي تي رکي، تلاءَ تي صفا ڪرڻ آئي.

در کڙڪائي، مرتنج سڏ ڪيو: ”او ساڌو مهاراج! ساڌو مهاراج“ در کليو. سنياسيءَ پڇيو: ڇا ”ڪپيئي؟“

مرتنج جواب ڏنو: ”هتان ٻہ چار ڀتا ياڻ سان نيڻ ٿو چاهيان.“ سنياسيءَ انهيءَ ڳالهہ جو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. نئين سر مشعل ٻاري، نئون ڪرمنڊل پاٽيءَ جو ۽ ڪجهہ ڪاڏو زمين تي رکي، هلندو رهيو دروازو وري بند ٿي ويو. مرتنج غصي ۾ سون جا ڀتا ڇني، پرزا پرزا ڪري، ڪمري ۾ پٿرن جيان اُڇلائڻ لڳو ڀيا ڇني، ڏندن سان چٻاڙي ڦٽا ڪرڻ لڳو. ڪجهہ زمين تي پکيڙي، پيرن سان لتاڙڻ لڳو. دل ۾ چوڻ لڳو تہ آهي ڪو دنيا ۾ اهڙو شاهن جو شاهہ. جو هيئن سون سان راند ڪري؟ اهي خيال ڪندي اهڙو تہ جوش آيس، جو ڀانيائين تہ سون کي جهاڙوءَ سان ٻهاري مٽيءَ جيان اُڏائي، سون جي پوڄارين جو هٺ ڀڃان، پر اهڙن خام خيالن مان وري ڇا؟

خير ڪيڏندي ڪيڏندي ٿڪجي ٿڪي سمهي پيو. جاڳيو تہ ساڳيو سون. اُتي در تي لتون هڻڻ لڳو ۽ ورلاپ ڪري، سنياسيءَ کي سڏ

ڪرڻ لڳو: "او سنياسي، مون کي هي سون ڪونہ کپي." پر هن دفعي دروازو ڪونہ کليو. سڏ ڪندي ڪندي گلو سڪي ويس پر ڪو جواب نہ مليو. تڏهين سون جا پتا چني، دروازي تي زور سان هڻڻ لڳو. پر وريو ڪين. رڳو ڇاتي سور ڪرڻ لڳس خيال ڪيائين تہ هاڻ سنياسي وري نہ ايندو. هن سونيءَ قبر ۾ ڪِنو تي مربو.

پوءِ تہ سون کي ڏسي ڏڪڻ لڳو. چؤطرف سون جا ڍڳ پيانڪ پوتن جيان هن تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. پيلا مَنجهن نڪا هلچل، نڪو ساهہ. مرتنج جو ڪليجو ڪنبڻ لڳو. من وياڪل ٿيس. پر سون جي ڍڳن کي ڪهڙي پرواهہ! ڪهڙي هن جي حال تي همدردي! پيلا، هن سون جي پتن کي نڪا سوجهري جي ضرورت، نہ هوا جي. نڪو اٿن ساهہ، نڪا گهرجين آزادي. هميشہ اوندهہ ۾ چلڪندي دل ڪٽن تي ويئي اٿن.

ڏرتي تي ڳؤنٺن موتڻ جو شايد وقت هوندو. شام جو سمئي آسمان ۾ هوندو. اهو ڪن ساعت اکين کي ٺاري، رات ۾ ر مندو رهي. هن جي روانگيءَ بعد سنڌيا جو ستارو ٽم ٽم ڪندو ٻاهر نڪري، جڻ تہ گهر ڏياٽيءَ سنڌيا جي جوت جلائي گهر روشن ڪيو آهي. مندر ۾ سنجها جي آرتيءَ جو گهنڊ ٽن ٽن ڪري وڄندو هوندو.

اڄ وطن جا ويچار ويڙهي ويس. گهرجي ڳالهين ۾ ءِ دنيا جي هلچل ۾ سک نظر آيس. ياد آيس تہ ڪيئن سندس ڪتو موتي ڪرُونڊڙو ٿي پڇ مٽي سان ملائي شام جو سمهي رهندو هو. وري ڏارا گل ڳوٺ ڏانهن خيال ڊوڙيس. دڪاندار شايد هينئر ڏيئو وسائي، دڪان جو دروازو بند ڪري، پنڪيون ڪائيندو گهر ويندو هوندو. هاءِ! دڪاندار ڪهڙو نہ سکي آهي! اڄ ڏينهن الاجي ڪهڙو هوندو! شايد آرتوار هجي. بزار ختم ٿي هوندي. دڪاندار گهر موٽندا هوندا. پٽ تي پيلن ساٿين کي وڏي واڪي سڏ ڪندا هوندا. ٽوليون ناهي بيڙيءَ ۾ پتڻ پار ڪندا هوندا. پتڻ پار ڪري، ڪي بنين جي پيچرن مان تہ ڪي ڪپ وٽ تارن جي روشنيءَ ۾ گهر پهچندا هوندا. مٽن تي ڪن کي ٽوڪريون تہ ڪي هٿن ۾ مَڇيون لٽڪائيندا اونداهيءَ رات ۾ پيا وڃن.

ڌرتي تي قسمين قسمين نيون تفريحون جاري آهن.

مرتنج پنهنجي خسيس حياتيءَ کي غفا جي تهن مان ٻاهر ڪڍي، هن نظاري ۾ شامل ٿيڻ لڳو. حياتيءَ جا پيغام اتي پهچڻ لڳس. حياتي، آسمان ۾ سوجهرو، اهي دنيا جي هيرن موتين کان به قيمتي سمجهڻ لڳو. هاڻ ڌرتيءَ جي ساوڪ، آسمان جو جلوو، تارن جي جهمڪ، تازي گاهه جي سڳنڌ، خوشبوءِ پريون هيرون وري ڪٿان ايندين.

هاڻ هڪ گهڙي اها حياتي وري ملي، ته سمجهندس ته زندگي سڦل ٿي.

اُنهي مهل دروازو کليو. سنياسي اندر گهڙيو.

سنياسي: هاڻ ڇا گهرجيئي؟

مرتنج: هاڻ ڪا اِڇا ڪانهي، هن سرنگهه مان، هن اوندهه مان، هن مايا جار مان، هن سون جي قبر مان ڪڍ. مونکي گهرجي سوجهرو، آسمان، هوا، آزادگي.

سنياسي: هن سون ڀنڊار کان به قيمتي هيرن جواهرن جو ڀنڊار پرسان آهي. اُتي ويندين؟

مرتنج: بس.

سنياسي: هڪ دفعو ڏسڻ ۾ ڇا آهي؟

مرتنج: نه. ضرور ڪونهي. لنگوٽي پائي پنڻ قبول آهي، پر هاڻ هت منٽ پر به نه رهندس.

سنياسي: چڱو تڏهين اچ.

هٿ کان وٺي اڳئين اونهي کوهه وٽ وٺي آيس. اڳيون ڪاغذ هٿ ۾ ڏيئي، پڇيائينس:

”هاڻي هن کي ڇا ڪندين؟“

مرتنج: ڪاغذ وٺي، ڦاڙي ڇيهون ڇيهون ڪري، کوهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو.

# گهر جي چڪ

ڳوٺ جي ڇوڪرن جو راند روند جو سردار هو چوهڙ. هڪ ڏينهن نئين راند سجهي آيس. ڪنهن شاهوڪار جو عمارتي ڪاٺ نديءَ جي ڪناري تي پيو هو، سو لاهي هيٺ ڪرڻ جو خيال ڪيائين. همراهن کي سڏ ٿيو ڇوڪرن جو ڏنو ته مالڪ کي ٿيندي تڪليف، سو هن نئينءَ راند ۾ شوق سان شامل ٿيا سڀ ڪمر ڪشي تيار ٿي بيٺا. ايتري ۾ چوهڙ جو ننڍو ڀاءُ دولت ننهي نڪي اچي ڪاٺ تي ويٺو هي ڏسي ڇوڪر منجهي بيهي رهيا. هڪ اڌ ڊڄندي ڊڄندي ڪاٺ کي ڏوڏيو پر دولت بلڪل چُريو ئي ڪين. فيلسوف جيان پلٿي ماري، ويٺو سنسار ۾ راندين جي اهميت تي ويچار ڪرڻ. چوهڙ واڪو ڪري چيس ”اِتان اُٿ. نه ته مار کائيندين، چوانءِ ٿو اُٿ.“ دولت ٿورو سري، پاڻ ننهي نڪي بالم ٿي ويٺو. سيني سامهون چوهڙ جي بي عزتي ٿي. سرداريءَ جي آبرو بچائڻ لاءِ به چماٽون نوڪي وجائڻ ڪپنديون هُينس. پر همٿ ڪانه ٿيس، تنهن هوندي به اک اهڙي ڏيکاريائين، جڻ ته اجهو ٿو سِڌو بنائيس. پر اچا ڪجهه ڪريئي ڪري ته اڳي کان به مزيدار راند سُجهي آيس. ارادو ڪيائين ته دولت سوڌو بنڊ کي ڦيرائجي، دولت سوچيو ته هاڻ اُٿڻ شان جي برخلاف ٿيندو خيال ڪونه پيس ته وڏائيءَ ۾ ڪوجيءَ جو جوکو ٿيندو آهي.

ڇوڪرن ڪمرڪشي وڌو بنڊ ۾ هٿ. زور ڏيئي ڌڪو ڏيڻ لڳا: ”دوستو متان همٿ هاري اٿوَ هئيوا وجهوس پاٽيءَ ۾، هئيوا هلايوس هيٺ، هئيوا“ بنڊ ڦيرو کاڌوئي ڪين، ته دولت جي فيلسوفي ۽ عزت ڏوُن پٽ ۾. راند ڪنديئي جو هي مفت مزو ملي وين، سو ڇوڪر خوشيءَ وچان نچڻ لڳا. چوهڙ ڀاءُ جو حال ڏسي، ٿورو ششدر ٿيو پر دولت نڪا ڪئي هم نڪا تم. اُٿنديئي وجي پيو ڀاءُ تي ۽ جوش جي انڌ ۾ ڌڪ هڻڻ لڳس منهن ۽ ڳچيءَ تي رهندا پائي، روئندو روئندو روانو ٿيو راند ختم ٿي.

چوھڙ ڪپ تان گاھہ جو ڪانو چني، اڌ ٻڌل ٻيڙيءَ تي چڙھي چپڙ لڳو. اوڏي مهل هڪ ٻيڙي اچي گهاٽ تي لڳي. هڪ ڪَرڙوڊ مسافر لٿو، مڇ ڪاري، وار اڇا. چوڪر کان پڇيائين تہ ”ٽائونمل جو گهر ڪٿي آهي؟“ چوڪر ڪانو چٻيندي چيو: ”هن پاسي،“ پر کهڙي پاسي نشان ڪيائين، سو سمجهڻ محال هو. مسافر وري پڇيس تڏهن جواب ڏنائين: ”مونکي خبر ڪانهي.“ ائين چئي، وري ڪاني چپڙ ۾ مشغول رهيو مسافر ٻئي ڪنهن کان رستو پڇي، ٽائونمل جي گهر ڏانهن هليو.

ٿوري مهل پڄاڻان نوڪر چوھڙ کي سڏ ڪري چيو: ”ماڻهين تي ڪوٺيئي.“ چوھڙ چيو: ”وڃ، ڪونہ ايندس.“ نوڪر زبردستيءَ ٽنگا ٽولي ڪري، ڪٽي ويس. هٿ پير گهٽو ئي هنيائين، پر ڇڏائي ڪين سگهيو. ڏسندي ماڻس ٻاھہ تي ويئي. چيائين: ”وري بدمعاشي! دولت کي ڇو ماريو اٿئي؟“

چوھڙ چيو:

”مون ڪونہ ماريو اٿمانس.“

ماءُ: وري ڪوڙ!

چوھڙ: ڪونہ ماريو اٿمانس، پڇينس ڪٿي.

دولت کان پڇيائين تہ هن پنهنجي اڳين شڪايت قائم رکي، ۽ چيائين: ”ها، ماريو اٿس.“ چوھڙ کان هي سٺو ڪين ٿيو سو يڪدم وڌي، دولت کي ٿهڪائي چماٽ ٺوڪي چيائين: ”وري ڪوڙ!“

ماءُ دولت جو پاسو ورتي، چوھڙ کي ٺيلهو ڏيئي، ٻہ چار چماٽون وڄائي ڪڍيون. چوھڙ ماءُ کي ڌڪو ڏيئي پاسي ڪيو. ماڻس تپي لوھہ ٿي ويئي. چيائينس: ”هان! ايتري همت جو مون تي هٿ هلائڻ لڳو آهين؟“ اوڏي مهل در کليو ۽ ٻيڙيءَ وارو ڪارين مڇين ۽ اڇن وارن وارو مسافر اندرپيهي آيو. جهڳڙو ڏسي چيائين: ”هي وري ڇا!“

چوھڙ جي ماءُ عجب ۾ پئجي ويئي ۽ گد گد ٿي چيائين: ”دادا! توهين ڪٿان اچي نڪتوَ؟ ڪڏهين اچڻ ٿيو؟“ گهڻا ڏينهن ٿيا جو ڀاڻس پرديس ويو هو. وچ ۾ ڀيڻس کي ٻہ ٻار ڄاوا. وڏا ٿيا ۽ پٽيءَ جو ٻہ ڇالاٽو ٿيو. سالن کان ڀاءُ سان ملاقات ڪانہ ٿي هيس. دلپتراءِ ورهين

پڇاڙيءَ ديس موٽيو اچ پيڻ سان ملاقات ڪرڻ آيو ڪجھ ڏينهن پيڻ ياءُ خوشين ۾ گڏ گذاريا. نيٺ دلپتراءِ جي موٽڻ ۾ ڪي ٻه ٽي ڏينهن اچي رهيا. پيڻ کان ٻارن جو حال پڇيائين. پڙهڻ لکڻ ۽ چال چلت نسبت. پيڻس چيو: "چوهڙ کان ته اُهينئين پلي، نڪو پڙهي لکي، نڪو ڪنهن جو چيو مڃي. باقي دولت ته آهي سون جو ٽڪر جهڙو سانتيڪو ٺهڙو ڇئيوان، سڄو ڏينهن منهن اٽس ڪتاب ۾." اهو ٻڌي دلپتراءِ چوهڙ کي ڪراچيءَ وٺي گهررهائي پنهنجن ٻارن سان پاڙهڻ جي رٿ پيش ڪئي. پيڻس کي ڳالھ وڻي. چوهڙ کان پڇيائين: "ڪيئن ڙي، مامهن سان ڪراچيءَ هلندين؟" چوهڙ خوش ٿي جواب ڏنو: "هلندس." ماڻس موڪل ڏيڻ ۾ ويرم ڪانه ڪئي. ويچاري ودوا کي هميشه اهو ڊپ ته ننڍي ياءُ جو راند ڪندي ڪنهن مهل مٿو نه قاڙي ڇڏي، متان ڪاوڙ ۾ نديءَ ۾ نه اُڇلائي ڇڏيس. تڏهين ٻه ماءُ جو من اهڙو جو چوهڙ جي خوشيءَ تي ڏاڍو ڏک ٿيس.

"ڪڏهين هلندين؟ ڪڏهين هلندين؟" ائين ڪري چوهڙ مامي جا پير تپائي ڪنيا. وڃڻ جي خوشيءَ ۾ رات جو ننڊ نه اچيس. نيٺ ڪراچيءَ وڃڻ جو وقت اچي پهتو. چوهڙ خوشيءَ وچان پنهنجو لغڙ، گوليون ۽ ٻيا رانديڪا دولت کي ڏيئي ڇڏيا. وري سخي اهڙو جو رانديڪا ته ڏنائينس، پر اهو حق ٻه ڏنائينس ته پلي پنهنجن پٽن پوٽن کي ورثي ۾ اهي ڇڏي وڃي.

ڪراچيءَ گهر پهچندي ماميءَ سان ملاقات ٿيس. ماميس هن اجائي ڪٽنب جي واڌاري ڪري ڪا خوش ٿي، سو چئي نٿو سگهجي. هوءَ ويچاري پنهنجن ٽن ٻارن ۾ ئي پوري هئي. هي جو ڳوناٺو اڻ پڙهيل تيرهين ورهئين جو ڇوڪر اچي وچ ۾ پيو سو الاجي ڇا ٿيندو. خيال ڪيائين ته سندس پتيءَ هيتري دنيا ڏني، ته ٻه ڪين سڪيو.

وري تيرهين چوڏهين ورهئين جي ڇوڪر جهڙو دنيا ۾ ٻيو ڪو آزار ٻه ڪونه هوندو. نه هجيس سونهن، نه ڪنهن ڪم اچي سگهي. ننڍي ٻار وانگيان هن کي پيار ڪرڻ ٻه مشڪل. ويهي هن سان ڳالهيون ڪري وقت ڪاٽڻ ٻه محال. ويچارو ٻارن جيان ٻاتو ڳالهائي ته ڇئجي ته سکيو ئي ڪين، وڏن جيان ڳالهائي ته ڇئجي ته ڇوڪر ٻي

ادب آهي. بدن بہ وڏندڙ سو ڪپڙا هميشہ لنڊا ٿيو پونس. انهي ۾ بہ سندس ڏوهہ. آواز جو ميناج ۾ ٻاراڻي ڪوملتا اوچتو گم ٿيو وڃن انهن سيني ڳالهين جو ڏوهہ مٿس. ٻارن ۾ جوانن جا عيب ۽ گهٽتايون معاف ٿيو وڃن. پر هن عمر جا بلڪل سياويڪ ۾ خسيس ڏوهہ بہ معاف نہ ٿين. اهڙي صورتحال ۾ ڇوڪر ڪي بہ هن عجيب دنيا ۾ ڪا ٿانئيڪي جاءِ نظر نہ ايندي آهي ويچاري کي پاڻ کان ئي بچان پيئي ايندي آهي، ڇڻ تہ جنم وٺڻ جي معافي پيو گهري. انهيءَ عمر ۾ ڪو ٿوري محبت ۽ پيار ڪريس سهين. تہ هن جو ٻڌو ٻانهو ٿي بيهندو پر اهڙي همٿ ڪنهن کي ٿيندي. عام رواجي ماڻهو سمجهن تہ ائين پيار ڪرڻ سان ڇوڪر ڪري پوندا. سو اهڙي جوابداري ڪير سرتي کڻندو! مطلب تہ ٻار جي حالت نڌڻڪي ڪتي جهڙي ٿيو پوي. اهڙي وقت ويچاري جو هڪڙو ئي آسرو اهو ماءُ جو گهر. ٻئي ڪنهن جو گهر دوزخ جهڙو چؤطرف لعنت جيڏانهن پيير کڻي، اوڏانهن ڪنڊا.

هن عمر ۾ زال ذات کي ڇوڪر بهشت جي حُور ڪري سمجهڻ لڳندو آهي. انهي ڪري ناري ذات جي ڌڪار سهڻ هن ڪاڻ مشڪل. ماميس جي اکين ۾ حب جي اٿهوند ڏسي، ويچار ڪندو هو تہ ناحق ڇانس منهنجو ستارو ئي ڪو خراب آهي. مامي اتفاق ڪو ڪم چوندي هيس تہ خوشيءَ وچان ائين ڪم ۾ لڳي ويندو هو جو ضرورت کان وڌيڪ ڪري وجهندو هو. نيٺ مامي ورچي چوندي هيس: "گهڻو ٿيو گهڻو ٿيو. تون وڃي پنهنجو لک پڙهہ." هي ٻڌي هن جي خوشيءَ ۾ ڪوشش کي جڻ تہ ڌڪ لڳي ويندو هو. ماميءَ جو سندس پڙهڻ لکڻ لاءِ ايترو خيال هن کي نہ وڻندو هو هو انهي کي بي انصافي سمجهندو هو.

گهر ۾ جتي ڪٿي نفرت. وري اهڙي جاءِ بہ ڪانہ نهي، جتي راند ڪري وڃي. ويچارو پنهنجو من پريائي. چئن پتين وچ ۾ اچي ڦاٿو سو پنهنجو ڳوٺ ياد پوڻ لڳس. سبزيءَ پريا ساوا ميدان جن ۾ لغڙ اُڏائي پيچ لڙائيندو هو نديءَ جو ڪپ جنهن تي صبح کان شام تائين پنهنجا ٺاهيل بي سُرا راڳ ڳائيندو رلندو وتندو هو. مؤج ۾ ايندو هو تہ ڪپڙا ڦٽا ڪري ٽپ ڏيئي، نديءَ ۾ سناڻ ڪندو هو. ٻاراڻا ساٿي، راند

ڪيچلائي، آزادگي، اهي سڀ ياد پوڻ لڳس. سڀ ڪان وڌيڪ اها بيرحم ظالم ماءُ سندس بي وس هردي کي ڏينهن رات چڪڻ لڳي، جانورن جيان ابوجهه موهه- انهن جيان ماءُ کي ملڻ جي سِڪ پيدا ٿي. وڇوڙي جي وياڪلتا اهڙي، جهڙي شام جو ڳئونئن موٽڻ مهل گابن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. انهن وانگيان هي بہ ويچارو بي وس ٿي من ۾ "اما اما" ڪرڻ لڳو.

اسڪول ۾ جهڙس پڙهڻ جو ڪچو ۽ غافل ٻيو ڪو شاگرد ملڻ مشڪل. ماستر ڪو سوال پڇندو هوس تہ وات ڦاڙي ٻيٺو نهاريندو هو. مار ملندي هئس تہ ٻو جي گڏهہ جيان ماٺ ڪري پيو سهندو هو. ڇوڪرن کي راند جي ڇُوتي ٿيندي هئي تہ هي دريءَ وٽ ويهي گهرن جا ڪڏ ڏسندو هو. اتي اُس ۾ ڪنهن ڇوڪر يا ڇوڪريءَ کي رلندو ڪڏندو ڏسندو هو تہ دل پرجي ايندي هئس ۽ اچي روئڻ ۾ ڇٽڪندو هو.

هڪ ڏينهن دل جهلي، همٿ ٻڌي، مامي کان پڇيائين: "ماما، اما وٽ ڪڏهين موڪليندؤم؟" مامس جواب ڏنس: "دسهڙي ڏاري جڏهين اسڪول ۾ موڪل ٿيندي اچا مهنو ڏيڻ پيو آهي." هڪ ڏينهن پنهنجو ڪتاب وڃائي ڇڏيائين، اڳيئي پڙهڻ ۾ گهٽ. باقي وڃائي ڇڏيائين ڪتاب. سو ڏاڍو اچي ڏپ چڙهيس. ماستر بي رحم. هر روز ماريس، ڇوڪرن اڳيان ويچارو هميشہ لڄي. نيٺ اهڙي حالت ٿي، جو سندس ماروٽن کي سگ قبول ڪرڻ ۾ پيو شرم ايندو هو. بي عزتي ٿيندي هئس تہ هو زور ڪري ٻين کان بہ وڌيڪ خوشي ظاهر ڪندا هئا. وڌيڪ نہ سهي سگهيو. نيٺ گنگهار جيان ماميءَ کي چيائين: "ڪتاب ويو هلي." ماميس بيزار ٿي، چپ ٻاهر ڪڍي، چيس: "مان ڇا ڪريانءِ؟ توکي گهرجن مهني ۾ پنج ڪتاب. مون وٽ اهڙا مفت جا پئسا ڪونهن." چوهڙ ماٺ ڪري هليو ويو. پراوا پيسا وڃائي رهيو آهيان، اهو خيال ڪري ماءُ تي ٿورو غصو چڙهيس پنهنجي هيٺائي ۽ غريبيءَ تي لڄ اچڻ لڳيس.

انهي ڏينهن اسڪول کان موٽڻ مهل مٿي ۾ سور پيس بت سياتجڻ لڳس. سمجهيائين تہ تپ ٿو اچيم. سمجهيائين تہ هتي بيمار پوندس تہ

ماميءَ تي اجايو بوجو ٿيندو ۽ هوءَ سندس ڪرڪڻ ڪنجهڻ اجائي آفت ڪري ليکيندي. بيماريءَ ۾ ماءُ کان سواءِ بيو ڪير پڇي. اها ڳالهه هن ڪُند فهم ڳوٺاڻي ڇوڪري کي به سجهي آئي.

ٻئي ڏينهن سويل صبح جو چوهڙ گم. چوڌاري پاڙيسرين جي گهرن ۾ ڳولا ڪئي ويئي پر پتو ڪونه پيو. انهي رات جو ساوڻ به اچي چٽڪيو مينهن ۾ پتو پوڻ مشڪل. ڳوليندي گهڻي تڪليف ٿي. نيٺ لاچار ٿي دلپتراءِ پوليس کي خبر ڏني. ٻيو ڏينهن گذري ويو سانجهيءَ جو دلپتراءِ جي گهر وٽ هڪ گاڏي اچي بيٺي. مينهن اجا زور پئي پيو. رستن تي گوڏي جيترو پاڻي به سپاهي گاڏيءَ مان چوهڙ کي هنج کڻي دلپتراءِ وٽ وٺي آيا. ڪپڙا سڀ پِنا پيا هئس. سڄي بدن تي گپ. اکيون ڳاڙهيون. تپ 104 ڊگريون. بدن ۾ سياٽو. مامس هنج ۾ کڻي اندر وٺي ويس. ڏسندي ئي ماميءَ واڪو ڪري چيو: ”پنهنجا پار ٿورا. سو هاڻ هي نئون بوجو کڻي آيو آهي. ڏياري موڪلينس پنهنجي گهر. هت جاءِ ڪانهي.“ چوهڙ اهو ٻڌي اچي روئڻ ۾ چٽڪيو. ”مان ته اڳيئي اما وٽ ويس پئي. مون کي هرو ڀرو گهلي آيا آهن.“

تپ جو جوش وڌڻ لڳو خشڪي چڙهي ويس سڄي رات پئي ڦرڪيو. دلپتراءِ ڊاڪٽر کي سڏيو صبح جو اوچتو ٻار پنهنجيون اکيون کوليون. نظر چت ڏي پڇڻ لڳو: ”ماما موڪل ڪڏهين ٿيندي؟“ دلپتراءِ پنهنجيون اکيون اُگهيون. پاسي کان اچي وينس ۽ تتل مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳس. ٻالڪ وقلڻ لڳو: ”اما. مون کي نه مار سچ ٿو چوانءِ. منهنجو ڏوهه ڪونهي.“ ٻئي ڏينهن صبح جو ڪجهه هوش ۾ آيو. چوڌاري اکيون ڦيرائڻ لڳو جڻ ته ڪنهن کي ڳولهائين ٿي نيٺ نراس ٿي، پٽ ڏانهن پاسو ورائي، سمهي پيو. دلپتراءِ هن جي من جي مراد سمجهي، آهستي آهستي ڪن ۾ چيس: ”چوهڙ اما کي ماڻهو موڪليو اٿم.“ ٻيو ڏينهن به گذري ويو. ڊاڪٽر دلگير ٿي چيو ته ”حالت بلڪل نازڪ آهي.“ رات ٿي. بيمار جي ڪونيءَ ۾ جهڪو ڏيئو ٽم ٽم ڪري پيو ٻري. دلپتراءِ بيمار جي سيرانديءَ کان وينو آهي اکيون در ۾ ته اجها ٿي ماٽس اچي.

چوھڙ خلاصين وانگيان سُرُ ملائي ھوڪو ڏيڻ شروع ڪيو:
"ڏھين فوٽين ترو نہ ملي۔ ھو... ٻارھين فوٽين ترو نہ ملي۔ھو..."
ڪياماڙي بندر تي خلاصين کي ڏوري وجهي پاڻي ماپيندو ڏنو ھئائين انھن وانگيان پاڻ بہ جڙ پاڻي پيو ماپي. دردناڪ آواز ۾ خبر پيو ڏئي تہ ترو مليو ئي ڪين پلا جنھن اٿاھہ سير تي مسافري شروع ڪئي ھئائين، تنھن جو ترو ٻار کي ڪٿان ٿو لڀي!

انھي وقت در کليو ماڻس وا چوڙي وانگيان ڏوڪيندي اندر گھڙي. گھڙندي شرط واڪا ڪري رئڻ لڳي. دلپتراءِ جيئن تيئن پيڻ کي سانت ۾ آندو، ماءُ ٻار کي گود ۾ وھاري سڏ ڪرڻ لڳي: "چوھڙ منھنجي من جا ماڻڪ!"

چوھڙ ھميشہ وانگيان جواب ڏنو: "جي امان." ماڻس وري سڏ ڪيو: "چوھڙ منھنجي ھنئين جا ھار!" چوھڙ آھستي آھستي پاسو ورائي ڪنھن ڏانھن بہ نھارڻ کانسواءِ چيو: "امان، ھاڻ موڪل ملي آھي، ھاڻ گھر ٿو وڃان."

# ڪڪو ديوان

پيسو پهرين نوڪريءَ ۾ گهڙيو تڏهين 12 ورهين جو هو وار ڊگها اکيون وڏيون، رنگ سانورو ۽ منهن پريل هوس. واٽڪو ٻارهو سندس ڏٽي خدابادي عامل. ديوان کي ٻارهين مهني جو ٻار هو. تنهن کي کيڏائڻ کوڏائڻ جو ڪم پيسوءَ تي رکيل هو.

ٻار رفتہ رفتہ پيسوءَ جي هنج چڙهي، اسڪول ۾ وڃڻ لڳو. اسڪول مان ڪاليج ۽ ڪاليج پاس ڪري جج ٿيو. پيسو اڃا نوڪر هو پر هن وقت سندس هڪ ڏٽي وڏيو گهر ڏياٽي گهر آئي. ديوان نارائڻ داس تي جو پيسوءَ جو جهونو حق هو تنهن جو گهٽو ياڱو پاڻ ڏانهن کينچي ورتائين. پر انهي ڪس جي ڪسر پيسو کي پهچي ويئي. ٿورا ڏينهن ٿيندا، جو ديوان صاحب کي پٽڙو مليو. نوڪر پنهنجي چترائيءَ سان ٻار جي من ۾ داخل ڪيو. هن کي سڄو ڏينهن پيو نچائيندو ٿپائيندو هو. ڪڏهين هوا ۾ اُڇلائيندو هوس، وات وات ۾ ملائي ڪنڌ ڏوٽي ويچارا ڏيندو هوس، جواب جي اُميد نہ هوندي بہ اجايا سجايا سوال پيو پڇندو هوس. مطلب تہ هي سڀ ڪاروبار ائين پئي هليو جو اڃا ٻالڪ نوڪر کي ڏسندو ئي ڪين هو تہ ڊڪي وڃي چنبڙندو هوس.

ريڙهيون پائيندي ٻالڪ چائنٽ اورانگهڻ لڳو. ڪ ٽي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، تہ ٿهڪ ڏيئي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ لڪي وهندو هو. پيسوءَ کي هيءَ چالاڪي ۽ عقل ڏسي ڏاڍو عجب لڳندو هو. گهر ڏياٽيءَ وٽ وڃي ٻتاڪ هڻندو هو: اما، تنهنجو پٽ وڏي هوندي جج ٿيندءِ، پنج سوَ پگهار ملندس.

دنيا ۾ پيو ڪو هم عمر ٻار چائنٽ اورانگهيندو هوندو يا اهڙا چالاڪيءَ جا ڪم ڪندو هوندو، اها ڳالهہ پيسوءَ ويچاري کي ڪڏهين خواب خيال بہ ڪين آئي، اُلٽو اهو خيال تہ وڏي هوندي جج ٿيڻو آهي، انهي واسطي هيءَ سياٽپ ڪهڙي چيز آهي؟

تورن ڏينهن ۾ چوڪر پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو پوءِ ڊُڪون پائڻ لڳو. پيسوءَ کي انهي تي بہ پيو عجب لڳي. نيٺ آهستي آهستي ماءُ کي امي ۽ پڦيءَ کي دادي ڪري پڪارڻ لڳو. نوڪر جو نالو ڳولي ڪڍيائين "چنو." پيسوءَ کي هن جو ڳالهائڻ اهڙو عجيب ڳالهہ لڳي، جو آئي وئي کي پيو اها آکاڻي ٻڌائي، چي ماءُ کي چوي امي، پڦيءَ کي دادي، مون کي چوي "چنا." سچ پچ ٻالڪ کي اهو عقل ڪيئن آيو، انهي جو پتو پوڻ مشڪل آهي. اهڙي عجيب سمجهہ جي ڪٽي ڪو ٻالڪ ڏيکاري، تہ ڪهڙو عجب جي ماڻهو سمجهن تہ وڏي هوندي جج ٿيڻو آهي. ڪجهہ ٿوري وقت پڄاڻا پيسوءَ کي پنهنجي هوشياري ڏيکارڻي پيئي، وات ۾ نوڙي وجهي گهوڙو ٿيڻو پيس ٻالڪ سان ملهہ وڙهڻي پيس. ملهہ ۾ دسجڻ بہ ضروري هو.

هن وقت سڄاول پاسي سنڌو نديءَ جي ڪپ تي ديوان نارائڻ داس جي بدلي ٿي، ديوان پٽ لاءِ ڪراچيءَ مان گاڏي گهرائي. سٽين جا ڪپڙا زريءَ جي ٽوپي، هٿ ۾ منڊي پارائي، پيسوءَ روز ڪڪي کي گاڏيءَ ۾ گهمائڻ شروع ڪيو هو. ساوڻ جي موسم هئي پاڻي چڙهڻ سان بڪايل سنڌو ندي زمينون، باغ ۽ نيٺ ڳوٺ ڳيهڻ لڳي. ڪپ تي جيڪي وڻ هئا، سي پاڙون پٽجي نديءَ ساڻ وهڻ لڳا. ڪنارا ٽُٽي ڪِرڻ لڳا. ڪپ جي ڪِرڻ سان پاڻيءَ جي چوهہ چؤطرف گجگوڙ مچائي.

ٻن پهرن جو سمو آسمان ۾ ڪڪر پر مينهن پوڻ جو ڪو امڪان ٿورو هو. پيسو جو ننڍو ديوان هو خام خيالي؛ هن کي يلا اهڙي ڏينهن گهر ۾ آرام چو ٿو اچي وجي گاڏيءَ ۾ وينو. پيسو ويچارو گاڏي گهليندو گهليندو اچي نديءَ جي ڪپ تي بيٺو نڪا نديءَ تي بيڙي، نڪو ٻنين ۾ ماڻهو. رڳو سامهون وارياسي ميدان مٿان ڪڪرن ۾ سورج ديوتا جي موڪلائڻ جون پيڪيدار تياريون شروع ٿيون. چؤطرف سانت هئي. اهڙي وقت اوچتو ٻالڪ هڪ طرف اشارو ڪري چيو: "چنا، چنا، گل". هڪ پاسي گپ ۾ چمبيليءَ جي مٿانهين ناريءَ ۾ گل نظر آيا. اهي ڏسي، ٻالڪ جي دل ڪنئي، ٿورا ڏينهن ٿيا جو پيسوءَ هن کي انهن گلن جي گاڏي ناهي ڏني هئي. انهي گاڏيءَ کي نوڙي ٻڌي

گهلڻ ۾ ٻالڪ کي ايتري خوشي ٿي، جو انهي ڏينهن پيسوءَ کي لغام پائڻ کان ڇوٽي ملي، گهوڙي مان سئيس جو اضافو مليس.

گپ اورانگهي گل آٽڻ تي نوڪر جي مرضي ڪانہ هئي، سو ٻئي پاسي اشارو ڪري ٻار کي ريجهائڻ لڳو ڇي "او جهو ڪانءُ، اُڏامي ويو. آءُ پکيئڙا آءُ، اچي ککي سان راند ڪر." ائين ٻڪندو ٻڪندو تڪڙو تڪڙو گاڏي اڳتي گهليندو ويو. پر جو ٻالڪ وڏي هوندي جج ٿيڻو هو سو ڪيئن ٿو ڀنيلجي. چوطرف سواءِ خيالي پکين جي ٻي ڪا اهڙي شئي بہ ڪانہ هئي، جو هن جو خيال ٻئي پاسي وڃي پوي. ڪوڙي دلاسي تي بہ ڪيترو رکبس.

نيٺ ٻيو چارو نہ ڏسي، لاچار ٿي، پيسوءَ چيس: "چڱو ڀلا، تون گاڏيءَ ۾ ويهہ! مان گل پٽي ٿو اچان. خبردار! پاٽيءَ ڏي نہ وڃ." ائين چئي، ڏوتي ڪنجي گهڙيو گپ ۾.

پاٽيءَ ڏانهن وڃڻ جي جو نوڪر منع ڪئي هئس، تنهن ڪري ٻالڪ جو خيال گلن تان لهي وڃي پاٽيءَ ڏي پيو. ڏنائين تہ پاٽي ڪل ڪل ڇل ڪندو، پڇندو پيو وڃي، جڻ تہ لچائي ڪري، ڪنهن زبردست نوڪر کان پاڻ ڇڏائي، لکين ٻالڪن جو انبوهہ نچندو ٽپندو، منع ڪيل هنڌ ڊڪندو پيو وڃي. اهڙي عجب منظر ڪري ٻار جو من وڏيڪ چنچل ٿيڻ لڳو. آهستي گاڏي ڇڏي، پاٽيءَ ڏي سِريو. گاهہ جو ڪانو ڪپ تان چني، پاٽيءَ سان راند ڪرڻ لڳو. پاسي کان پاٽي ائين پئي وهيو، جڻ تہ سانول شاهہ پنهنجي هنج ۾ راند ڪرائڻ لاءِ ٻالڪ کي ازغيبي زبان ۾ پيو پڪاري.

اوچتو پاٽيءَ ۾ ڪجهہ ڪِرڻ جو آواز ٿيو. پر سانوٽي ڦوڪيل نديءَ جي گجگوڙ ۾ هي آواز ڪير ٻڌي. پيسو گل پٽي، ٻڪ ڀري، مشڪند و ڪشڪندو آيو گاڏيءَ وٽ اچي ڏسي تہ مار! گاڏي خالي. چؤطرف نظر ڦيرايائين ٻار جو پتو ڪونہ پيو. پلڪ ۾ نوڪر جو ساهہ سڪي ويو. اکين اڳيان اوندهہ سڏڪا ڀري، سڏ ڪرڻ لڳو: "ککا، ککا ديوان، ڪيڏانهن وئين؟" پر جواب ڪونہ مليو. ڪير جو "چنا" پڪاري، جواب ڏئي. ڪير جو ٿهڪ ڏيئي، پاڻ پڌرو ڪري، رڳو نديءَ جو هل هلاچو هميشہ وانگر پئي هليو.

ڇڻ تہ اصل خبر ڪانھيس، ڇڻ تہ دنيا جي ادنيٰ قصن تي ڌيان ڏيڻ جي فرصت ئي ڪانھيس.

شام ٻوڙندي آئي، ماتا ڪي اونو ٿيو چؤطرف ماڻھو ڊوڙايائين، سي شمعدان ڪٽي نديءَ تي پھتا. ڇا ڏسن تہ پيسو چرين وانگر پيو ٻڪي، ۽ "ڪڪا، ڪڪا ديوان." ڪريو پيو پڪاري. گھلي آيس گھر مائيءَ جي پيرن تي ڪري پيو. گھڻو ئي پڇيائونس، پر رڳو ڳوڙھا ڳاڙيندي اھو جواب ڏنائين تہ "مون کي ڪاٻہ خبر ڪانھي."

سيني سمجھيو تہ ھي وٺل نديءَ واھيو. پنھنجو ٻڪ ھميشہ وانگيان سانول شاھہ ورتو. نزديڪ ميدان ۾ ڪجھہ ڏينھن کان بازيگرن جي ٽولي اچي لٿي ھئي ھن وقت ڪوچ ڪري ويئي ھلي. مائيءَ کي گمان تہ پيسوءَ منھنجو موھن انھن کي وڪڻي ڇڏيو ٿو ڏسجي، اڪيلو گھرائي نيزاري ڪري چيائينس: "ڏاھو ٿيءُ، ڪڪو موٽائي آڻي ڏي، جيڪي گھرجيئي، سو ڏيان." پيسو ويچارو مٿو پٽي روئڻ لڳو. پر مائيءَ جو شڪ دور نہ ٿيو. نوڪر کي نوڪريءَ کان جواب مليو. ديوان پنھنجي ڌرم پتنيءَ جي دل تان اجايو وھم دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، چيائينس تہ "پيسو عمر جو نوڪر، تنھن کان اھڙو نيچ ڪم ڪيئن ٿيندو؟" جواب مليس: "ڇو نہ؟ ڪڪي کي جو سوني منڊي پيئي ھئي."

پيسو موٽي ڳوٺ آيو ھيلتائين ڪو ٻار ٻچو ڪونہ ٿيو ھوس، نڪا ھن کان پوءِ ٿيڻ جي اميد ئي ھيس. پر ناتال پوري ٿيندي ئي جوڙس ويم ڪيو ڪڪو ڄائو. ويم ۾ ماءُ ويچاري دنيا فانيءَ مان لاڏاڻو ڪري ويئي.

ٻالڪ کي ڏسي، پيسوءَ جي من ۾ ڌڪار پيدا ٿي. بيوقوف سمجھيو تہ ھي ٻالڪ منھنجي ھردي ۾ ڪڪي ديوان جي جاءِ وٺڻ آيو آھي. خيال پيس تہ ڌٽيءَ جو سڪيلڌو پٽ بيپرواھي ڪري ٻوڙي، پنھنجي پٽ سان آنند ۾ رھڻ پاپ آھي. پيسوءَ جي طلاقيل پيڻ ٻار کي نپائڻ لڳي جو ھوءَ پر گھور نہ لھيس ھا، تہ ٻالڪ بہ ماءُ جي پنيان ئي روانو ٿئي ھا.

ٻالڪ اڄ ننڍو سپاٽي وڏو ٿورن ڏينهن ۾ چائنٽ اورانگهڻ لڳو ۽ ڪڪي ديوان وانگيان عجيب چالاڪيءَ جا ارڪان ڏيکارڻ لڳو. هن جو آواز کلڻ ۽ روئڻ بہ ديوان نارائڻ داس جي پٽ جهڙو. ڪڏهين ڪڏهين ويچارو پيسو هن جو روئڻ ٻڌي، ڊڄي ويندو هو. پائيندو هو تہ ڪڪو ديوان کيس نہ ڏسي، ڪٿي نہ ڪٿي وينو روئي.

پيسوءَ جي پيڻ چوڪر جو نالو رکيو هيرو. ٿورن ڏينهن ۾ پڪيءَ کي "دادي" چوڻ لڳو. جهونو سڏ ٻڌي، هڪ ڏينهن پيسوءَ جي من ۾ هي ويچار پيدا ٿيو ٿيو تہ ڏسجي ٿو تہ ڪڪو منهنجي جادوءَ جي اثر مان ڇٽي ڪين سگهيو. پريم وس ٿي، منهنجي گهر جنم ورتو اٿس اهڙي انومان لاءِ انيڪ نشانيون هيون:

(1) ڪڪي مئي پڇاڻا هي ٻالڪ ٿورن ئي ڏينهن ۾ پيدا ٿيو.

(2) ههڙي وڏيءَ عمر ۾ سندس زال کي پٽ ڄائو سو رڳو سندن چڱن ڪمن جي ڪري ڪونہ هوندو.

(3) هي بہ ريڙهيون پائي سِرندو سِرندو پنڌ ڪري پڪيءَ کي سڏي "دادي".

يعني تہ وڏي هوندي جج ٿيڻ لاءِ جيڪي نشانيون گهرجن، انهن مان گهٽيون منجهس موجود آهن.

اهڙا خيال ڪندي، مائيءَ جو مٿس الزام رکيو هو، سو ياد پيس. عجب ۾ پئجي ويو ويچار ڪيائين تہ "ماءُ کي سچ پچ خبر پئجي ويئي تہ ٻار ڪنهن چورايو آهي." ڏاڍو ارمان ٿيڻ لڳس. ٻالڪ جي جو هيترا ڏينهن پرگهور ڪانہ لڌي هئائين، تنهن ڪري پشيمان ٿيو. پنهنجي هلت سڌاري، تن، من، ڌن سان هن کي پالڻ لڳو. ديوان ڊپٽيءَ جي پٽ جيان نپائڻ لڳس، سندس لاءِ سٽين جا ڪپڙا ۽ زريءَ جي ٽوپي تيار ڪرايائين، ۽ سرڳواسي زال جو ڪو مٽيو پيچائي منڊي بہ گهڙائي ڏنائينس. ڳوٺ جي ڇوڪرن سان راند ڪرڻ نہ ڏئيس، ڏينهن رات هيري کي "ديوان جو پٽ، ديوان جو پٽ" ڪري چيڙائڻ لڳا پاڙيسري پيسوءَ جي چريائيءَ جي هلت تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا.

پٽ پڙهڻ لائق ٿيو ئي ڪين تہ جاءِ دڪان وڪڻي، حيدرآباد مُڪائينس. پاڻ بہ وڃي اُتي ڪنهن ديوان وٽ نوڪر بيٺو. هيرو

ائڪيڊميءَ جي اسڪول ۾ وجڻ لڳو. تنَ کي تسا ڏيئي، پيسو پٽ کي ديوانن جي پٽن سان رهائڻ لڳو. دل ۾ چوندو هو ته هي ويچارو پريم وس ٿي، منهنجي گهر آيو آهي، تنهن کي تڪليف نہ ڏبي.

اهڙي طرح ٻارهن ورهيہ نبري ويا. ڇوڪر پڙهڻ لکڻ ۾ چالاڪ، شڪل جو سانورو، بدن جو پريل، منهن ۾ هڪ قسم جي مٺيا هئس. جوان کي سينڊ سرمي ۽ ڪپڙي لٽي جو گهڻو شوق، شڪل جو ٺورو موچارو، مطلب تہ عامل ڇوڪرن کان ذرو بہ گهٽ نہ ٿيو. پيءُ لاءِ ادب جهڙو ڇئجي اهڙو ڪونہ هوس. پيسوءَ جو پيار پيءُ جهڙو، پر هلت نوڪرن جهڙي. هيري بہ سنگتين کي ڪونہ ٻڌايو تہ ڪو پيسو پٽس آهي.

بورڊنگ جا ڇوڪرا پوڙهي جي هلت تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. پيءُ جي غير حاضري ۾ هيرو بہ ساڻن شامل. پير مرد جو سياءُ اهڙو سرل، جو ڪيتريون ئي ڪٺي ٺٺوليون ڪندا هئس، تہ بہ من ۾ پيار ۽ محبت هوندي هيس. هيري جي پيار ۾ بہ ڪمي ڪانہ هئي، پر پيءُ ڪري سمجهيس سو ڪونہ هو.

پيسو ويچارو هاڻ پوڙهو، مالڪ ڪم مان ڇُڪون ڪيڻ لڳس ڇا ڪري. هڪ پاسي بدن ضعيف ۽ ڪاڏو خوراڪ گهٽ، ٻئي پاسي ڪم، پر مالڪن کي انهي ڳالهہ جي ڪهڙي پرواهہ؟ هو تہ ڪم ونن مزوري ڏين، هيڏانهن هٿ جاءِ جا پئسا بہ ڪيي ڪاچي ويا، هوڏانهن ڇوڪر جو خرچ ڪپڙن ڪتابن نٽ نانگر ۾ وڃي وڌندو. خرچ پورو نہ ملي، هيري جي گهپي وڃي روز وڌندي.

هڪ ڏينهن اوچتو پيسوءَ نوڪري ڇڏي. هيري کي ڪجهہ پئسا ڏيئي، ڇپائينس تہ ٻوٽان تي ٿو اچان. حيدرآباد ڇڏي سکر پهتو سندس پراڻي ديوان جي بدلي اُتي ٿي هئي، ديوان کي ڪڪي ڪانپوءِ ڪو بہ اولاد ڪونہ ٿيو هو. مائي پٽ جي فڪر ۾ ڳري ويئي هئي ديوان شام جو ڪچهريءَ مان موٽي آيو آهي. آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو آهي. ٻاهر مائيءَ ڪنهن سنياسيءَ کان ڪا دوا ٻوٽي يا دعا پئي پني، تہ من ڪو اولاد ٿئيم. ايتري ۾ اڱڻ ۾ "رام رام سائين" جو آواز ٿيو. ديوان صاحب اُتي ڏسي تہ پيسو اوطاق جي در تي بيٺو آهي پراڻي ٻڌي نوڪر کي

ڏسي، هن جي دل ڀرجي آئي ۽ خبر چار پڇڻ لڳس. وري پاڻ وٽ رکڻ جي مرضي ڏيکارڻايائينس. پيسوءَ چيو تہ مون کي مائيءَ سان گڏجڻو آهي، ديوان هن کي پاڻ سان اندر وٺي ويو. مائيءَ ايترو قرب ڪونہ ڏيکاريس. پيسوءَ انهي جو ڪو خيال ڪونہ ڪيو هٿ جوڙيائينس: ”مائي، معاف ڪجانءِ ڪڪو تنهنجو مون چورايو. نڪو درياهہ نڪو بازيگرن جو انهي ۾ ڪو واسطو.“

ديوان حيرت ۾ پئجي ويو. ”هان“ ڪري اُٿيو ۽ پڇڻ لڳس تہ ”ڪڪو ڪٿي آهي؟“ نوڪر جواب ڏنس تہ ”مون وٽ آهي. پريهن وٺي ايندوسانس.“

آرتوار جو ڏينهن هو ڪچهري بند هئي. صبح کان جيجل ماءُ در ۾ اکيون پائي ويٺي تہ اجهو پيسو ڪڪي کي وٺيو ٿو اچي. سڄو ڏينهن انتظار ۾ نبريو شام جي وقت پيسو هيري کي وٺي اچي پهتو.

مائيءَ ڇوڪر کي ڏسي، ڪٺي هنج ۾ وهاريس. ڳراٽڙي پائي چمڻ لڳيس. گهڙيءَ پيئي کلي، تہ گهڙيءَ اکيون اُگهيو پيئي ڇوڪر ڏي نهاري، مطلب تہ لاڏ ڪوڏ ڪرڻ مان ڍاپيئي نہ.

ڇوڪر بہ ڏسڻ ۾ ناهوڪو: پوشاڪ ۾ ڇهرو عاملن جهڙو، منهن ۾ حياءُ ۽ نمرتا. ديوان جي بہ دل پيار سان ڀرجي آئي، تنهن هوندي بہ پاڻ جهلي پيسوءَ کان پڇيائين: ”ڪا ثابتي اٿيئي، تہ هي اسان جو ڪڪو آهي؟“ پيسوءَ چيو: ”انهيءَ ڳالهہ لاءِ وري ثابتي ڪهڙي؟ خبر هڪڙي مونکي، ٻي پرميشور کي.“

ديوان بہ ڏٺو تہ جنهن صورت ۾ ڇوڪر کي ڏسڻ شرط ماءُ جي دل پريم سان اهڙي ڀرجي آئي، جو گلي سان ڪٺي لڳايائينس، تنهن صورت ۾ ثابتيون ڳولڻ اجايون آهن. تنهن کانسواءِ هي ڳوٺاڻو ههڙو جوان آڻيندو ڪٿان؟ ٻيو تہ نڳڻ مان ٻڍي کي ڇا هٿ حاصل؟ هيري سان ڳالهين ڪندي خبر پيس تہ ڇوڪر ننڍي هوندي کان وٺي پيسوءَ وٽ رهندو هو ۽ پنهنجو پيءُ ڪري سمجهندو هوس، پر پيسوءَ جي هلت پيءُ جهڙي نہ هوندي هئي، بلڪ نوڪر جهڙي هوندي هئي، دل جو شڪ دؤر ڪري، ديوان صاحب پيسوءَ کي چيو: ”هينئر تنهنجو هن گهر ۾ رهڻ محال آهي.“ گهگهي آواز ۾ نوڪر ويچاري وينتي

ڪئي: ”سائين، پيريءَ ۾ ڪاڏي ويندس؟ مون کي ڪير سجاڻي؟“ مائي ويچاري خوشيءَ ۾ نہ پئي ڊاپي، تنهن پٽيءَ کي چيو: ”پلي رهي منهنجي ڪکي کي ڀڳوان وڏي عمر ڏئي! مون معاف ڪيو مانس.“

پر ديوان هو جج، تنهن کي اها ڳالهہ دل سان ڪيئن لڳي! چوڻ لڳو: ”ڏوهہ جي سزا ضرور ملڻ گهرجي.“

پيسو ويچارو ديوان صاحب جي پيرن تي ڪِري چوڻ لڳو: ”سائين، ڏوهہ منهنجو ڪونهي، سڀ پرم ايشور جي ڪرٽي آهي.“

پنهنجو گناهہ ڀڳوان تي مڙهيندو ڏسي، ديوان کي زياده غصو چڙهيو، چوڻ لڳو تہ ”جنهن ههڙو ويساهہ گهاتيءَ جو ڪم ڪيو، تنهن تي وري اعتبار ڪهڙو؟“ نوڪر هن جا پير جهلي چوڻ لڳو: ”سائين، ويساهہ گهاتي مان نہ، پر منهنجو نصيب.“

پر انگريزي پڙهيل ديوان نصيب جي ڳالهہ مان ڇا ڄاڻن! ڀلا نصيب بہ ڪڏهين جوابدار ٿي سگهندو!

هيري ڏنو تہ مان جج جو پٽ. سمجهيائين تہ پيسوءَ هيترا ڏينهن مون کي چوري ڪري، پاڻ وٽ رکي، منهنجي بي عزتي ڪئي آهي، سو توري ڪاوڙ لڳيس، پر تڏهين بہ رحمدلي ڏيکارڻ لڳو. پيءُ کي چيائين: ”بابا هن کي معاف ڪريو گهر ۾ پلي ڪٽي نہ رکوس، پر مهيني مهيني ڪجهہ موڪليندا ڪريوس.“

بس، پٽ جي واتان هي ٻڌي، پوڙهي جوان ڏانهن نظر ڪئي. انهي هڪ نگاهہ ۾ ڪهڙا نہ خيال ڀريل هئا! سيني کي هٿ جوڙي روانو ٿيو ۽ انسانن جي انبوهہ ۾ گڏجي سڏجي ويو.

مهيني ڪانپوءِ ديوان سندس ائڊريس تي مني آرڊر موڪليو پر پيسا موٽي آيا، پيسوءَ جو پتو ڪونہ پيو!

# ماستر صاحب

(1)

اڌر مزمدار جي پيءُ منشي تي نوڪري شروع ڪئي، نيٺ وڏي عهدي کي پهتو. اڌربابوءَ جو گذران پيءُ جي ڪمائيءَ جي وياج تي ٿيندو هو. پورهيو ڪرڻ جو ضرور ڪونہ هوس پير مرد سفيد پٽڪو ٻڌي، پالڪيءَ ۾ چڙهي، آفيس ۾ ويندو هو. سياءَ جو سخي هو. اوڪيءَ سوڪيءَ نہ رڳو هن جا ذات ڀائي پر ٻيا بہ گهڻا سندس در تي سوالي ايندا هئا. غريبن کي مدد ڏيڻ ۾ پنهنجي عزت سمجهندو هو.

پيءُ جي موت بعد اڌربابوءَ وڏي جاءِ جوڙائي، ۽ گاڏيون موٽرون رکيائين، پر پنهنجي ذات ڀاين سان رستو ڪونہ هوس. وٽس ايندا هئا هڪڙا قرضين جا دلال ۽ ٻيا وڪيلن جا منشي. وياج جي اگهہ ۽ اسٽامپن جي قيمت جي گفتگو وٽس هلندي هئي. گهر جي خرچ جو انداز خبر پورو سورو. پاڙي ۾ نوجوان جي فوٽ بال جي ڪلب وارا اڌر بابوءَ کي مٿا هٽي بيٺا. جي ڪٽي هو پُري، هڪ پيسو بہ هن وٽان فنڊ ۾ نہ ملين.

هن وقت ڪٽنب ۾ هڪ ڀاتي وڌيو. "ٻار ڪونہ ٿيو" ڪندي ڪندي، گهڻين سالين هڪ پٽ ڄائو. ٻار جو مهانڊو ماءُ جهڙو: اکيون وڏيون، نڪ سنهو ۽ منهن موچارو جڻ تہ چوڏس جو چنڊ پيو چمڪي. اڌر بابوءَ جي منشيءَ رتيڪانت چيو تہ "چوڪر وڏي گهراڻي جو بلاشڪ لائق آهي" چوڪر جو نالو نڪتو گوپال. اڌر بابوءَ جي زال جو گهر خرچ لاءِ پتيءَ سان پڄڻ محال هوندو هو. بہ ٽي پيرا ڪن مٽين تي دل ٽيس، تڏهين گهوٽ کي ريجهائڻ لاءِ لوڪ لڄا جو ٻهانو ڪيائين. گهڻو وقت چِتا پيئي هلي. نيٺ مڙس جي ڪنجوسيءَ تي من ماري، هار مڃي، ڪٽي بس ڪيائين. پر پٽ ڄائي بعد ننيبالا سان پڄڻ مشڪل ٿيو. گوپال جي واسطي ڪڏهين منڊي گهرجي تہ ڪڏهين ٻانهن جي سوني واچ، ڪڏهن بوٽ تہ ڪڏهن ٽوپلو. ڪڏهن چائنا سلڪ تہ

ڪڏهن ايلپاڪو ڪڏهن ريشمي رومال تہ ڪڏهين عطر جون شيشيون. مطلب تہ ڪنهن مهل ڪنهن شي جي گهرج هوندي، پوءِ اُنهيءَ شي ملڻ ۾ دير تي نہ آهي تہ بادل اچي ويا نہ آهن. جي گجگوڙمان ڪم نہ نڪتو تہ اکين ۾ مانداڻ متو اوچنگارون آيون. مطلب تہ اجائي سجائي جو سوال ئي ڪونہ هو شي گهري ۽ آئي. پيسن جي تنگيءَ جو بهانو يا آئيندي جا انجام اصل ڪارگر نہ ٿيندا هئا.

(2)

گوپال اڄ ننڍو سياڻ وڏو. گهر ۾ جيئن پاڇي پيتي جو خرچ ٿيندو آهي، تيئن گوپال لاءِ روزمرهہ خرچ ڪرڻ اڌر لعل جو اپياس تي ويو. پٽ لاءِ چڱي پگهار تي گهڻين ڊگرين وارو هڪ پوڙهو ماستر مقرر ڪيائين. ماستر پراڻي زماني جو. ڇوڪرن تي سختي ڪرڻ پنهنجو ڌرم سمجهندو هو. گوپال کي سڪيلڊو ڏسي، هن سان محبت ۽ نهٺائي سان هلڻ لڳو. پر هن جي محبت ۽ نوڙت جيڪا وٽندڙ نہ هئي، سا گوپال کي ڳري لڳي. انهي سُڪيءَ محبت سان گوپال جو پريم ڪينچي نہ سگهيو. زال مڙس کي چوڻ لڳي: ”ماستر ڪهڙو رکيو اٿو؟ ڏسندي ڇوڪر کي ڏڪٽي وٺيو وڃي، اهڙو پڙهڻ ئي گهوريو.“ خير، ماستر برطرف ڪيو ويو. ٻئي ڳولڻ جون تياريون ٿيون. آڳاٽي زماني ۾ جيئن راجڪماريون چونڊ ڪري ور ڳوليندو هيون، تيئن ننيبالا جو نينگر بہ پنهنجو ماستر چونڊڻ وينو. هن جي دل کي جو قبول نہ پيوتنهنجا سڀ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊگريون اجايون.

هڪ ڏينهن هڪ جوان هرلعل نالي اُميدوار آيو. بدن تي ڪپڙا ميرا، پيرن ۾ چنل ڪپڙي جو سليپر. سندس ماءُ پاڙي ۾ اُٽي ويٺي ڪري هن کي پاڙهيو. ستون درجو پاس ڪري هر لعل هاڻ ڪاليج پڙهڻ جي ارادي سان ڪلڪتي ۾ آيل آهي. ويچاري جي بک ۾ ٻُوٽي اهڙي سڪي ويئي آهي جهڙو ڏکڻ هندستان. ۽ مٿو وڏو سو هماليہ جي پربت جيان پئي لڳو. بکاپل منهن ۾ اکيون ائين پئي چلڪيون، جيئن بيابان جي واريءَ ۾ ٻن پهرن جو سج.

دربان پڇيس: "ڪهڙو ڪم اٿئي؟" ڊڄندي ڊڄندي هرلعل چيو: "بابو صاحب سان ملاقات ڪرڻي اٿم." دربان چيو: "ملاقات نہ ٿي سگهندي." انهي ڳالهہ جو ڪهڙو جواب ڏجي، انهيءَ تپيءَ ۾ هرلعل هو. ايتري ۾ ستين ورهئين جو گوپال باغ مان راند پوري ڪري لڏندو لمندو دروازي وٽ پهتو. هرلعل کي ويچار ۾ ڏسي دروان واڪو ڪري چيو: "بابو چلا جائو". گوپال کي ٻڌندي اوچتو ئو ضد چڙهيو وڃي، تنهن چيو "نهي جائيگا". ائين چوندي هر لعل کي هٿ کان وٺي، مٿي ڪٺهڙي تي پيءُ وٽ وٺي ويس. بابوءَ اوڏي مهل ننڊ پوري ڪري، نيٽ جي موڙي تي پئي پنڪيون ڪاڏيون. سندس منشيءَ رتيڪانت هڪ صندل تي پلٿي ماري، آهستي آهستي ويٺي چلم ڇڪي. هر لعل جو نصيب زوردار هو. انهي ڏينهن ماستري لاءِ بحال ڪيو ويو.

منشيءَ پڇيو: "ڪيستائين پڙهيل آهيو؟" نماڻائي سان جواب مليس: "ستون درجو پاس ڪيو اٿم." رتيڪانت گهنڊ پائي چيو تہ "بس! ستون درجو؟ مون سمجهيو تہ ڪاليج پاس ڪيو هوندو. عمر ۾ بہ تہ گهٽ ڪونہ ٿا ڏسجو." هرلعل ويچارو ماٺ ۾. تابعدارن ۽ تابعداريءَ جي اُميدوارن کي هلاڪ ۽ بي آبرو ڪرڻ ۾ رتيڪانت جو روح راضي ٿيندو هو. رتيڪانت ننڍي بابوءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ چوڻ لڳو: "ايم. اي. بي. اي موٽي ويا، هاڻ اسان جو سون جهڙو پٽ ستين درجي پاس ڪيل وٽ پڙهندو!" پر ٻالڪ منهن بہ ڪونہ ڏنس، اُٿلندو چيائينس: "نڪر هٽان." گوپال جي هن خوشامدڙئي سان پوندي ئي ڪانہ هئي. هن جي ٻاراڻي سياءَ کي ڏيکاءَ وارو پريم رُکو لڳندو هو. پر منشي هن جي ڌڪار بہ ٻاراڻي پيار جي نشاني سمجهي، انهي مان خوشي پرائيندو هو ۽ هميشہ هن کي "سونو ٻار، جڙتي ٻار" وغيره چئي، چيڙائي ڇتو ڪري ڇڏيندو هو.

هرلعل ويچارو اچي ڦاٿو. اهوئي پئي خيال ڪيائين تہ ڪٿي وڃهہ مليم تہ شڪست قبول ڪري موٽ ڪان. پر اهڙو ڪو وجهہ مليس انهيءَ ڪان اڳ اڌرلعل کي خيال اچي ويو تہ ڏوڪڙ ٽورو وٺندو ۽ ڪم تپي ايندو. اهو خيال ڪندي ئي فيصل ٿي ويو تہ هرلعل کي گهر ۾ رهائجي ۽ ڪاڌو پيتو ۽ پنج رپيا پگهار ڏجيس. دل

۾ اهوئي خيال تہ گھر ۾ رهائڻ جو بدلو مڙيوئي ڪنهن نہ ڪنهن نموني اچي پهچندو.

نئين ماستر اڳئين کان وڏيڪ ٽڪاءُ ڪاڏو. شروع کان ئي گوپال ۽ هرلعل جو سڳن ڀائرن جهڙو گهرو رستو ٿي ويو. هرلعل کي ڪلڪتي ۾ ڪو مٽ مائٽ، يار دوستار ڪونہ هو. تنهن ڪري ننڍيو شاگرد سندس دل تي قبضو ڪري ويو. اڳي ڪڏهن ڪنهن سان اهڙي محبت جو موقعو ڪونہ مليو هوس. ننڍي هوندي کان ئي اهو خيال هوس تہ پنهنجي ترقي ڪيئن ڪجي. جتان ڪٿان ڪتاب ڪٺا ڪري، رات ڏينهن پڙهڻ ۾ مشغول. ماٽس کي ٻين جي محتاجي ڪڏهن پوندي هئي. انهي حالت ۾ هن جو ننڍپڻ ڏپ ۾ گذريو. بي پرواهي ڇا ٿيندي آهي، تنهن جو مزو ڪڏهن ڪونہ چکيائين. ٻين ٻارن وانگر ٻاڻ وساري، راند روند ۾ محو ٿي وڃڻ جو موقعو ڪونہ مليس. سندس ساٿي هئا ڀڳل سليٽ ۽ ڇنل ڪتاب. دنيا ۾ جنم وٺي ننڍي هوندي کان ئي جنهن ٻار کي نيازءِ نماٽائي سان هلڻو پوي، ماءُ جي حالت جو ڏيان ڏري سنيالي پير ڪٽڻو پوي، روئڻ جو موقعو پابوه ۾ پرجي واڪي ڪرڻ جو وجهہ نہ مليس، جنهن ٻار کي سڄي پنهنجي طاقت جا پوري ريت راند روند، گوڙ شور جهڳڙي فساد ۽ ڏاهہ ڏوهہ ۾ ويندي آهي. ٻاڻ کي انهن ڳالهين کان روڪڻ ۾ وڃي، انهي جهڙو اياڳو پريم جو ٻکيو ۽ رحم کان سڪايل هن دنيا ۾ ڪير هوندو؟ تنهن ڪري هرلعل ننڍي کان ئي ماٺهن جي صحبت ۽ محبت کان پري رهي، پنهنجو وقت اڪيلائيءَ ۾ گذاريندو هو. اها خبر بہ ڪانہ هئس تہ سندس اندر ڳجهو ڪو پريم جو چُشمو پريو پيو آهي. اڳي هن جي سڄي ڪوشش پنهنجي ترقي ۽ واڌاري ڏانهن جهڪيل هئي، پر هاڻ گوپال کي پاڙهڻ، راند ڪرائڻ ۽ بيماريءَ ۾ هن جي خذمت ڪرڻ، پنهنجي پلائي کان بہ وڌيڪ چڱو ڪم سمجهڻ لڳو.

گوپال کي هرلعل پرميشور ڏياريو. گھر ۾ هو اڪيلو هڪ ٽن ورهين جي ۽ ٻي انهي کان ننڍي اهڙيون بہ ڀينر هيس سهين، پر هو هنن کي ٻاڻ سان راند ڪرائڻ جو لائق ڇو ٿو سمجهي؟ هم عمر ڇوڪرن جي پاڙي ۾ ڪمي ڪانہ هئي، پر اڏرلعل ٿيو وڏ گهراٽو سو گوپال سان

راند روند ڪرائڻ لاءِ اهڙو ڪو بيو خانداني چوڪر پاڙي ۾ ڪٿان اچي؟ هرلعل کان سواءِ گوپال کي بيو ساٿي ڪونہ مليو. اڳي گوپال جي ڪيچل ڏهن ڄڻن ۾ وراهيل هئڻ ڪري سهڻ جهڙي هئي. هاڻ اها سڀ هرلعل جي اڪيلي سرتي اچي پيئي. ڏينهون ڏينهن ٻالڪ جو ظلم سهندي سهندي هرلعل جو پيار وڌندو ۽ پڪو ٿيندو ويو. رتيڪانت چوڻ لڳو تہ "ماستر اسان جي سوني ٻار کي ڪاري ٻُهر ڪري ڇڏيو آهي." اڏرلعل کي بہ ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو هو تہ ماستر ۽ شاگرد جو ناتو بي واجب وڌندو ٿو وڃي پر مجال ڪنهن جي، جو گوپال جي ڳالهہ ۾ دست اندازي ڪري!

گوپال يارهين ورهين جو ٿيو. هرلعل اِنٽر پاس ڪري، اسڪالرشپ حاصل ڪري، ٿئين سال ۾ پڙهڻ لڳو. ڪاليج ۾ ڪجهہ دوست ڪيائين سهين، پر تڏهن بہ يارهين ورهين جو گوپال سيني سنگتين جو سرتاج هوس. ڪاليج مان موٽنديئي گوپال کي وٺي، ڪڏهن گول رگهي تہ ڪڏهن ايڊن گارڊن ۾ سير ڪرڻ نڪرندو هو. هن کي گريس جي تواريخ مان ۽ اسڪاٽ ۽ وڪٽر هيوگو جي قصن مان آکاڻيون ٻڌائيندو هو. وڏي واڪي سان انگريزي بيت پڙهي، ترجمو ڪري، هن کي سمجهائيندو هو. شيڪسپيئر جي جولس سيزر ناٽڪ جي معنيٰ ٻڌائي، انتنيءَ جو ليڪچر هن کان برزبان ياد ڪرايائين. هي ننڍو ٻالڪ هر لعل جي هردي کي جاڳائڻ لاءِ جڻ تہ سون جي ڪاٺي هو. اڪيلو جڏهن پڙهندو هو. تڏهن انگريزي تواريخ مان بہ پورو مزو ڪونہ ايندو هوس. اڄ ڪلهہ تہ ڇا تواريخ، ڇا سائنس، ڇا شعر، جيڪي پڙهي انهي مان مزو. جيڪي ڪتابن مان پرائي، انهي جو حصو گوپال کي نہ چکائي تہ آرام ئي نہ اچيس نہ رڳو ايترو پر گوپال کي پڻ پڙهڻ جو چاهہ ٿئي، انهيءَ ڪوشش ۾ هو پاڻ بہ جيڪي پڙهيو هو. انهي جو مطلب چڱيءَ طرح سان سمجهڻ لڳو ۽ پڙهڻ ۾ خوشي بہ وڌيڪ ٿيندي هئس.

گوپال اسڪول مان موٽڻ شرط جهڙو تهڙو تڪڙو گرهہ ڳرڪائي ڀڄو هرلعل وٽ. ماءُ ويچاري منٿون ڪريس، لالچون ڏيکاريس پر هو هٺ چو ٿو اچي پلا اهڙي حالت ماءُ کان ڪٿان سٺي ٿئي. ڳالهہ

سمجهيائين تہ پنهنجي نوڪري قائم رکڻ لاءِ ماستر چوڪر کي پنهنجي چنبي ۾ رکيو ويٺو آهي. هڪ ڏينهن هرلعل کي ڪوٺائي چيائين: "توهين ماستر آهيو." توهان جو ڪم آهي چوڪر کي ڪلاڪ صبح ۽ ڪلاڪ سانجهيءَ پاڙهڻ. رات ڏينهن هن جي پٺيان لڳي رهڻ جو ضرور ڪونهي. هيءَ ڪهڙي سکيا آهي. جو چوڪر پيءُ ماءُ کي بہ ڪين ليکي؟ اڳي ماءُ جو نالو ٻڌندي ئي پيو نچندو هو. هاڻ سڏ ڪرڻ سان بہ ڪونہ ٿو اچي. گوپال ٿيو وڏ گهراڻو چوڪر. تنهن سان ايتري لڙهہ وچڙ واجبي نہ آهي؟"

ڪجهہ ڏينهن اڳي منشي صاحب اڌر بابوءَ سان ڳالهيون ڪندي ڪندي چوڻ لڳو تہ "ڏٺو ويو آهي تہ اڪثر وڏن ماڻهن وٽ نوڪري ڪندي ڪن ماسترن ايتري قدر چوڪرن کي پنهنجي هٿ وس رکيو آهي. جو مالڪ ٿيڻ بعد بہ ماستر جي قبضي ۾ رهيا آهن." ڳالهہ هرلعل ڏانهن اشارو ڪري ڪيائين. صبر ڪري سور پي ويو پر اڄ گوپال ماءُ جا لفظ ٻڌي. هن جي ڇاتي جڻ تہ ڇڄي پيئي. صاف سمجهيائين تہ وڏي ماڻهوءَ وٽ ماستري ڪرڻ جي معنيٰ ڇا ٿيندي آهي. ٻار جي ڪير لاءِ جيئن ڳئون رکي ويندي آهي، تيئن پاڙهڻ لاءِ ماستر. شاگرد سان دوستي ۽ محبت جو ناتو ڳنڍڻ اهڙي تہ گستاخي هئي، جو گهر ڏياڻيءَ کان وٺي گهر جي نوڪر تائين نٿي سٺي ويئي. پئي سمجهيائون تہ خود مطلبي ماستر ڄار ڦهلائي آهي.

هرلعل گهگهي آواز ۾ جواب ڏنو تہ "مائي. اڄ کان مان گوپال کي فقط پاڙهيندس، هن سان ٻيو ڪو ناتو ڪونہ رکندس."

انهيءَ ڏينهن شام جو گوپال سان راند ڪرڻ جي وقت هرلعل ڪاليج مان موٽيو ئي ڪونہ. رستي تي ڦيريون پائي. جيئن تيئن ڪري، اهو وقت ڪاٽيائين. شام جو چوڪر کي پاڙهڻ آيو گوپال جو منهن گهنڊيل ڏسي بہ پنهنجي غير حاضريءَ جو سبب ڪونہ ڏنائين. ماٺ ڪري پاڙهڻ لڳس پر اهڙي پڙهڻ ۾ ڪو مزو ڪونہ آيو. هرلعل روز پوئين صبح جو اُٿي پنهنجو ابياس ڪندو هو گوپال اُٿندي شرط هٿ منهن ڌوئي هن وٽ ڊڪي ويندو هو. باغ جي حوضن ۾ ڳاڙهيون مڇيون هيون، اُنهن کي ڦُلا کارائڻ هنن جو پهريون ڪم هوندو هو.

باغيچي جي هڪ ڪنڊ ۾ ننڍين رنگين پٿرن سان ننڍيا ننڍيا رستا ۽ ننڍيا ننڍيا دروازا ۽ انهن جي چوطرف ننڍو لوڙهو ناهي. درويشن جي آشرم جي لائق گوپال هڪ قلواڙي ناهي هئي انهي باغ تي مالهيءَ جو ڪوبہ حق ڪونہ هو. صبح جو انهي باغ ۾ ويهي، انهي باري ۾ گفتگو ڪرڻ هنن جو پيو ڪم هو. پوءِ جڏهن سج وڏندو هو تڏهن گهر موٽي گوپال هرلعل وٽ سبق پڙهندو هو. ڪالهہ سانجهيءَ جو هرلعل آڪاٽي ڪانہ بڏائي هئس، سو اج سويل اُتي گوپال ٻاهرڊڪي آيو. ٻانيائين تہ اج سويل اُٿڻ ۾ ماستر ڪان ضرور ڪتيو اٿم. ڏسي تہ ماستر ٺهيئي ڪونہ دربان ڪان پڇندي خبر پيس تہ ماستر ٻاهر نڪري ويو هو.

انهي ڏينهن بہ پڙهڻ مهل گوپال پنهنجي ننڍڙيءَ دل ۾ درد سانديو، منهن ۾ گهنڊ پائي ويهي رهيو. صبح جو هرلعل چو ٻاهر ويو سو پڇيائينس بہ ڪونہ. هرلعل بہ گوپال ڏانهن نهارڻ ڪان سواءِ ڪتاب ۾ اکيون کپائي پاڙهي ويس. منجهند جو گوپال جڏهن ماني کائڻ وينو تڏهن ماڻس چيو: ”ڪالهہ سانجهيءَ ڪان وٺي توکي ٿيو ڇا آهي؟ موڳو چو پيو لڳين؟ ڇا ٿيو اٿئي جو گرهہ نٿو ڳيسيئي؟“ گوپال ڪو جواب ڪونہ ڏنو. ڪاڏي بعد جڏهن ماڻس ڏاڍيءَ حب سان هٿ منهن مٿي تي گهمائي، ڳراٽڙي پائي، بار بار پڇڻ لڳيس. تڏهن ٻالڪ ٻاڻ جهلي ڪين سگهيو. اچي روئڻ ۾ پيو. چيائين ”ماستر...“ ماڻس چيو: ”ماستر ڇا؟“

گوپال چئي ڪين سگهيو تہ ماستر ڇا ڪيو آهي. زبان کي ڪهڙي طاقت، جو ماستر جو گناهہ ٻڏائي سگهي؟ ننيبالا چيو: ”ماستر شايد منهنجي نالي ڪا چغلي هنئي تي ٻانئجي؟“ گوپال انهيءَ ڳالهہ جو مطلب سمجهي ڪين سگهيو ۽ ٻاهر ويو هليو.

(4)

انهي عرصي ۾ اڌر ٻابوءَ جي گهر مان ڪي ڪپڙا لتا چورائجي ويا. پوليس کي اطلاع ڪيو ويو. جهاڙو وٺڻ مهل پوليس هرلعل جي پيتيءَ جي بہ تلاش ورتي. رتيڪانت بلڪل سياويڪ آواز سان چيو تہ ”جنهن چوري ڪئي هوندي، سو وري شي پيتيءَ ۾ رکي ڇڏيندو

چا؟“ خير سامان جو ڪو پتو ڪونہ پيو. هي نقصان صبر ڪري سهڻ اڏرلعل لاءِ مشڪل هو سو سڄي خلقت تي اچي ڏمريو. سندس منشيءَ چيو تہ ”گهر ۾ هيترا ماڻهو رهيا پيا آهن: ڪنهن کي ڏوهہ ڏئي ڪنهن کي ڏجي؟ جيئن تہ وڻين، تيئن پيا گهر ۾ اچ وڃ ڪن.“

اڏر بابوءَ هرلعل کي سڏائي چيو تہ ”ڏس هرلعل، توهان مان ڪنهن کي بہ گهر ۾ رهائڻ مون ڪان ڪونہ ٿي سگهندو. اڄ ڪان وٺي تون بئي هنڌ رهي، صبح سانجهيءَ گوپال کي پاڙهي وڃين تہ چڱو. چوين تہ پگهار بہ رپيا وڌائي ڏيانءِ.“ رتيڪانت چلم ڇڪيندي چيو: ”اها بلڪل صحيح ڳالهہ آهي. انهي ۾ ٻنهي ڌرين جو فائدو.“ هرلعل ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڏي ورتو. اوڏي مهل ڪجهي ڪين سگهيو. پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي اڏر بابوءَ ڏانهن چٺي لکي موڪليائين تہ گهڻن سببن ڪري مان گوپال کي ڪونہ پاڙهي سگهندس. اڄ ئي هتان روانو ٿيندس.“

گوپال اسڪول مان موٽي اچي ڏسي تہ ماستر جي ڪوٺي خالي پيئي آهي، سندس پڳل ٽٽل ٽين جي پيٽي بہ ڪانہ هئي. جنهن نوڙيءَ تي انگوڇو سڪائيندو هو اها بہ سڪٽي ٽنگي پيئي هئي. ميز تي ڪتاب ڪاپيون ڇڙوڇڙ پيا هوندا هئا، تن جي بدران هڪ وڏي شيشي جي برنيءَ ۾ سونيون مڇيون پئي چلڪيون. برني تي هڪ خط چنبڙيل هو ۽ ان تي ماستر صفا اکرن ۾ گوپال جو نالو لکي چڏيو هو. ميز تي هڪ نئون سهڻو جلد ٻڌل انگريزي تصويرن جو ڪتاب بہ هو، جنهن جي پهرئين صفحي تي گوپال جو نالو ۽ انهي ڏينهن جي تاريخ لکيل هئي. گوپال پيءُ وٽ ڊڪي ويو ۽ پڇيائينس: ”بابا، ماستر ڪٿي؟ ”پٽس ڀاڪر پائي چيس تہ ”ماستر ڪم ڇڏي ويو.“ گوپال پاڻ ڇڏائي، پر واري صفحي ۾ ڪٽ تي اونڌو ٿي پئجي رهيو ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن اٽڪل ساڍي ڏهين بجي هرلعل هڪ اوطاق ۾ صندل تي ٻي خيالو ويٺو هو ۽ پئي غوطا کاڌائين تہ ڪاليج ۾ وڃان يا نہ وڃان. ايتري ۾ اوچتو اتي اول اڏربابوءَ جو دربان ۽ پٺيان گوپال اندر گهڙيو جو ايندي شرط ماستر کي ڳچيءَ ۾ ڀاڪر پائي، چنبڙي پيو.

هرلعل جي نڙي گهٽجي ويئي. ڳالهائي ته متان اکين مان ڳوڙها ڳڙنس، انهي ڊپ کان هن اکر به ڪونه ڪڇيو. گوپال چيس: "ماستر صاحب، هلو اسان جي گهر."

گوپال گهر جي پوڙهي دربان کي چنبڙي پيو هو ته ڪيئن به ڪري مون کي ماستر وٽ وٺي هل، تنهن پاڙي جو جيڪو مزور هرلعل جو سامان کڻي ويو هو انهي کان پتو وٺي، هرلعل واري اوطاق ڳولي لڌي ۽ اج اسڪول ۾ ويڃڻ مهل گاڏي ڦيرائي گوپال کي اُتي وٺي آيو.

هرلعل نڪي گوپال جي گهر وڃي سگهيو ۽ نڪي نه وڃڻ جو سبب ٻڌائي سگهيو. گوپال جو هن کي پاڪر پائي چيو ته "هلو اسان جي گهر." سا ڳالهه ڪيترا ڏينهن ۽ ڪيتريون راتيون هن کي ياد رهجي ويئي ۽ جڏهن جڏهن اهو ويچار ايندو هوس، تڏهن ساهه ڇڻ ته گهٽجي ويندو هوس. پر اهڙو به وقت آيو جڏهن ٻنهي لاءِ اهو موقعو خواب جيان ٿي ويو. وڇوڙي جو درد هميشه لاءِ دل کي چنبڙي ڪين رهيو.

هن قصي کاپوءِ اڳي وانگر من لڳائي پڙهڻ هرلعل لاءِ مشڪل ٿي پيو. پڙهڻ وهندو هو ۽ ڪتاب تان اُهين ٺي اکيون گهمائي ڪتاب بند ڪري رستي تان چڪر هٽي ايندو هو. ڪاليج جي نوٽ بوڪ ۾ وچ ۾ ڪئين صفا خالي رهجي ويندا هئا ۽ بعضي نوٽ بوڪ تي اهڙا انگڙا هوندا هئا، جن جي پيٽ رڳو مصر جي قديم چٽساليءَ سان ڪري سگهجي.

هرلعل سمجهيو ته هي نشانيون چڱيون نه آهن. امتحان ۾ ڪٽي پاس ٿيان، ته به اسڪالرشپ ملڻ جي ڪا اُميد ڪانهي ۽ اسڪالرشپ کان سواءِ ڪلڪتي ۾ هڪ ڏينهن گذارڻ به مشڪل وري ماءُ کي به ڪجهه موڪلڻ ضروري هوس، اهي سڀ ڳالهيون ڳٽي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ نڪتو. نوڪري ملڻ مشڪل ۽ نه ملي ته وڏيڪ مشڪل سو نراس ٿي به آس ڪين ڇڏيائين.

هرلعل هڪ وڏي انگريز سوداگر جي آفيس ۾ اُميدوار ٿيو. وڏي صاحب جي نظر مٿس پيئي. صاحب کي اهڙو يقينو هو ته پاڻ شڪل مان ٺي ماڻهن کي پرکي سگهي. هرلعل سان به ٿي ڳالهيون ڪري دل ۾

فيصلو ڪيائين تہ ماڻهو لائق آهي. پڇيائينس تہ "ڪم جو آزمودو اٿيئي؟" هرلعل جواب ڏنو: "نہ". "ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي سفارش آڻي سگهندين؟" هرلعل چيس تہ "مان ڪنهن بہ وڏي ماڻهوءَ کي ڪونہ سڃاڻان." اهو ٻڌي صاحب وڏيڪ راضي ٿيو. چيائينس: "چڱو ڀلا. پنجويهہ رپيا في الحال ڏيانءِ ٿو. ڪم سکڻ بعد وڌائي ڏيندوسانءِ." پوءِ سندس لباس ڏانهن نهاري، چيائين تہ "هي پندرهن رپيا اڳواٽ اٿيئي. آفيس جا لائق ڪپڙا سبائي وٺ."

ڪپڙا تيار ٿيا ۽ هرلعل آفيس ۾ وڃڻ لڳو. وڏو صاحب هن کي ڍڳي وانگيان وهائڻ لڳو. ٻيا ڪلارڪ گهر ويندا هئا، تہ بہ هرلعل کي موڪل ڪانہ ملندي هئي. بعضي صاحب جي گهر وڃي بہ ڪم پورو ڪري ڏيڻو پوندو هوس. ائين ڪندي جهٽ ۾ ڪم سکي ورتائين. آفيس جا ٻيا ڪلارڪ هن کي منجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، مٿين عملدارن وٽ چغليون بہ هڻندا هئا، پر سانتيڪي سرل سڀاءَ واري هرلعل کي ڪو جوکو ڪين رسائي سگهيا.

جڏهن پگهار چاليهہ رپيا ٿيس، تڏهن هرلعل ديس مان ماءُ کي وٺي آيو. ننڍي جاءِ مسواڙ تي ورتائين. گهڻن ورهين جي ڪشالي بعد ماٽس سک جا ڏينهن ڏٺا. ماٽس چيو تہ "بابا، هاڻ تہ گهر ۾ ڪنئار آڻ گهرجي." هرلعل ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي چيو: "اما، اها ڳالهہ مون کي نہ چؤ" ماٽس جي ٻي بہ هڪ مراد هئي. هوءَ چوندي هئس تہ "تون جو ڏينهن رات پنهنجي شاگرد گوپال جون ڳالهيون ڪندو آهين، سو اُن جي هڪ ڏينهن ماني چونہ ٿو ڪرين؟ هن کي ڏسڻ تي دل اٿم." هرلعل جواب ڏنو: "اما، هن گهر ۾ هن کي وهاريان ڪٿي؟ ترس تہ ڪا وڏي جاءِ ڪريون، پوءِ ماني ڪندوسانس."

(6)

جيئن هرلعل جو پگهار وڌڻ لڳو، تيئن هو پنهنجي حالت سڌارڻ لڳو. ننڍي جاءِ ڇڏي وڏي ورتائين ۽ گهٽيءَ مان نڪري خلاصي پاڙي ۾ وينو. پر اڌرلعل جي گهر وڃڻ يا تہ گوپال کي پنهنجي گهر وٺي اچڻ، اها ڳالهہ دل سان ٺي ڪين لڳندي هئس. اهو حجاب شايد ڪڏهن بہ

ڪين لهيس ها، پر اوچتو گوپال جي ماءُ جي لاڏاڻي جي خبر پيس. اهو ٻڌي، هو يڪدم اڏرلعل جي گهر ويو.

ڳچ ڏينهن جي وڇوڙي بعد دوستن جو ميلاپ ٿيو. عذر جا ڏينهن نبري ويا، تہ بہ هرلعل جي اچ وڃ هلندي اچي. پر اڳيان ڏينهن ڪاڏي ويا؟ گوپال وڏو هو ۽ مڇون مروٽڻ لڳو هو. هلت چلت وڏائي سان پريل هئس. دوستن جي بہ ڪمي ڪانہ هئس فوني ۽ باجي تي ٿيئٽر جا راڳ وڄائي، اُنهن کي ريجهائيندو هو. پڙهڻ جي ڪوٺيءَ ۾ اڳين ڏينهن جي پٽڪل ڪرسيءَ ۽ مس جي داغن واريءَ ميز جو ڪو نشان ڪونہ هو. ڇا تصويرون، ڇا آرسيون، ڇا سامان، جڻ تہ جاءِ ئي ناز سان پرجي پيئي هئي. گوپال ڪاليج ۾ ويندو هو پر پاس ڪرڻ جو ڪو اونو ڪونہ هوس. پيءُ خيال ڪري ويٺو هو تہ بہ تي امتحان پاس ڪرائي، شاديءَ جي بزار ۾ پٽ جو اگهہ چاڙهي ڇڏيان. پر ڇوڪر جي ماءُ چوندي هئي تہ "منهنجو پٽ ڪو اهڙو جهڙو آهي ڇا؟ وڏائي هن ڏني ڪانهي ڇا، جو منهن مٿي ڪرڻ لاءِ هن کي امتحان پاس ڪرڻا پون؟ پڳوان ڪندو تہ ڪمپنيءَ جا دستاويز تجوڙيءَ ۾ سوگها رکيا هوندا." ڇوڪر بہ ماءُ جي اها ڳالهہ هينئين سان هنڊائي ڇڏي هئي.

هرلعل پليءَ پت سمجهيو تہ گوپال جي ليکي ۾ پاڻ آهيئي ڪونہ. هن کي بار بار اهو ڏينهن ياد اچڻ لڳو جڏهن گوپال اوچتو صبح جي مهل سندس اوطاق تي اچي ڪچيءَ ۾ پاڪر پائي چيو هوس تہ "ماستر صاحب، هلو اسان جي گهر." اڄ نہ اهو گوپال هو ۽ نڪا اها اوطاق ئي هئي. اڄ ماستر کي ڪير پڇي؟

هرلعل خيال ڪري ويٺو هو تہ گوپال کي ڪڏهن نہ ڪڏهن پنهنجي گهر گهرائيندس. پرچوڻ تي جيب ئي نٿي اُڪليس. هيڪر پانيائين تہ ڇئي ڏسانس، پر وري خيال پيس تہ "انهي مان ورندو ڇا؟ گوپال ڪٿي منهنجو چيو نہ بہ موٽائي پر نهيو." پر هرلعل جي ماءُ ڪين رهي. هوءَ بار بار چوڻ لڳيس تہ "مان پنهنجن هٿن سان رڌي ڪارائيندي‌سانس. ويچاري معصوم کي ماءُ ٽڏٽڪو ڪري ويئي آهي."

نيٺ هڪڙي ڏينهن هرلعل گوپال سان ڳالهہ چوري ۽ چيائينس تہ "اڏر بابوءَ کان موڪل وٺي اچان؟" گوپال چيو: "موڪل وٺڻ جو

ڪهڙو ضرور؟ مان ڪو اجا ڪڪو آهيان ڇا؟“ گوپال هرلعل جي گهر
ڪاڻ ويو. چوڏس جي چند جهڙي ڇوڪر کي ڏسي، مائيءَ جي دل رحم
سان ڀرجي ويئي؛ هن کي اکين سان آسيس ڪيائين ۽ گهٽي قرب سان
ماني کارايائينس. دل ۾ بار بار اهوئي خيال ته ههڙي ٻار کي ڇڏي وڃڻ
مهل ماءُ جي دل ۾ ڪهڙو نه وئل وهيو هوندو!

ماني کائي رهيو ئي ڪين ته گوپال چيو: ”ماستر صاحب، معاف
ڪندا، اڄ مون کي البت تڪڙ آهي، جو ڪي دوست اچڻا اٿم.“ ائين
چئي، صدريءَ جي کيسي مان سوني واچ ڪڍي، وقت ڏنائين، پوءِ جهٽ
پٽ ماستر ۽ ماٽس کان موڪلائي، وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺو. گاڏي سڄي
ٻاڙي کي ڏڪائيندي کن ساعت ۾ گم ٿي ويئي. مائيءَ هرلعل کي چيو
ته ”بچا، ڪڏهن ڪڏهن هن کي پيو وٺي اچجانءِ. هن وهيءَ ۾ ويچاري
کي ماءُ کان وڇڙيل ڏسي، منهنجي دل ئي لڙهيو وڃي.“ هرلعل ماٺ
ڪري ٻڌي ورتو. ماءُ کان وڇڙيل هن ڇوڪر کي اجهو ڏيڻ جو ڪو
ضرور ڪونه سمجهيائين. ٿڌو ساهه کڻي، دل ۾ چيائين ته ”بس، وري
ڪونه سڏيندوسانس. ڪنهن ڏينهن پنجين رپئين جي ماستري سا
ڪئي هئم، پر مان وري به خسيس هرلعل ئي آهيان.“

(7)

هڪ ڏينهن سانجهيءَ جو هرلعل آفيس مان موٽي اچي ڏسي ته
سندس اونداهي ڪوٺيءَ ۾ ڪو ماڻهو ويٺو آهي. اول ته انهي ڳالهه جي
ڪل ڪانه پيس ۽ سڌو مٿي چڙهڻ تي هو پر در وٽان لنگهندي ئي عطر
جي خوشبوءِ آيس. اندر پيهي پڇيائين: ”سائين، ڪير آهيو؟“ گوپال
جو آواز آيو ته ”ماستر صاحب، مان آهيان.“ هرلعل چيو ته ”اڙي، تون
ڪيڏي مهل آيو آهين؟“ گوپال جواب ڏنس ته ”مون کي آئي ڳچ وقت
ٿيو. مون کي اهڙي خبر ڪانه هئي ته ڪو توهين هيترو دير سان آفيس
مان موٽندا آهيو.“ هرلعل جي گهر ماني کائي ويو. تنهن کانپوءِ گوپال
وري هن گهر ۾ پير ڪونه پاتو هو. اڄ جو اوچتو هت اچي اونداهي
ڪوٺيءَ ۾ هرلعل لاءِ ترسي ويهي رهيو سو ڏسي هرلعل جي من ۾
انديشو پيدا ٿيو.

بتي ٻاري ٻئي ڄڻا متي وڃي ويٺا. هرلعل پڇيس: "آهي تہ خير؟ ٻڌاءِ ڪا نئين خبر چار." گوپال چيس تہ "پڙهڻ لکڻ تان منهنجي دل اصل ڪٽي ٿي پيئي آهي. سالن پنيان سال نبري ويا، اڃا سيڪنڊ ايئر ۾ پيو آهيان. مون کان عمر ۾ گهڻو ننڍا ڇوڪر تن سان گڏ پڙهڻ ۾ لڄ پيئي اچيم پر بابو اصل ٻڌي ئي نٿو." هرلعل پڇيس تہ "تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟" گوپال چيس تہ "منهنجي مرضي آهي تہ ولايت وڃان. مون سان گڏ پڙهندڙ ڪي ڇوڪر، جي پڙهڻ لکڻ ۾ مون کان پٺتي آهن، تن جو ولايت وڃڻ طئي ٿي ويو آهي."

هرلعل چيس تہ "اها ڳالهہ پيءُ سان ڪئي اٿئي"

گوپال چيو تہ "ها، ڪئي اٿم. پر بابو چوي ٿو تہ پاس ٿيڻ کان سواءِ ولايت وڃڻ جي ڳالهہ ٻڌندو بہ ڪين. پر منهنجي تہ دل ڪٽي ٿي پيئي آهي هتي رهي مان اصل پاس ڪونہ ٿي سگهندس."

هرلعل ماٺ ڪري سوچڻ لڳو. گوپال چيو تہ "اڄ بہ بابي سان ڳالهہ ڪيم، تنهن مون کي نہ ڇوڙ جهڙا اکر چئي ڪڍيا. سو مان گهر ڇڏي آيو آهيان، امان جيئري هجي ها تہ ڪڏهن بہ ڪين هيئن ٿي سگهي ها." ائين چوندي اڇي رئڻ ۾ ڇٽڪيو.

هرلعل چيس تہ "هل تہ مان توسان گڏجي پٺهين وٽ هلان. پوءِ صلاح مصلحت ڪري، جيئن مناسب هوندو تيئن فيصلو ڪبو."

گوپال چوي تہ "مان اتي ڪونہ هلندس." پيءُ سان رسي گوپال سندس گهر رهي، اها ڳالهہ هرلعل کي دل سان ڪين لڳي. پر هن کي ڪيئن چوي تہ مان توکي ڪونہ رهائي سگهندس. سو خيال ڪيائين تہ البت ٿڌو ٿئي تہ پوءِ سمجهائي، گهر پهچائي ايندو سانس. پڇيائينس تہ "ماني ڪائي آيو آ هين؟" گوپال چيس تہ "نہ. مون کي بک ڪانہ آهي، اڄ مون کي ڪاٺو ئي ڪونهي." هرلعل چيو تہ "ائين وري ڪيئن ٿيندو" ائين چئي، يڪدم وڃي ماءُ کي چئي آيو تہ "امان گوپال آيو آهي، تنهن جي لاءِ ماني پائي ڏي" اهو ٻڌي مائي ڏاڍي سرهي ٿي يڪدم ماني پائڻ اُٿي. هرلعل ڪپڙا مٽائي، هٿ منهن ڌوئي، گوپال وٽ اچي وينو. اول ڪجهہ هٽڪيو پر پوءِ گوپال جي ڪلهي تي هٿ رکي، آهستي آهستي چوڻ لڳس تہ "گوپال هي نهي تہ ڪونہ ٿو. پيءُ سان

جهيڙو ڪري گهر ڇڏڻ توکي نٿو سونهي.“ گوپال ڇرڪ ماري، اُٿي ڪڙو ٿيو. چوڻ لڳو تہ ”جي توهان کي تڪليف ٿيندي هجي تہ مان ستيش جي گهر وڃي ٿو رهان.“ هرلعل هٿ کان جهلي چيس تہ ”ترس، ڪجهہ کائي وڃ.“ گوپال غصي ۾ چيو تہ ”نہ. مون کي ڪاٽو ڪونهي.“ هٿ ڇڏائي، ڪمري کان ٻاهر آيو. ايتري ۾ هرلعل جي ماءُ پٽ لاءِ جا ماني ٺاهي هئي، سا گوپال جي واسطي پائي کڻي آئي هن کي ويندو ڏسي، پڇيائينس تہ ”ڪاڏي ٿو وڃين پٽ؟“

گوپال چيس تہ ”مون کي ڪم آهي، مان وڃان ٿو.“

مائيءَ چيس تہ ”مان ائين ڪين وڃڻ ڏينديسانءِ.“ ائين چئي، تڙتڪڙ ۾ اُتيئي دالان ۾ صندلي وڇائي، گوپال کي هٿ کان جهلي، پاڻ کارائڻ ويٺيس. گوپال ڪاوڙ وچان کائڻ جي نہ پيو ڪري. ايتري ۾ ٻاهر در وٽ گاڏيءَ بيهڻ جو آواز ٿيو اڳيان پٺيوالو ۽ پنيان اڏرابو ڏاڪڻ چڙهي مٿي آيا گوپال جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. هرلعل جي ماءُ اندر هلي ويئي. اڏرابو پٽ جي اڳيان بيهي، جوش وچان هرلعل ڏي نهاري، چوڻ لڳو تہ ”هاڻ سمجهيم رتيڪانت مون کي شروع ۾ ئي خبردار ڪيو هو پر مون ڪونہ ڄاتو تہ ڪو تنهنجي پيٽ ۾ ايترو مطلب هوندو. تون ڀانئين ٿو تہ منهنجي ڇوڪر کي ڦاسائي، سندس ڪنڌ ڀڃي ڪائيندين. پر ياد رکجانءِ، مون سان ڪم اٿئي تون مون کان پٽ کسڻ وينو آهين. مان توتي دعويٰ ڪندس، توکي ڪاٺ ۾ وجهائيندس. تڏهين آرام ايندم.“ ائين چئي، پٽ کي چيائين تہ ”هل، اُٿ.“ گوپال ماٺ ڪري پنيان ڏاڪڻ لهي ويو. انهي ڏينهن هرلعل جو کاڌو ئي حرام ٿي ويو.

(8)

هن ڀيري هرلعل جي آفيس ڀڃاڙيءَ مان اَن خريد ڪرڻ شروع ڪيو. انهي لاءِ هرلعل کي هر ڇنڇر صبح جو سويل ست اٺ هزار رپيا ساڻ کڻي ڳوٺن ۾ وڃڻو پوندو هو. دلالن کي هٿو هٿ نقد پيسا ڏيڻا پوندا هئس، سو ڪجهہ نوٽن ۽ رپين جون ٿيلهيون ساڻ ڪري ويندو هو هفتي جو حساب ملائي هلندڙ هفتي جي خريديءَ لاءِ اتي جي آفيس ۾

پيسا چڏي ايندو هو. ساڻس گڏ آفيس جا ٻہ پٽيوالا بہ ويندا هئا. هي ڏسي، ڪلارڪن ۾ چرپر هلي تہ هرلعل کان ضمانت صاحب کانہ ورتي آهي، پر صاحب سڄي جوابداري پنهنجي سر تي کنئي، چوندو هو تہ هرلعل واسطي ضمانت جو ضرور ڪونهي.

مانگهہ ۾ ڪم شروع ٿيو ۽ چيٽ لنگهي ويو. خريداري ختم نہ ٿي هرلعل ڪم ۾ مشغول. سو رات جو گهر دير سان موٽندو هو هڪڙي ڏينهن رات جو ماءُ کان خبر مليس تہ گوپال ڏينهن جو آيو هو. ماڻس آدرياءُ سان ڪارائي پياري روانو ڪيو هوس. مائيءَ جو پريم گوپال ڏانهن وڌيل ڏسڻ ۾ آيو خير بہ ٿي ڏينهن نبري ويا. هرلعل جي ماءُ چيو: ”گهر ۾ ويچاري ڪي ماءُ ڪانهي، تنهن ڪري دل نٿي لڳيس. مان گوپال کي تنهنجو ننڍو ڀاءُ ۽ پنهنجو پُٽ ڪري ليکيندي آهيان، هو بہ حب ڪري ايندو آهي. مون کي ”اما“ ڪري سڏي“ ائين چئي، چادر جي ڪنڊ سان اکيون اُگهيائين.

هڪ ڏينهن هرلعل سان گوپال جي ملاقات ٿي انهي ڏينهن هو هرلعل واسطي ترسي ويٺو ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي. گوپال چيو تہ ”بابو اڄ ڪالهہ اهڙو ٿي پيو آهي، جو گهر ۾ رهڻ مشڪل ڪري ڏنو اٿس. ٻڌو اٿم تہ ٻي شادي ڪرڻ وارو آهي منشي رتيڪانت مائٽي پيو ڳولي. سڄو ڏينهن هنن جي پاڻ ۾ صلاح مصلحت پيئي هلي. اڳي مان ڪٿي ويندو هوس ۽ گهر موٽڻ ۾ دير ڪندو هوس تہ بابي کي اونو ٿي پوندو هو. هاڻ تہ بہ چار ڏينهن گهر نہ موٽان تہ هن کي آسائش. منهنجي مُنهن تي شاديءَ جي ڳالهہ سنيالي ڪرٽي پوندي اٿس، سو منهنجو گهر ۾ نہ هئڻ ئي هن کي وڻندو آهي. شادي جي سچ پچ ٿي، تہ مان گهر ڇڏي ويندس، توهان جي ڪهڙي صلاح آهي؟ گهر کان مان آزاد ٿيڻ ٿو چاهيان.“

محبت وچان هرلعل جي دل پرجي آئي. مصيبت وقت ٻين کي ڇڏي، گوپال جو سندس آسرو ورتو تنهنڪري ٿوري خوشي بہ ٿيس. پر ماستر ويچاري جو وت ڪيترو جو هن کي بچائي سگهي؟

گوپال چيو تہ ”ڪيئن بہ ڪري جي ولايت وڃي باريسٽر ٿي اچان، تہ پوءِ هن گهپيءَ کان ڇٽي پوان.“

هرلعل چيو تہ ”اڌربابو موڪل ڏيندءِ؟“

گوپال جواب ڏنو تہ ”مان وڃان هليو تہ هو جيڪر ڇتي پوي. پر ڏن تي اٽس موهہ. سو پيسا ڏيڻ مشڪل پيا ٿينس. مڙيئي ڪا حرفت هلائڻي پوندي “

گوپال جي چالاڪي ڏسي، هرلعل مشڪي پڇيس: ”ڪهڙي حرفت هلائيندين؟“

گوپال: هينڊ نوٽ تي قرض ڪڍندس. پوءِ لهڻيدار مون تي دعويٰ ڪندا تہ بابي کي لاچار تي منهنجو قرض ادا ڪرڻو پوندو. هڪ واري انهن پيسن مان ولايت پهتس تہ خرچ پاڻيهي پيو موڪليندو.

هرلعل: پر توکي پيسا اُڌارا ڏيندو ڪير؟

گوپال: توهين پاڻ جيڪر ڪين ڏيئي سگهو؟

ماستر ويچاري کي حيرت وٺي ويئي. وات ڦاڙي چوڻ لڳو: ”مان!“ بي ڪا وائي واتان ڪانہ نڪتيس.

گوپال: توهان جو پٽيوالو تہ ، بين جون ٿيلهيون کڻي آيو آهي.

هرلعل کلي ڏنو. چيائين تہ ”جهڙو پٽيوالو تهڙا رپيا.“ ائين چئي، آفيس جي پيسن جي سڄي ڳالهہ گوپال کي سمجهايائين. چي هي پيسا فقط هڪ رات لاءِ مسڪين جي گهر جا مهمان آهن. صبح ٿيندي ئي ڇڙوڇڙ ٿيو وڃن.

گوپال: چڱو توهان جو صاحب مون کي قرض ڏيندو؟ بين ڪان وڌيڪ وياج ڏيندوسانس.

هرلعل: پڻهين جيڪڏهن ضامن پوي، تہ پوءِ منهنجي سفارش سان شايد ڏئي بہ.

گوپال: بابو جي ضامن پوڻو هجي تہ پئسا ڪين ڪدي ڏئي؟

اهو بحث اتي ئي پورو ٿيو. ماستر من ۾ سوچڻ لڳو تہ مون وٽ ڪجهہ هجي ها تہ جيڪر ضرور ڏيانس ها. زمين ملڪيت ڪا هجي تہ اها بہ ڪڻي وڪڻي ڏيانس. پر ڇا ڪريان؟ نڪو اٿم زر زيور نڪا ٻي ڪا ملڪيت.

(9)

جمعي جي شام جو هرلعل جي در وٽ هڪ وڏي عاليشان گاڏي اچي بيٺي. گوپال گاڏيءَ مان لٿو هرلعل جي پٽيوالي هن کي جهڪي

سلام ڪيو ۽ بابوءَ کي خبر ڏيڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو مٿي چڙهيو. هرلعل اوڏي مهل پنهنجي سمهڻ جي ڪوٺيءَ ۾ پٽ تي ويهي، ربيا ڳڻي رهيو هو. گوپال بہ اتي اچي حاضر ٿيو نئين ناٽ ۾ هو ڍاڪا جي ڌوتي ۽ چادر چڍي، سوٽ بوٽ پهريو هئائين. مٿي ۾ ايوننگ ڪيپ، هٿن جي آڱرين ۾ هيرن جون منڊيون، صدريءَ ۾ سوني واچ، چين بہ سوني، ٻانهن جا ٻيڙا جڙتي، ڪوٽ جي اندران جڻ ليٽا پيا پائين.

هرلعل حيرت ۾ پئجي ويو ربيا ڳڻڻ ويس وسري. پڇيائينس: ”رات جو هيڏي مهل هي ويس ڇو پاتو اٿئي؟“

گوپال: پرينهن آهي بابي جي شادي. مون کان ڳالهہ گهٽو ئي لڪائي ويئي، پر مون کي پتو لڳي ويو. سو بابي کي چيم تہ ڪجهہ ڏينهن مان براڪپور جي باغيچي ۾ وڃي ٿو رهان. اهو ٻڌي، خوش ٿي موڪل ڏني اٿس. هاڻ وڃان ٿو باغ ۾. دل نٿي چويم تہ ڪو موٽي اچان. پڄيم ها تہ هوند گنگا ۾ ٽپي ڏيئي مران ها.“ ائين چوندي اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو. هرلعل جو ڪليجو جڻ تہ ڪاتيءَ سان ڪپجڻ لڳو. پرائي زال اچي ماءُ جو گهر، ماءُ جو کٽولو، ماءُ جو هنڌ والاري وهندي ۽ جنهن گهر ۾ گوپال هميشہ اوَج سان نپنو، اهوئي گهر پرديس ٿي پوندو. اهي خيال ماستر جي مغز ۾ اچڻ لڳا. سوچڻ لڳو تہ دنيا ۾ دک رڳو غريبن لاءِ ڪونهي. شاهوڪارن جي بہ دکن جو شمار ڪونهي. خير دوست کي دلاسو ڏيڻ گهرجي، اهو خيال ڪري هٿ ڪلهي تي رکيائينس. هٿ رکنديئي من ۾ انديشو پيدا ٿيس تہ اهڙي غم ۾ هيترا سينگار! ماستر کي منڊين ڏانهن نهاريندو ڏسي، جوان هن جي من جو سوال سمجهي ورتو. جهٽ چيائين: ”هي منڊيون منهنجي ماءُ جون آهن.“ اهو ٻڌي هرلعل کي گهٽو ڌڪ ٿيو. اکين ۾ پاڻي پري آيس.

ٿوري دير کان پوءِ پڇيائينس: ”گوپال، ڪجهہ کاڌو اٿئي؟“

گوپال: ها، توهان اچا ڪونہ کاڌو آهي؟

هرلعل: ربيا ڪٽي تجوڙيءَ ۾ بند ڪرڻ کانسواءِ مان هتان چري ڪين سگهندس.

گوپال: توهين ڪائي اچو. مون کي توهان سان گهڻيئي ڳالهيون ڪرڻيون آهن. امان توهان جي ڪاڻ سيڙي وڃي آهي، مان هٿ ويٺو آهيان.

هرلعل ٿورو هٽڪيو، پوءِ چيائين: ”چڱو مان اجهو ٿي ڪائي ٿو اچان.“

هرلعل جهٽ پٽ ماني ڪائي موٽيو ماڙس بہ ساڻس آئي. گوپال مائيءَ کي پيرين پيو مائيءَ آسيس ڏنيس. هرلعل واتان سچي خبر ٻڌي ڇاتي ڇچڻ لڳيس، ارمان اهو ٿي تہ ڪنهن بہ طرح مدد نہ ٿي ڪري سگهيا. جان ڏيئي بہ جي هن جي سهائتا ڪري سگهن ها تہ ڪن ها.

چؤطرف رپيا چڙوچڙ رپيا هئا، وچ ۾ ويهي ٽيئي گذريل زماني جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ماستر ۽ شاگرد جي حياتي ڪيترو وقت گڏ گذري هئي. گهڻيون ڳالهيون سندين هڪ ٻئي ۾ ڳتيليون هيون. ڳالهين ڪندي ڪندي گوپال جي ماءُ، ماستر تي محبت جو مينهن وسايو هو، انهي جون بہ آڪاڻيون نڪرڻ لڳيون.

رات گهڻي گذري ويئي اوچتو گوپال واچ ڏسي، ٽپ ڏيئي اُٿي ڪڙو ٿيو چيائين: ”جي وڏيڪ ترسبو تہ ٽرين گسي ويندي.“ هرلعل جي ماءُ چيو: ”بابا، اڄوڪي رات هتي ئي ٽڪي پوَ. صبح جو هرلعل سان گڏجي وڃج.“ گوپال نيزاريءَ سان چيو: ”نہ اما، هن دفعي معافي ڏيو ٻئي ڪنهن وقت وري ايندس، اڄ رات جو ضرور وڃڻو آهي.“ هرلعل کي چيائين: ”واچ ۽ منديون باغيچي ۾ ڪٽي وڻ ۾ جوکو آهي، توهان وٽ ئي رکي ٿو وڃان. موٽندي کڻي ويندس. توهين پنهنجي پٽيوالي کي چئو تہ منهنجي گاڏيءَ مان بئگ کڻي اچي انهي ۾ هي سڀ وجهي رکي ويندس.“

پٽيوالو گاڏيءَ مان ٿيلهي کڻي آيو. گوپال پنهنجي چين، واچ، ڀيڙا ۽ منديون سڀ لاهي انهي ۾ وڌا. هرلعل ٿيلهي کڻي، اتي جو اتي تجوڙيءَ ۾ رکي. گوپال هرلعل جي ماءُ کي پيرين پيو، مائيءَ آسيس ڪيس. ”ماتا راني تنهنجي ماءُ جيان رکوالي ڪندي“ انهي بعد گوپال هرلعل کان پيرين پئي موڪلايو اڳي ڪڏهين بہ اهڙي طرح پيرين ڪونہ پيو هوس. هرلعل جي واتان لفظ نڪرڻ مشڪل، سو پٺيءَ تي هٿ رکي، هن سان گڏ هيٺ لٿو. گاڏيءَ جون ٻتيون ٻريون، گهوڙا ٽپ ٽپ ڪرڻ لڳا. ڪلڪتي جي بجليءَ جي روشنائيءَ ۾ گاڏي گوپال کي کڻي گم ٿي ويئي. هرلعل پنهنجي ڪمري ۾ اچي، گهڻي مهل تائين

ماٺ ڪري ويهي رهيو پوءِ ٽڏو ساهه پري، رپيا ڳڻي، ڳوٿري ۾ پرڻ لڳو نوٽ اڳ ۾ ڳڻي تجوريءَ ۾ رکيا هئائين.

## (10)

تجوريءَ جي ڪنجي وهاڻي هيٺان رکي، هرلعل انهي ئي ڪمري ۾ سمهي رهيو ننڊ چڱي ڪين آيس. خواب لڌائين تہ گوپال جي ماءُ پردي پٺيان وڏي واڪي سان هن کي ڌمڪائي رهي آهي. اکر صفا ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيا. رڳو انهي آواز سان گڏ گوپال جي ماءُ جي مٺين جي هيرن موتين مان اڇا، ساوا، ڳاڙها وغيره رنگ سورج جي ترورن جيان چيري ٻاهر ليئا پائڻ لڳا. سپني ۾ هرلعل گوپال کي سڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وات مان آواز ڪونہ نڪتو. ايتري ۾ هڪ وڏو آواز ٿيو ۽ پردو هيٺ ڪري پيو. انهي آواز تي هرلعل جي ننڊ ڦٽي ۽ اکيون کولي ڏٺائين تہ اوندهہ انڌوڪار لڳو پيو آهي. بتي وسامي ويئي هئي. هرلعل جو سڄو بدن پگهر سان پرجي ويو جهٽ پٽ اُٿي، بتي ٻاري واچ ۾ ڏٺائين تہ چار لڳا آهن. وڏيڪ ننڊ ڪرڻ جو وقت ڪونہ رهيو جو پيسا ساڻ کڻي، اڄ ڳوٺن ۾ وڃڻو هوس. هرلعل هٿ منهن ڌوئي پنهنجي ڪمري ۾ موٽيو ماڻس پڇيو: ”بابا، اُٿيو آهين؟“

هرلعل ماتا جي درشن ڪرڻ لاءِ اندر وڃي ماءُ کي پيرين پيو. ماڻس من ۾ آسيس ڪيس ۽ چيائينس: ”بابا، مون اڄا هينئر خواب لڌو تہ ڪنئار گهر ۾ آئي آهي. پوئينءَ رات جو سپنو اجايو نہ ويندو.“ هرلعل ڪلي پنهنجي ڪمري ۾ ويو. رپين ۽ نوٽن جون ٿيلهيون تجوريءَ مان ڪڍي، ننڍي پيتيءَ ۾ پرڻ لڳو. اوچتو بيهي ويو. ساهہ سڪي ويس. نوٽن جون بہ ٿيلهيون خالي، ڀانيائين تہ سپنو آهي. ٿيلهيون زور سان تجوريءَ تي ڦهڪائي هٿي ڏٺائين، پر خالي ئي خالي. وري بہ اجائي اُميد رکي، ٿيلهين جا پٽا کولي، هٿ وجهي اندر ڏٺائين. هڪ ٿيلهيءَ مان بہ پرچيون نڪتيون: گوپال جي هٿ جون لکيل- هڪ هرلعل ڏي، ٻيو پنهنجي پيءُ ڏي.

پنهنجي پرچي کولي پڙهڻ لڳو. اکين اڳيان اونده اچي ويس. ڀانيائين تہ سوجهرو پورو ڪونهي، سو بتيءَ جي وٽ مٿي ڪيائين.

جيڪي پڙهي، سو سمجهه ۾ ئي نـ اچيس ڇڻ تـ مادري زبان ئي وسري ويئي هئس.

ڳالهه هيئن هئي، گوپال ٽن هزارن جا نوٽ ڪٽي ولايت روانو ٿيو صبح جو جهاز ڇٽڻ وارو هو. هرلعل جنهن وقت ماني کائڻ ويو اوڏي مهل هي وئل وهيو. گوپال خط ۾ لکيو هو تـ "بابي ڏي چٺي لکي اٿم، سو قرض ادا ڪندو. تنهن ڪانسواءِ ٻئگ ڪولي ڏسندؤ تـ منهنجي ماءُ جا مٽيا آهن. قيمت جي مون کي خبر نـ آهي، پر سمجهان ٿو تـ ٽن هزارن کان متي ٿيندا. امان اڄ جيئري هجي ها ۽ بابو ولايت جو خرچ نـ ڏئي ها، تـ هوءَ هي مٽيا وڪٽي بـ منهنجي پورائي ڪري ها. امان جا مٽيا ٻئي ڪنهن کي ملن، اها ڳالهه مون کان سٺي نـ ويئي: جيئن تيئن ڪري هٿ ڪيم. بابا جي پيسن ڏيڻ ۾ ويرم ڪري تـ توهين بلاشڪ هي مٽيا وڪٽي يا ڳهه رکي، پيسا پيدا ڪجو. مٽيا منهنجي ماءُ جا آهن، ٻئي ڪنهن جو واسطو ڪونهي." پيون بـ گهٽيون ڳالهيون چٺيءَ ۾ هيون.

هرلعل ڪمري کي قلف پائي، يڪدم گاڏي ياڙي ڪري، گنگا جيءَ جي بندر ڏانهن هليو. گوپال جنهن جهاز ۾ ويٺو هو انهي جي نالي جي بـ خبر ڪانـ هئس. بندر تي پهچندي خبر پيس تـ ٻـ جهاز صبح جو روانا ٿي ويا. ٻئي انگلينڊ ڏانهن ويٺا هئا. پر ڪهڙي جهاز ۾ گوپال هو اهو پتو پوڻ مشڪل، جهازن کي موٽائڻ سو بـ مشڪل.

بندر تان گهوڙي گاڏي گهر موٽڻ لڳي، هيڏانهن سورج پنهنجي روشنائيءَ سان شهر کي سجاڳ ڪيو. پر هرلعل جي اکين اڳيان اوندهـ، هوش حواس گم، هردي ۾ نراسائي. هن موتمار آفت مان ڪيئن نڪربو انهي کان سواءِ ٻيو ڪو خيال من ۾ نـ رهيو. گاڏي گهر پهتي. جنهن گهر ۾ سندس ماتا جو واس هو، جتي پهچڻ شرط سڀ ڏک دور ٿي ويندا هئا، ڏينهن جا ٿڪ پڄي پوندا هئا، اڄ انهي گهر اندر گهڙڻ ۾ انديشو! گاڏي واري کي ياڙو ڏيئي، خوف ۽ نااُميديءَ جو بوجو کٽي، اندر گهڙيو. جيجل ماءُ در ۾ اکيون پائي ويٺي هئي. پڇيائينس: "ٻچا، هيڏي مهل ڪاڏي ويو هئين؟" هرلعل جواب ڏنو: "امان" ڪلڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر بيهوش ٿي ڪري پيو. "هي ڀڳوان، هي ڇا ٿيو!" ائين چئي،

ماڻس جهٽ پٽ پاٽي آڻي، منهن تي ڇنڊا وڌس. ٿوري مهل پڇاڻان اکيون کولي واٽڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاري، اُٿي ويٺو. ماءُ کي چيائين: "امان، اجايو گوڙ شور نہ ڪر. مون کي ٿوري مهل اڪيلو ڇڏ." ائين چئي، يڪدم ڪوٺيءَ ۾ گهڙي اندران ڪڙو پائي ڇڏيائين. ماڻس در جي ٻاهران پٽ تي ويهي رهي. بنديل دروازي تي مٿو رکي، آهستي آهستي سڏڻ لڳي: "هرلعل، بابا هرلعل."

هرلعل جواب ڏنو: "امان، مان اجهو ئي ٿو ٻاهر نڪران، هينئر تون وڃ." ماڻس ائين ويهي جپ ڪرڻ لڳي. آفيس جي پٽيوالي در کڙڪائي چيو: "بابو، هينئر نہ هلندوَ تہ گاڏي ڪانہ ملندي." هرلعل اندران جواب ڏنو: "اڄ صبح جي گاڏيءَ ۾ ڪونہ هلبو." پٽيوالي چيو: "تڏهين ڪهڙي گاڏيءَ ۾ هلندؤ؟" هرلعل جواب ڏنو: "پوءِ خبر ملندءِ."

پٽيوالو مٿو ڌوڻيندو هٽ لوڏيندو هيٺ هليو ويو. هرلعل سوچڻ لڳو: هي حال اوريان ڪنهن سان؟ هيءَ تہ پڌري چوري ٿي، گوپال کي جيل ۾ وجهايان ڇا؟

اوچتو مٽيا ياد آيس، مٽين جي ڳالهہ ئي وسري ويئي هئس من ۾ آڻت آيس. پانيائين تہ بيڙي اچي ڪناري تي پهتي. ٻئگ کولي ڏٺائين تہ رڳو منڊيون، واچ ۽ بيڙا نہ هئا. انهن ڪانسواءِ بريسليٽ، لاڪيٽ، موتين جو هار، ڪنگڻ وغيره گهٽيون قيمتي شيون هيون. انهن جي قيمت ٽن هزارن کان گهٽو مٿي هئي. پر هيءَ بہ چوري هي سڀ شيون بہ تہ گوپال جون ڪونهن. ٻئگ جيستائين سندس گهر ۾ موجود، تيستائين خوف جو بادل مٿس هو. انهي خيال اچڻ شرط اڌرلعل واري پرچي ۽ ٻئگ کڻي ٻاهر نڪتو. ماڻس پڇيو: "بابا، ڪاڏي ٿو وڃين؟" هرلعل جواب ڏنو: "اڌر لعل جي گهر." ماڻس جي دل تان ڄڻ تہ وڏو بوجو لهي ويو. هن پڪ ڄاتو تہ ڪالهہ گوپال جي پيءُ جي شادي جو ٻڌو اٿس، تڏهانڪر ويچاري جو ننڊ آرام ڦٽي پيو آهي، گوپال سان ڪهڙو نہ پيار!"

ماڻس پڇيو: "اڄ تڏهين تون ڳوٺن ۾ ڪونہ ويندين؟" هرلعل "نہ" چئي، يڪدم ٻاهر نڪري ويو.

اڏرېابوءَ جي گهر پهچڻ کان اڳ پريان دهلن ۽ باجن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس. در ۾ اندر گهڙيو تہ سمجهيائين تہ شاديءَ جي شاد ماني اندران ئي ڪو وڳوڙ آهي. دروازن تي سخت پهرو بيٺل هو ۽ گهر مان نوڪرن چاڪرن کي ٻاهرنڪرڻ جي منع هئي. سيٺي جي منهن تي ڏپ ۽ چنتا پکڙيل هئي. هرلعل ٻڌو تہ رات جو گهڻا قيمتي مٺيا چورائجي ويا آهن. ٻن ٽن نوڪرن ۾ شڪ اچڻ ڪري هنن کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو هو.

هرلعل مٿي ڪنهڙي ۾ وڃي ڏٺو تہ اڏرلعل تتو لوهہ ٿيو وينو آهي، رتيڪانت ويٺي چلم ڇڪي. هرلعل چيو: ”توهان سان مون کي ڪا خانگي ڳالهہ ڪرڻي آهي.“ اڏرېابوءَ ڏمرجي چيو: ”تو سان ڳجهين ڳالهين ڪرڻ جو هينئر مون کي وقت ڪونهي. جيڪي چوڻو هجيئي، سو هتي ئي چؤ.“ هن ڀانيو تہ هرلعل هن مهل ڪا پيسن جي مدد گهرڻ آيو اٿم. رتيڪانت چيو: ”منهنجي اڳيان ڪجهہ چوڻ ۾ شڪ ٿيندو هجيو تہ مان اُٿي وڃان.“ اڏرېابوءَ بيزار ٿي چيو: ”تون وينو هج.“

هرلعل: ڪالهہ رات جو گوپال منهنجي گهر هيءَ بئگ ڇڏي ويو آهي.

اڏرلعل: بئگ ۾ ڇا آهي؟

هرلعل بئگ کولي هٿ ۾ ڏنيس. اڏرلعل واڪو ڪري چيو: ”گرو چيلو گڏجي هي واهہ جو ڪاروبار ڪيو اٿو. سمجهين ٿو تہ هي چوريءَ جو مال وڪڻندس تہ پڪڙجي ويندس، تڏهن کڻي آيو آهين مون وٽ. ڀانئين ٿو تہ ساڌپائيءَ جو ڪو انعام ملندو.“ تڏهين هرلعل گوپال واري پرچي هٿ ۾ ڏنس. پرچي پڙهي، اڏرلعل کي ٻاهہ وٺي ويئي. چيائين: ”مان پوليس ۾ خبر ڏيندس تہ منهنجو پٽ اجا پيرن تي بيهڻ نہ سکيو تہ تو هن کي چوري ڪري ولايت موڪلي ڇڏيو. ڏنا هوندئس پنج سو ۽ لکائي ورتا اٿيئي ٽي هزار. هي پئسا مان ڪونہ ڏيندس.“ هرلعل چيو: ”مون هن کي پئسا ڪونہ ڏنا.“ اڏرلعل پڇيس: ”تڏهين ڪٿان آندائين؟ تنهنجي صندوق کي ڪاٽ هنيائين ڇا؟“ هرلعل انهي سوال جو جواب ڪونہ ڏنو. رتيڪانت مشڪي چيو: ”ٽي هزار تہ پري رهيا. پر پڇوس تہ پنج سو ڪڏهين اکئين ڏنا اٿئي؟“

مٺيا لڌا. گوپال جي ولايت وڃڻ جي خبر پيئي گوڙ شور مچي ويو. هرلعل سڄو بوجو سر تي کڻي ٻاهر نڪتو. رستي تي پهتو تہ وايون ٻتال ٿي ويس ٻُڌتي ۽ خوف ۾ عقل حيران. ڪٿي وڃي ويهڪ ڪائينِدس، تنهنجو خيال ڪرڻ محال. وسوڙن وانگر گهر ڏانهن رخ رکيائين. گهر پهتو ڏٺائين تہ در اڳيان گاڏي بيٺي آهي. اول تہ ڏڪي ويو پر پوءِ ڪجهہ من ۾ آس تيڻ لڳس. ڀانيائين تہ گوپال موٽي آيو آهي، ضرور اهو ئي هوندو. اهو خيال ڪري، ڊوڙيو گاڏيءَ ڏانهن. گاڏيءَ ۾ آفيس جو هڪ صاحب ويٺو هو. هرلعل کي ڏسندي شرط صاحب گاڏيءَ مان لهي، هرلعل کي هٿ کان ورتي. گهر ۾ گهڙيو ۽ پڇيائينس تہ "اڄ ڳوڻن ۾ ڇو کين ويو آهين؟"

پٽيوالي کي ڪجهہ شڪ پيو تنهن وڏي صاحب کي جهٽ خبر ڏني. وڏي صاحب پنهنجي هڪ زبردست آفيسر کي پڇا ڳاڇا لاءِ موڪليو.

هرلعل جواب ڏنو: "ٽن هزارن جا نوٽ گم ٿي ويا آهن." صاحب پڇيس: "ڪاڏي ويا." هرلعل ڪجهہ جواب نہ ڏنو. رڳو ايترو چوڻ جي تہ "الائجي ڪيڏانهن ويا". همٿ ڪانہ رهيس. ماٺ ڪري ويهي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. صاحب چيس: "پيسا ڪٿي آهن؟ مون کي ڏيکار." هرلعل مٿي وٺي ويس. صاحب پيسا ڳڻيا. پوءِ گهر جون ڪنڊون، پاسا ڪمرا ڳولڻ لڳو. اهو ڏسي، هرلعل جي ماءُ پاڻ جهلي نہ سگهي. صاحب جي اڳيان ٻاهر نڪري، وياڪل ٿي پڇيائين: "اڙي هرلعل، ڇا ٿيو آهي؟" هرلعل جواب ڏنو: "امان، ڪجهہ رپيا چورائجي ويا آهن." ماڻس پڇيو: "چوري وري ڪيئن ٿي؟" جواب ڪونہ مليس. ڳولا پوري ڪري صاحب پڇيو: "هن ڪوٺيءَ ۾ رات جو ڪير هئا؟" هرلعل چيو: "در بند ڪري مان اڪيلو سمهيو پيو هوس، ٻيو ڪوئي ڪونہ هو." صاحب پيسا گاڏيءَ ۾ رکائي، هرلعل کي چيو :"چڱو هل وڏي صاحب وٽ." پٽ کي صاحب سان گڏ ويندو ڏسي، ماءُ رستو روڪي بيٺي. صاحب کي چيائين: "منهنجي پٽ کي ڪاڏي ٿو وٺي وڃين؟ مون پاڻ کي تسا ڏيئي، پيٽ کي پٽيون ٻڌي، هن کي پاليو آهي. هي ويچارو پرائي پئسي کي هٿ لائڻ مان ڇا ڄاڻي؟" صاحب ديسي ٻولي نہ سمجهي،

رڳو آچا، اچا ڪندو هيٺ لٿو. هرلعل چيو: ”امان، تون چو ٿي ماندي ٿين وڏي صاحب سان ملاقات ڪري، مان اجهو ٿو اچان.“ ماڻس ششدر ٿي چيو: ”صبح ڪان وني ڪاڏو ڪونہ اٿئي.“ انهي جو ڪو جواب نہ ڏيئي هرلعل گاڏي ۾ چڙهي وينو. گاڏي هلي ويئي. پنيان مائيءَ روئڻ شروع ڪيو.

**

وڏي صاحب هرلعل کي چيو: ”سچ ٻڌاءِ، ڳالهہ ۾ ڇا آهي.“

هرلعل: مون پيسا ڪونہ کنيا آهن.

وڏو صاحب: انهي ۾ مون کي شڪ ڪونهي، پر توکي ضرور خبر هوندي تہ ڪنهن کنيا.

هرلعل ڪو جواب ڪونہ ڏنو ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين.

وڏو صاحب: تڏهين توکي خبر ڪانهي؟

هرلعل: منهنجي جيئري منهنجي اڳيان تہ ڪوبہ هنن پيسن کي هٿ ڪونہ لائي سگهي ها.

وڏو صاحب: ٻڌ هرلعل، مون توتي ويساهہ رکي، ڪنهن بہ ضامن بنا هي جوابداريءَ جو ڪم توکي سونپيو. خبر هونديءِ تہ آفيس جا سڀ ماڻهو انهي جي برخلاف هئا. ٽي هزار رپيا ڪا چيز ڪانهي، پر مون کي ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوندو. اجوڪو ڏينهن توکي ڏجي ٿو. جيئن وٽيئي تيئن پيسا پيدا ڪر. پيسا پورا ٿيا تہ پٽڪو بہ ٻاهر نہ نڪرندو. تنهنجي نوڪري بہ هميشہ وانگر بحال رهندي

ايترو چئي، صاحب اُٿي ويو. يارهن لڳي ويا هئا. هرلعل ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪتو. آفيس جا منشي هن کي ڏسي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا.

هرلعل کي سڄو سارو ڏينهن سارو مليو. نااُميديءَ جي اوڙاهہ ۾ غوطن کائڻ لاءِ 24 ڪلاڪ وڌيا ”هاڻ ڇا ڪبو؟“ ائين سوچ ڪندي، هرلعل رستي تي اُس ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳو. نيٺ ”هاڻ ڇا ڪبو؟“ اهو ويچار بند ٿيو. پر اچ وڃ جاري رهي. ڪلڪتي جو شهر هزارن پتڪيلن کي اجهو ڏئي، سو هن ويچاري لاءِ بندي خانو ٿي پيو. ٻاهر نڪرڻ جي ڪا واهہ نظر نہ آيس. ماڻهن جو سڄو انبوهہ جڻ تہ هن

مسڪين کي چؤطرف گهيري بيٺو آهي. ڪوبہ سڃاڻندو ڪونہ هوس، نڪو ڪو ڪنهن جو ساڻس وير هو. ڇو جو جيڪو لنگهي، سو هن کي ٺيلهو ڏيندو وڃي. آفيس جا ڪلارڪ ٻاهر اچي، سوڊائون لمليٺون پيئڙ لڳا. ڪنهن هن ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ. ميدان جي ڪناري تي ڪي مسافر مٿي هيٺان هٿ رکي، پير تي پير چاڙهي، وڻ هيٺان ليٽيا پيا هئا. هوڏانهن رستي تي گاڏين ۾ مارواڙي عورتون گنگا گهاٽ تي وڃڻ لڳيون. هڪ ائڊريس تہ پڙهي ٻڌائج، هن کي پلا ڪهڙي خبر تہ هي بابو عام بابن جهڙو ڪونهي. هرلعل ائڊريس پڙهي ٻڌايس.

خير آفيس بند ٿيڻ جو وقت ٿيو. وڏا آفيسر موٽرن ۾ چڙهي روانا ٿيا. ڪلارڪ منشي ڪي ٽرامن ۾ ڪي پيدل، ناٽڪن جا نوٽيس پڙهندا، گهر موٽڻ لڳا. پر هر لعل واسطي نڪا هئي آفيس، نڪا آفيس مان موڪل، نڪا گهر وڃڻ لاءِ ٽرام جهلڻ جي تڪڙ. شهر جو ڪاروبار، جايون گهر، گاڏيون گهوڙا، اچ وڃ، راڪاس جيان ڏند ڪرٽي، هن ڏي شوڪي نهارڻ لڳا. ڪڏهن تہ وري هي سڀ هُلاچو هُل سپني جيان ڀاسڻ لڳس، ڪاڏو پيٽو سڀ حرام. اُس ۾ چڪر هڻندي سڄو ڏينهن ڪيئن نبري ويو انهي ڳالهہ جي بہ خبر ڪانہ رهيس.

رستن تي بجليءَ جون بتيون ٻرڻ لڳيون، جڻ تہ بيرحم انڌڪار شڪاري جانور جيان شڪار جي ڳولا ۾ هزارين اکيون ڦاڙي چؤطرف نهارڻ لڳو. رات ڪيتري گذري، انهي جو هرلعل کي هوش ڪونہ رهيو. مغز جون نبضون دڪ دڪ ڪرڻ لڳيون، مٿو ڦاٽڻ لڳو. بدن ۾ باهہ ٻرڻ لڳي، نيٺ پير ٻجهي ويا. سڄو ڏينهن من جو درد وڌندو ويو. تان جو من بہ ٻيهي ويو. تڏهين رڳو هڪ خيال: "ماءُ جو ڪهڙو حال ٿيندو." ڪلڪتي جي بيشمار جيون مان رڳو هڪڙو ئي نالو سُڪل نڙيءَ مان نڪري، ڇپ تائين آيو: "امان، امان." ٻئي ڪنهن کي سڏ ڪرڻ جي طاقت ڪانہ رهي. خيال ڪيائين تہ رات جڏهن اوندهہ انڌوڪار ٿيندي، جڏهن راهہ گناهہ بي عزتي ڪرڻ وارا ننڊ ۾ هوندا. تڏهن وڃي جيجل ماءُ جي گود ۾ آرام ڪندس.

ڀڳوان ڪري تہ اھا ننڍ اصل نہ ڪلي، سڄو ڏينهن گھر ڪونہ ويو. ڊپ اھو تہ متان منهنجي ماءُ جي اڳيان پوليس جو ماڻھو يا ٻيو ڪو اچي منهنجي بي عزتي ڪري.

خير ھاڻ تہ سرير جو بوجو ڪڻڻ ئي مشڪل. رستي تان ھڪ ياڙي جي گاڏي پئي لنگھي. بيھاريائينس. گاڏي واري پڇيو: "سائين، ڪيڏانھن ھلبو؟" ھرلعل چيو: "ڪيڏانھن ڪونہ. رڳو ھن ميدان ۾ چڪر لڳائڻا آھن." گاڏيءَ واري اعتبار ڪين ڪيو. ھن کي ويندو ڏسي، ھرلعل اڳواٽ ھٿ ۾ ھڪ رپيو ڏنس. گاڏي وارو ھرلعل کي چاڙھي، ميدان جي چوطرف ڦيريون پائڻ لڳو.

مسافر تتل مٿو ڪليل دريءَ تي رکي، اکيون پوريون. ٿورو ٿورو ڪري سڄو درد دور ٿي ويو. بدن سيتل ٿيو. من ۾ آنند ۽ سانت سمائجي ويا. چؤطرف ان آزاديءَ جا ارڪان نظر آيا. سڄو ڏينهن نہ واھہ نہ رستو، نڪو ڪو ھو سھارو نہ چوٽڪارو. بي عزتيءَ جو بوجو ڀاري، دک جو داستان جاري، ڪن ۾ سڀ سپنو ٿي ويو. پتو پوڻ لڳو تہ ڊپ سڀ اجايو ھو. سچ پچ تہ ڪجھہ بہ ڪونہ ھو. جنھن ڄار ھن جي حياتيءَ کي سوگھو ڪري، جھلي رکيو ھو، انھي جي ٻنڌڻ قبول ڪرڻ جو ھاڻي ھن صاف انڪار ڪيو. بس، ائين ڪندي ئي مڪتيءَ جو آنند آڪاس تي ڇانئجي ويو. ايشوري شانتي دنيا کي ويڙھي ويئي. ٻنڌڻ ٽُٽا، بند خلاص ٿيا. ھاڻ ڪنھن جي مجال آھي، جو ھن جي بي عزتي ڪري سگھي؟ شاھہ پاتشاھہ کي بہ طاقت نہ آھي، جو ھن جو وار بہ ونگو ڪري سگھي. جنھن ڊپ ۾ پاڻ کي پاڻيھي ٻڌو ھئائين، سو خودبخود ڪتجي ويو. پنھنجي آزاد ھينئين جي چؤطرف نھارڻ لڳو. ڏٺائين پنھنجي ماتا. اھا مسڪين ماتا وڌندي وڌندي عجب روپ ٿي ويئي، بي انت آسمان ۾ سمائجي ويئي. ڪلڪتي جون جايون گھر، گھٽيون رستا، ھٽ دڪان رفتي رفتي ھن روپ ۾ سمائجي ويا. ھڪ ھڪ ڪري تارا بہ روپ ۾ سمائجي ويا. آسمان پڻ اوڏانھين روانو ٿيو. ھرلعل جي من جو سڄو درد، سڄي چنتا، سڄو ھوش، ٿورو ٿورو ٿي انھي سروپ ۾ گھڙڻ لڳا. پاڻيءَ جو ڦوٽو صفا ڦاٽي پيو. ھاڻ نڪا رھي اوندھہ، نڪو رھيو سوجھرو، وچي رھيو ھيڪڙائي ھڪ.

ديول جي گھڙيال ۾ ھڪ لڳو. گاڏي واري ميدان ۾ گاڏي گھمائيندي گھمائيندي بيزار ٿي چيو: "بابو گھوڙو تہ وڏيڪ نٿو ھلي. ڳالھہ ڪر، ھلڻو ڪٿي اٿئي."

جواب ڪونہ مليو. ڪوچ باڪس تان گاڏي وارو لٿو. مسافر کي ڏوٽي پڇڻ لڳو: "ڪاڏي ھلڻو اٿئي؟" پر جواب ڪونہ مليو. گاڏي وارو ڏڄڻ لڳو. ڏٺائين تہ بابوءَ جو بدن سخت، ساھہ بيھي ويو آھي.

# گيت ڪهاڻيون

## وطن پرست اڳتي وڌ

”جيڪڏهن ڪو تنهنجو سڏ نٿو سڻي تہ تون اڪيلي سر اڳتي وڌ. جيڪڏهن توکي ڪو حال محرم نٿو ملي تہ پنهنجي مصيبت جو داستان پنهنجي اندر سان ئي اور.

جيڪڏهن تون بيابان ۾ آهين ۽ تنهنجا ساٿي توکي دغا ڏيئي ويا آهن تہ ذري بہ پرواهہ نہ ڪر. اگهاڙن پيرن سان ڪنڊن کي چيٿاڙي پيرن کي خون سان رڱي چڙ ۽ ڪن سرلا ڪري اڳتي وڌ.

جيڪڏهن رات اونداهي آهي. ڪو روشنائي ڪٿي تنهنجي رهنمائي ڪونہ ٿو ڪري، نہ ڪو توکي ترسائڻ لاءِ اجهو ٿو ڏئي.

تڏهن بہ اي بدنصيب وطن پرست همت نہ هار پنهنجي پاسريءَ جو ڪنڊو ڪڍي ان کي بجليءَ جيان روشن ڪري ان روشنيءَ ۾ اڳتي وڌ...“

## او نوجوان! او نوجوان!!

”اڙي او نوجوان، او منهنجا اڌ ڪچڙا، اڙي ابوجهہ، تون اڄ ۽ اڌ مئل بيڊڙن کي ڌڪ هڻي وري سجاڳ ڪر. اڄ لالائيءَ جي نشي ڪان مست پرڀات ۾ توکي ڪير ڪجهہ بہ چوي، تہ تون ڪا پرواهہ نہ ڪر ۽ سيني دليلن ۽ بحثن کي چيٽيءَ سان اڏائي تون پنهنجي پاڻ کي نچاءِ.

هي جيڪي وڏا وڏا سياڻا لوڪ آهن سي اهڙا انڌا ٿي ويا آهن جو ٻاهر نهارڻ ئي نٿا چاهين. هنن کي خبر ئي ڪانهي تہ لهرن جي زور ڪري خطرناڪ ٻوڏ سندن در تائين اچي رسي آهي. هو مٽيءَ ۾ پير رکي هلڻ ئي نٿا چاهين. هو مٿانهن بانسن جي منهن مٿا اچل آسڻ لڳائي بي فڪر ٿي وينا آهن.

مست آزاد راهہ گيرن جيان اڳتي وڌندا هلنداسين. اسين پوتر موت جو مستيءَ ڀريو گجدار رس نڙيءَ تائين ٽپ ڪري پيئنداسين ۽ هڪدم پنهنجي اڄ تائين جي ٽڪل ٽنل ۽ ساٽي ٿيل جيون جي دکن لعنتن ۽ ڌڪارن کي دور اڇلي ڇڏينداسين.“

## آجيان

هن ڀيري تون بسنت جي نشيدار لهرن تي نچندو ۽ نون گلن جي مکڙين کي چمندو نہ آيو آهين. هن ڀيري جهولندڙ جهڳٽن ۽ گونجار سان تنهنجو اچڻ نہ ٿيو آهي. تون ٻاجهارو آهين، ٻاجهارو آهين!

هن ڀيري تون پنهنجي خوفناڪ لهرن کي گجڪارن سان گونجائيندو سوڀاري سورهيہ جيان، فخر سان اوچي ڳاٽ ٻي پرواهہ ٿي آيو آهين. تو پنهنجي ترار جهڙن تکن منترن سان جيڪو نئون آواز بلند ڪيو آهي، تنهن کي مون سمجهو بہ آهي ۽ نہ بہ سمجهو آهي. تنهنجي جيءَ هجي، جيءِ هجي!

”نئين آشا (پريات) جي سونهري دروازي کلڻ ۾ اڃا ڪيتري دير آهي؟“ اوچتو جاڳي ڊنل ڌڪاري آواز سان پڇي رهي آهي. اوڙڪ جي وسڪاري لاءِ گڏ ٿيل ڪڪرن جي ڪارهن ۾ سوجهرو ڍڪجي ويو آهي، ڪوبہ نٿو ڄاڻي تہ رات باقي آهي يا نہ. پرٿويءَ جي حد ۾ گجدار لهرون لڳي رهيون آهن. انهن مان رهبر پڪاري رهيو آهي، ”نئين سمنڊ جي ڪناري ٻيڙي هاڪارڻي پوندي. ڪير آهن اهي جي ٻاهر نڪري آيا؟ پنيان امڙ روئي رهي آهي، دروازي تي بيٺل پياري اکيون ٽمڪائي رهي آهي، اوڙڪ جي گجگوڙ ۾ وڇوڙي جو هاهاڪار ناد وڄي رهيو آهي، گهر گهر آرام جي سيج سڄ تي ويئي آهي. حڪم ٿيو آهي، ”مسافرو ٻاهر نڪرو اڳتي وڌو بندرگاهہ تي ترسڻ جو وقت پورو ٿي ويو.“

## ناهي ويل وهڻ جي

”اسين سامهون اڳتي وڌون ٿا، ڪير آهي جو اسان کي روڪيندو؟ جيڪي ماٺهو پويان جي ڇڪ ۾ ڇڪجي پنتي هٽيا آهن، سي روئندا،

روئندا. اسين رت هاڻن قدمن سان رندڪن کي روڙيندا سين. اس توڙي ڇانو ۾ ڊوڙندا اڳتي وڌندا سين. جيڪي رڳو پنهنجي سرير جي خواهشن ۾ ڦاسي ڦرندا، سي روئندا، روئندا.

## بيعزتي

"اي منهنجا ڪم نصيب ديس! جن جي تو سدا بيعزتي پئي ڪئي آهي. توکي بہ هاڻي انهن جيان ٿي بي مانو ٿيڻو پوندو. جن کي تو انساني حقن کان محروم ڪري رکيو، جيستوڻيڪ هو تنهنجي اڳيان بيٺا رهيا، تڏهن بہ تو کين پنهنجي جهولي ۾ جاءِ نہ ڏني. توکي بہ هاڻي انهن جيان ٿي بي مانو ٿيڻو پوندو."

او انسان! تون انسان جي ڇهاءَ کان هميشه دور ڀڄندو رهئين. تون گهٽ گهٽ واسي ايشور کان نفرت ڪندو رهئين، هاڻي ايشور جي نفرت جي باهہ ۾ پئجي سڄي دروازي تي بيڪاري بنجي.

توکي سيني سان ملي ونڊي ورڇي کائڻو پوندو. بي عزتيءَ جي بازار ۾ توکي بہ هاڻي سيني جهڙو ٿيڻو پوندو.

--

تو پنهنجي اوچي آسن تان هنن کي جتي ڌڪي ڇڏيو،
پنهنجي طاقت جي بيعزتي ڪري تو هنن کي جتي نيڪالي ڏني،
سي هاڻ! پيرن ۾ ڪري متيءَ ۾ ملندا ٿا وڃن، انهيءَ هيٺاهينءَ ۾ لهڻ کانسواءِ تنهنجو ڇوٽڪارو نہ ٿيندو.
بيعزتيءَ جي بازار ۾ هاڻي توکي بہ هنن جهڙو ٿيڻو پوندو.

--

تون جن کي هيٺ ٿو ڪيرائين، اهي بہ توکي هيٺ تاڻيندا،
تو جن کي پٺتي رکيو سي توکي پٺتي ڇڪيندا،
تون جن کي بي علميءَ جي اونداهہ ۾ رکين ٿو،
انهن تنهنجي ڀلائيءَ کي ڍڪي توکي رواجن، قاعدن جو دان ڏنو آهي،
بيعزتيءَ جي بازار ۾ توکي بہ انهن جهڙو ٿيڻو پوندو.

--

انهن سو صدين کان بيعزتيءَ جو ڏکيو بار مٿي تي ڏسي.
تون انساني ايشور کي تڏهن بہ نمسڪار نٿو ڪرين؟
تون ڇا اڃا بہ اکيون هيٺ ڪري ڏسي نٿو سگهين تہ هو گمرهاه جيڪو هيٺ ڌوڙ ۾ لٿو آهي.
بيعزتيءَ جي بازار ۾ توکي بہ هاڻي هنن جهڙو ٿيڻو پوندو.

--

تنهنجي در تي موت جو شڪاري بينو پڪاري پر تون ان کي ڏسي نٿو سگهين.
هن تنهنجي ذات جي بيعزتي تي توکي پنڌو ڏنو آهي. جيڪڏهن سيني کي سڏين نٿو (پاڻ سان نٿو ملائين) تہ جدا ٿي پري. بيعزتي سان پاڻ کي چوڌاري وڪوڙي رک.
تڏهن مري شمشان جي رک ۾ ٿي سيني سان ملي هڪ ٿيندين.

## انصاف

اي راج اڌيراج (راجائن جا راجا) تو هر هڪ آدميءَ جي هٿ ۾ انصاف جي تارازي ڏيئي ڇڏي آهي.
تنهنجو اهو ڪم نهايت اوکو ۽ ڳورو آهي. اهو شل مان امرتا سان توکي سلام ڪري پنهنجن ڪلهن تي کڻي سگهان!
جڏهن تنهنجو اهو ڪم ڪريان تڏهن ڪنهن کان ڪڏهن بہ نہ ڊڄان!
اي جوشيلا (انصاف داتا) اتي مان تنهنجي حڪم سان سخت ٿي سگهان.
منهنجي زبان مان سچا گفتا تيز ترار جيان چمڪندا نڪرن جن ۾ تنهنجو سنيهو سمايل هجي.
پريو! تون مون کي ايترو ٻل ڏي، جيئن مان تنهنجي عزت رکان. تنهنجي ويچار جي تخت تي پنهنجي جاءِ پائي جيڪو بي انصافي ڪري ۽ جيڪو بي انصافي سهي تنهن کي تنهنجو ڌڪار ڪک جيان ترت ساڙي ڇڏي"

# ٻوڙي اڇو

”تہ ٻوءِ ٻوڙي اڇو! توهين سڀ ٻوڙي اڇو دور۔ گهڻو دور ملنداسين. ڪٿي هلنداسين. ڪيڏانهن ويندا سين؟“

اسين نتا ڄاڻون تہ ڪيڏانهن ويندا سين. هيءُ سامهون رستو جيڏانهن وٺي وڃي!“

”يائي، جيڪو جتي هجي (اتان ئي جڳت جي وهڪري ۾ وهي هلي. جيڏانهن هي سج ۽ چنڊ وڃي رهيا آهن. هلو تہ اوڏانهن هلون!“

